

ساٿِ سِکيا يا سماجي زندگي

مُصنف:

شيوارام نرسنگھداس ڦيرواڻِي

نظر ثانِي:

وِلي رام وَلڀ

kaptan abro

ساٿ سِڪيا يا سماجي زِندگي

مُصنف:

شيوارام نَرسِنگهداس ڦيرواڻي

نظرثاني:

وِلي رام وَلڀ

TRDP

ٿرديپ ڳوٺاڻو ترقياتي پروگرام

مٺي، ضلعو ٿرپارڪر، سنڌ

2011ع

ڪتاب جو نالو:	**ساٿِ سِکيا يا سماجِي زندگِي**
موضُوع:	سماجيات
مُصنف:	**شيوارام نَرسِنگهداس ڦيروائِي**
پيرائتي نظرثاني ۽ پرُوف:	**ولي رام وَلڀ**
ڇپائِي نُقطہ نِگاهہ کان سُونهائِيندڙ:	دليپ ڪوٺارِي
ڇاپو ٻيو:	ڊسمبر 2011ع
ڳاڻيٽو:	750 ڪاپيُون
ڪمپوزنگ ۽ لي آئُوٽ:	تيرٿ ايس. راٺوڙ
ٽِڪور پوش جِي چِٽرڪارِي:	ڪپتان ابڙو
گِرافِڪس ۽ سيٽنگ:	نعيم ديسوالِي
ڇپائيندڙ:	ٿرديپ ڳوٺاڻو ترقياتي پروگرام، نزد درگا هہ شاهہ۔ سِراڻ، پوسٽ آفيس مٺي۔ 69230، شهر مٺِي، ضلعو ٿرپارڪر سنڌ
فون نمبرز:	(0232) 261462,261661
فيڪس نمبر:	(0232) 261379
اِي ميل:	info@thardeep.org
ويب سائيٽ:	www.thardeep.org
ڇپيندڙ:	انٽيل ڪميُونڪيشنز حيدرآباد،
فون نمبر:	(022) 2721172

Title of Book:	**"Sath Sikhya OR Samaji Zindagi"**
Subject:	Sociology
Written By:	**Shewaram Narsighdas Pherwani**
Edited & Proofed by:	**Valiram Vallabh**
Printing Process & Look after:	Dileep Kothari, M&E Section
Composing & Layout:	Teerath S. Rathore
Copy Shared for Reprint:	Z.I Junejo, COO-TRDP
Ultimate Production Approval:	Sono Khangharani, CEO –TRDP
Edition:	2nd, December 2011
Copies:	750
Published by:	Thardeep Rural Development Programme-TRDP Mithi-69230, District Tharparkar, Sindh
Printed at:	Intel Communications, Hyderabad. Tel: 022-2721172

نوٽ: هن ڪتاب جو پهريُون ڇاپو "ساٿِ سِکيا يا ٻِنگَتِي جِيوَنَ" جي نالي سان آٺُ ڏهاڪا اڳ آگسٽ 1927ع ڌاري نئين سنڌِي لئبرِري جي 44- هين ڪتاب طور، ٻِلوُنسڪِي پريس، حيدرآباد مان ڇپجي شِڪارپُور سنڌ مان پڌرو ٿيو هو.

انسان جي رُوحانيءَ ۽ جسماني ترقيءَ جو اَمُلهه دَستاويز

ترديپ جي سِنڌي اِشاعتي سلسلي جو زيرِ نظر ڪتاب "ساٿ سِکيا يا سماجي زندگي" پروفيسر شيوارام نرسنگهه داس ڦيرواڻي، شِڪارپُوري جو لکيل مُنڍي صديءَ کان وڌيڪ پُراڻو هڪ اهڙو اَملهه دستاويز آهي، جنهن جو چڱو خاصو مواد اَجوڪي سنڌ جي سماجي حالتن سان پڻ خُوب ميل کائي ٿو ۽ ڳوناڻي ۽ شهري سُڌاري جي عمل ۾ سرگرمين جي ڏس ۾، سنڌيءَ ۾ جوڙيل هن ڪتاب مان رهنمائيءَ جا ڪي رستا، ويچار جُون ڪي واٽُون ۽ پِنگتَ سَنوارڻ جا ڪي پيچرا اَڄ به ماڻي سگهجن ٿا.

پروفيسر ڦيرواڻيءَ جي هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پهريان، اسان کي گڏيل مُلڪ ۽ ورهاڱيءَ کان اڳ واري سنڌ جو سماجي منظرنامو ذهن ۾ رکي پوءِ مُطالعي کي اڳتي وڌائڻو پوندو تڏهن ئي اُن وقت جي معرُوضي حالتن ۾ هِن ڪتاب جي ڪارج ۽ اهميت جو صحيح اِدراڪ ڪري سگهبو. باقي هن ڪِتاب ۾ سماجي سُڌاري ۽ انسان جي رُوحاني ۽ جسماني ترقيءَ جا جيڪي به اُصول ۽ نظريا توڙي تجوِيزُون ۽ حل ڪتب آندا ويا آهن، سي اَڄ سُوڌو سُودمَند، ڪارائتا ۽ ڪارآمد چئي سگهجن ٿا.

اضافي اِهو ته ترقياتِ جي دُنيا جي مُڪمل گِلوسَريءَ کي مقامِي بجاءِ عالمِي تناظر، ترقي بنهي نوع انسان ۽ بنهي جِنسن لاءِ هڪجهڙي سماجي انصاف جي آدِرشن هيٺ سؤ سيڪڙو مَيتا ڏيئي، جيئن جو تيئن اکين تي رکڻ وارن کي تي سگهي ٿو ته هن ڪِتاب جُون جنسِ مؤنث تي وڌيڪ ذميواريُون وجهڻ واريُون ڪي بنهه توريُون ۽ معمُولي ڳالهيُون يا وري اصطلاح نه به آئڙن، اُن لاءِ جيڪڏهن مشرقِي مُعاشري ۽ زمينِي حقيقتن واري وِچٿري واٽِ اختيار ڪئي ويئي ته هن ڪِتاب جو آيياس اسان کي گهڻو ڪُجهه آڇيندو. ٻي طرف هيءُ ڪتاب عورت جي مان مرتبي ۽ حد کان وڌيڪ عزت احترام ۽ بااختياريءَ جي جابجا ساک ڏي ٿو.

گڏيل، ڪٽنب ۽ ساٿ واري سِڪيا ۽ عمل تي زور ڏيندڙ هن ڪتاب جو مُڪمل محور 'اِنسان' ۽ اُن سان لاڳاپيل 'سماج' جو وڏ ڪان وڏ رُوحاني ۽ اخلاقي سُڌارو آهي. هُونئن رُوحانيت جو اصطلاح حقن جي اڪثر عالمي پڌرنامن ۾ پڻ شامل آهي. رُوحاني آسُودگي ئي انسان جِي ترقِيءَ جو اصل حاصل آهي.

مانواري شِري شيوارام نرسنگهه داس ڦيرواڻِي هن ڪِتاب ۾ سماجِي سُڌاري جا جيڪي ئي وڏا اصُول بيان ڪيا آهن، اُنهن ۾ سِکيا، تنظِيمُون ۽ سهڪاري مُعاشِي سِرشتو (Co-Operative Economy) اِڇي وڃن ٿا. ڳوناڻِي سهڪارِي رِٿائن ۽ غير سرڪارِي تنظِيمن جي سماجِي جاڳرتا واري بينر تحت، اَڄُ اسان تنظِيمڪارِي، اَنسانِي وسيلن جِي ترقِي ۽ گڏيل مُوڙِي ۽ آٿاڻ جوڙڻ واريُون جيڪي مُکيہ سرگرميُون ڪريُون ٿا، اُهي بہ ساڳين اُصولن جِي پڌرائِي ڪن ٿيون، فرق صرف ايترو ياڻِنجي جو اُن دور ۾ تنظيمن جو ڄار اڄ وانگي هيڪاندو ڳوٺن طرف ايترو ڦهلاءُ ڪري ڪونہ سگهيو هُوندو، ها باقِي شهرِي سُڌاري جُون ڪي آنجمَنُون ضرُور بَرپا ٿيل هُونديُون.

هِيءُ ڪِتاب سماجِي زندگِي، سماجِي زندگِيءَ جي مقصدن ۽ ضرُورتن، سماجِي وَرثي، انسانِي گُهرجن، سماجِي سُڌاري جي جُزن يا پهلُوئن، ڪُٽنبِي سُڌاري، تعلِيمي ۽ اخلاقِي سُڌاري، پاڙي، ڳوٺ، شهر ۽ مُلڪِي سُڌاري ۽ ٻين ڪيترن ئِي اهڙن موضُوعن تي وِيچارن جي مُختصر ۽ جامِع وَنڊِ وِرهاءُ ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ ڪونٽ، گيڊز ۽ مڪربِي جهڙن سماجِي فلسفين جا رايا بہ آهن تہ ڳوٺن، شهرن ۽ تنظِيمن کي ترقي وٺرائڻ ۽ انسانِي شخصي سُڌاري مُتعلق لاتعداد ڳُڻ ڳوتِ واريُون ڳالهيُون ۽ نُمايان نُڪتا شامل آهن. ثوري ۾ ايئن چئجي تہ هِيءُ واقعي پڙهڻ جهڙو ۽ هِيئَن سان هَنڊائڻ جهڙو ڪتاب آهي.

آخر ۾ ٿورا: سنڌ جي مانواري اِديب ۽ مُترجم سائين ولي رام وَليہ صاحب جا، جنهن هن ڪتاب جِي تفصيلي نظرثاني ۽ پرُوفن لاءِ پنهنجو قيمتِي وقت ڪڍيو.

خير انديش

سونو کنگهاراڻِي

چِيف ايگزِيڪِيُوٽِو آفيسر- ٽرڊيپ

ارپنا

سنڌ جي پراُپڪارِي پُرشن ۽
مِثالي سَماج سُڌارِڪَ شخصيتن:

- ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻِي
- رِشِي ڏيارام گِدُو مل
- ساڌُو هيرانند
- راءِ بهادر اوڌوَداس تاراچند
- سيٺ هرچند راءِ وشنداس
- جمشيد نسروانجي مهتا
- بابا مير محمد بلوچ
- مِسڪِين جهان خان کوسي
- ڊاڪٽر ڊريگو
- نندل 'ننڍن'
- ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻِي سُونهڙ
- ڊاڪٽر حاجِي شفيع مُحمد ميمڻ ۽ ٻين کي

_ د.ڪ (اعزازِي سُونهائِيندڙ)

ديباچو

هي ننڍو ڪتاب سنڌي پاٺڪن کي هڪ وڏي تعليم سان واقفيت ڪرائڻ تو چاهي. هي سمورو ڪتاب هڪ شروعات سمجهڻ گهرجي. هڪ هڪ باب ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهن کي پُوريءَ طرح بيان ڪرڻ لاءِ هُوند هڪ هڪ سؤ صفحن جو ڪتاب گهرجي. فقط شهري سُڌاري ۽ مُلڪ جي سُڌاري جي موضُوعن تي جيڪي ٻه ڪتاب مون انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ لکيا آهن تن مان هڪ هڪ ٽن ٽن سون صفحن جو آهي. سماجي تنظِيمن يا انجمنن کي سمجهڻ ۽ سُڌارڻ تي هڪڙو ڪتاب پيو لکان جو ٻه ايترو ئي ڊگهو ٿي ويندو. هن ڪتاب ۾ فقط هر هڪ موضوع جو مختصر خيالي خاڪو سنڌِي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جي اسڪولن ۾ سات سِکيا جِي شِرُوعاتي ڄاڻ ڏيڻ تمام ضروري آهي ۽ انهيءَ لاءِ اميد آهي تہ هي ڪتاب ڪمائتو ثابت ٿيندو.

اسان جي مُلڪ ۾ اعليٰ کان اعليٰ قسم جا انسان موجُود آهن; پر اسان جِي مجموعي زندگي ۽ طاقت تمام هيٺي ۽ ڪمزور آهي. سماجِي زندگيءَ جي لحاظ ڪري اسان جو اسان جو ڏيهہ تمام پوئتي آهي. سَياڻُون، مَنڊِليُون ۽ مجمُوعا ناهن.اُن ڪري جيڪي ڪُجهہ ڪري ٿو سگهجي، سو هتي ٿيندو ڏِسڻ ۾ نہ ٿو اچي. گڏيل طاقت ڪم آڻڻ سان هڪ هڪ ڳوٺ، هڪ هڪ شهر ۽ هڪ هڪ برادري جي حالت بهتر ٿي سگهي ٿي. گڏيل حياتيءَ کي سمجهڻ ۽ سُڌارڻ لاءِ اسان جي مُلڪ جي ماڻهن ۾ چاهہ پيدا ٿئي ۽ انهيءَ لاءِ ڪُجهہ عملي اشارا سندن دلين تي ويهن، تنهن لاءِ هيءَ ڪتاب

لکيو ويو آهي. شل منهنجا ديس واسِي پائر هن علم جي اصُولن مان واقف ٿي،
گهر گهر، پاڙي پاڙي، برادرِي برادرِي ۾ شهر شهر ۾ انساني ضرورتون وڏيڪ
چٽيءَ طرح سمجهڻ ۾ چڱي طرح پوريُون ڪرڻ جي ڪوشش ڪن!
جيڪڏهن سندن دل هوندي ۾ اجازت ڏيندا تہ وڏيڪ تفصيل سان هڪ
هڪ موضُوع تي جُدا جُدا ڪتاب لکڻ جي ڪوشش ڪندس.

سماجِي سُڌاري جا مُکيہ اصول ٽي آهن. وڏي کان وڏو اُصول آهي
سِکيا جو سُڌارو ۾ واڌارو. سِکيا جا طريقا هر سال سُڌرندا ٿا وڃن، پر انهن
جي خيال رکڻ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ ڪافِي اُوچي کان اُوچي دل ۾ دماغ وارا
ماڻهو ۾ جماعتون ڪم ڪِين ڪري رهيون آهن. ٻيو اُصول آهي تنظِيمُون
(Organizations) _تنظيمن جي اصولن ۾ قسمن کي سمجهڻ ۾ ڪم آڻڻ
لاءِ بہ جيتري ڪوشش گُهرجي سا موجُود نہ آهي. ٽيون اُصول آهي سهڪاري
سرشتو (Co-Operative Economy). انهيءَ اصول جو بہ اسان پورو ڪم نہ
ورتو آهي. شهرن جي سڌارن لاءِ بوستاني شهرن جي تحريڪ تمام اعليٰ
تحريڪ آهي، جنهن مان بہ اسان جا مُلڪ واسي پوريءَ طرح واقف نہ آهن.
انهن سڀني ضرورتن ڏانهن هن ڪتاب ۾ اشارا ڏنل آهن. مون ڪوشش
ڪئي آهي تہ سولي کان سولي نموني ۾ هن نئين تعلِيم "ساڃ سِکيا"
(Sociology) جي عملي ۾ ڪارگر خيالن مان ديس جي پائرن کي واقف
ڪريان. جيڪي ڪتاب مون هن علم تي پڙهيا آهن، انهن منجهان ۾
پنهنجي خيال ۾ تجربي مان، جيڪي ڪجهہ اڄ تائين حاصل ڪيو اٿم، سو
مُختصر طرح تي پيش ڪيو اٿم. شل انهن خيالن کي منهنجا سِنڌي پائر
پڙهي سماجي-زندگيءَ کي وڏيڪ سمجهڻ ۾ سُڌارڻ جي ڪوشش ڪن!

شيوارام نرسنگهداس ڦيرواڻي
شڪارپُور سنڌ
26 _ آگسٽ، 1927

فهرست

باب پهريون:	سماجي زندگي ڇا کي چئجي؟	11
باب ٻيو:	انساني ضرورتون ۽ سماجي انتظام	15
باب ٽيون:	ڪٽنب جو مقصد ۽ سڌارو	22
باب چوٿون:	پاڙا ڪيئن سڌارجن؟	27
باب پنجون:	ڳوٺ سمجهڻ ۽ سڌارڻ	31
باب ڇهون:	شهر سمجهڻ ۽ سڌارڻ	38
باب ستون:	ملڪ ملڪ جو سڌارو	51
باب اٺون :	انجمنن (تنظيمن) کي سمجهڻ ۽ سڌارڻ	59
باب نائون:	پاڻ سڌارڻ ۽ ٻئي جي ڀلائي	66
باب ڏهون:	سماجي طريقا	74

باب پهريون

سماجِي زندگِي ڇاکي چئجي؟

- **ساٿ سِکيا**

هڪ نئون علم اڄ ڪلهہ تعليم يافتہ طبقي جي ڌيان کي ڇڪي رهيو آهي. اُن جو نالو انگريزيءَ ۾ آهي سوشِياڻاجِي (Sociology). اُن کي سنڌيءَ ۾ ڇا سڏجي؟ "ساٿ سِکيا" چئجيس تہ بہ ٺهي. سماجي سائنس چئجيس تہ بہ لُغت موجب پُورو نالو آهي، پر سماج لفظ سنڌيءَ ۾ ڪن خاص ننڍڙن سماجن سان لڳايو ٿو وڃي، جيئن تہ برهمو سماج، آريہ سماج، ديو سماج وغيره. جيڪڏهن سماج لفظ جِي اصلي معنيٰ انساني سماج، سڀني انساني مجموعن لاءِ سمجهي وڃي تہ سماجي سائنس هن علم لاءِ پُورو نالو ٿئي ٿو. هن علم جو مطلب آهي، انساني مجمُوعن کي سمجهڻ، ماڻهو ڪٺا ٿي ڪُٽنبن، پاڙن، ڳوٺن، شهرن ۾ ڪِيئن ۽ ڇو ٿا رهن؟ انهن ۾ قومي، ۽ ذاتي حِس ڪيئن ۽ ڇو ٿو پيدا ٿئي؟ قومون، ذاتيون، مُلڪ، شهر، ڳوٺ، پاڙا، ڪٽنب ۽ انسان ڪيئن سُڌري مُهذب ٿين ٿا؟ ڪيئن بِگڙن ٿا؟ اهڙين ڳالهين کي جاچڻ هن علم جو ڪم آهي. سندس سولي کان سولو نالو

منهنجي نظر ۾"ساٿِ سِکيا" ٿو سمجھ ۾ اچي. "ساٿِ سِکيا" جو مطلب آهي سماجِي زندگِي يا مجموعِي زندگيءَ کي سمجھڻ.

- **سماجِي زندگِيءَ جي ضرُورتِ**

اڪيلي سر اول تہ انسان پيدا نہ ٿو ٿي سگھي. هر هڪ انسان جي پئدائش سندس ماءُ پيءُ جي محبت ۽ ميلاپ مان ٿي ٿئي. پر پيدا ٿي وڃي تنهن کان پوءِ بہ هن کي ٻولي ۽ انساني رهڻي سکڻ لاءِ ساٿ جي مدد جي ضرورت آهي. انسان جي صحبت اندر اچڻ کان سواءِ هو نڪي ڳالهائڻ سکي ٿو سگھي، نڪي انساني کائڻ، پيئڻ، پهرڻ ۽ رهڻ جا رستا اختيار ڪري ٿو سگھي. ڪيترائي ڀار جن کي ٻگھڙ کڻي ويا هوا (هُئا) يا جهنگ ۾ اتفاق سان رهي ويا هوا، سي جانورن وانگي ڳو ڳون ڪرڻ کان سواءِ ۽ ريڙهين پائڻ ۽ ڪچو ماس ۽ ميوو کائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪين سکي سگھيا. انساني سنگ جي رنگ، ساٿ جي صحبت جي اثر ۽ انساني علم ۽ هنر جي سِکيا ۽ اڀياس کان سواءِ، انسان حيواني حالت ۾ ٿي رهجي ٿو وڃي. انسانِ سماج ۾ ٿي پلي سگھي ٿو ۽ سنگت ۾ سِکي سگھي ٿو ۽ اڀياس سان ٿي سندس اندريُون انسانِي طاقتُون کُلي ظاهر ٿي سگھن ٿيون.

- **سماجي زندگي ڇا کي چئجي؟**

اڪيلي سر انسان حيوان جي درجي کان مٿي نہ ٿو پهچي سگھي. ساٿ ۾ ٿي هو سِکيا پرائي انساني درجي کي حاصل ٿو ڪري سگھي. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ انساني روش سمجھڻ لاءِ، انسانِي ميڙن، گڏيل رهڻي، مجموعي زندگي يا سماجي جيون، کي سمجھڻ جي ضرورت آهي. ماڻهن جو ننڍي کان ننڍو ميڙ آهي سندن ڪٽنب ۽ وڏي کان وڏو ڪٽنب جو خيال ۾ اچي ٿو سگھي، سو آهي ساري انسان ذات. ننڍي هوندي ماءُ جو ساٿ، ٿورو وڏو ٿيو تہ راند جا سنگتِي، پاڙي جا ڀار، اسڪول ۾ ويندڙ شاگرد ۽ پوءِ ڳوٺ، شهر، مُلڪ جو ساٿ ، اهي سيئي ساٿ ماڻهوءَ تي اثر ڪن ٿا. ڳڻي حياتِي، مجموعي زندگي، سماجي جيون جو مطلب آهي ڪٽنبن جي حياتي، سنگتين جي حياتي، پاڙن جي حياتي، ڳوٺن جي حياتي ، شهرن جي حياتي، مُلڪ جي حياتِي، ساري انسان جي ذات جي حياتي. جيڪڏهن اسان کي انساني حياتي، سمجھڻي آهي، تہ اِها گڏيل حياتي ڪيئن ٿي شروع ٿئي،

ڪيئن تي وڏي، ڪُني، سُڌري، بگڙي، هيٺي تئي يا مضبوط تئي، انهن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

جڏهن بہ ڪي بہ ماڻهو ۽ ماڻهو لفظ ۾ زال، مُڙس، ٻار ٻُڍا سڀ داخل آهن، هڪ ٻئي سان ڪو بہ واهپو رکن ٿا، هڪ ٻئي جي نظر يا خيال ۾ اچن ٿا، ۽ هڪ جو اثر ٻئي تي تئي ٿو. تڏهن ڪني حياتيءَ جو مثال پيدا تئي ٿو. ٻن ڄڻن جي خيالي يا ظاهري ميل جول مان سماجي زندگيءَ جو بنياد شڙوع تئي ٿو. پوءِ ڪٺي هو هڪ ٻئي کان ڇرڪن، هڪ ٻئي سان وڙهن، هڪ ٻئي سان پرچن، هڪ ٻئي سان پيار ڪن، هڪ ٻئي سان همراهہ ٿين تہ ڪني حياتي شروع ٿي ڇُڪي. اتفاقي ۽ ٿوري وقت جي ميل جُول کانسواءِ ضروري ۽ گهڻي وقت تائين جا ميل جُول ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ مجموعي زندگي جا مثال هر هڪ جي اڳيان ظاهر آهن. جيئن تہ ڪُٽنب ، پاڙو نيات ، پنچائت، سماج، ڳوٺ، شهر، مُلڪ وغيره.

- **سماجِي ورثو**

ماءُ پيءُ کان جنم وقت ماڻهوءَ کي ملي ٿو زندگيءَ جي قوت جو ورثو پر انهيءَ جي وسيلي ماڻهو فقط جانور وانگر جِي سگهي ٿو. جنم کان پوءِ هڪڙي ٻئي ورثي ملڻ جي ماڻهوءَ کي ضرورت آهي، جنهن سان هو انسان تئي ٿو. اهو آهي سکيا جو ورثو ۽ سکيا جو ورثو سماجِي ورثو آهي. هڪ هڪ لفظ جيڪو اسين ڳالهيون ٿا، هڪ هڪ سائنسي سچ جيڪو ڪم آڻيون ٿا ۽ هڪ هڪ اوزار ۽ هُنر، رِيت ۽ رواج سماج جي ڪوشش سان نهيو آهي ۽ سماجي ورثي جو مثال آهي. اهو ڪنهن کي بہ ڄائي ڄمر کان حاصل نہ ٿو تئي، پر انساني سنگت ۾ سکڻ جي وجهہ (موقعي) ملڻ سان حاصل ٿو تئي. پر انساني سنگت ۾ سکڻ جي وجهہ ملڻ سان حاصل ٿو تئي. اِهو سماجي ورثو ڄائي ڄمر کان ٻار تي اثر ڪندو ٿو رهي. ريتائتي رهڻيءَ، سادِي مقصد کان سواءِ زندگيءَ، چڱن احساسن، ويچارن، ڨؤلن ۽ ڪرتوتن جو بُنياد ٻالپڻي کان وٺي پوندو ٿو رهي. اهي ماڻهو خوش قسمت آهن. اها قوم خوش قسمت آهي، جن جي ٻالپڻي ۾ ئي اِهو سکيا جو بُنياد پختيءَ طرح ٿو ٻجهي. ڪچيءَ ۾ ٻار کي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جون چڱيون عادتون سولائي سان وجهي ٿيون سگهجن. جيئن وڏو ٿيندو وڃي تيئن پهريائين تہ اُبتين عادتن ڪيڻ ۾ ئي گهڻي محنت تي وڃي ۽ ٻيو تہ سِکيا جو اثر وڏيڪ ڪوشش سان ٿورو مس ٿو تئي. ڪنهن قوم جو سچي سُڌاري جو بُنياد انهيءَ ريت

مائُرون وجهي ٿيون سگهن. سُلجهيلِ پڙهيل ماڻهو مائرن بنا، سڌريل اولاد مشڪل آهن. گهر گهر ماءُ پيءُ ڪچيءَ ڪان وٺي پنهنجن ٻارن کي ڪيئن سهوليت سان سهٽي سِکيا ڏيئي سگهن اهڙي ڪوشش ئي سچي سماجِي سُڌاري جو بُنياد آهي. انهيءَ لاءِ مون سُياوِيڪ ٻاراٽي سکيا تي ڪتاب لکيو آهي جيڪو بہ سماجي ورثي جو سنو مثال آهي.[واضح رهي تہ هيءَ ڪتاب پڻ ترِديپ طرفان ايندڙ سال پڌرو ڪيو ويندو.]

- **سماجي زندگي جو مقصد**

مجموعي مدد کان سواءِ ماڻهو سڌري نہ ٿو سگهي ۽ نڪي پنهنجون گُهرجُون سهوليت سان پوريون ڪري سگهي. هر هڪ کي ان پاڻ پوکڻو پوي، ڪپڙا پاڻ اُڻڻا پون، گهر پاڻ ٺاهڻا پون، پهرو پاڻ ڏيڻو پوي، تہ تمام گهڻي محنت سان تمام ٿورو سک حاصل ٿئيس. ساٿ جي سهائتا ۾ پورهئي جي ورڇ کان سواءِ انسان پنهنجون ضرورتون بہ پوريون ڪين ٿو ڪري سگهي. پر اڪيلي سر جيڪي ماڻهو لاءِ ناممڪن آهي سو هُو ساٿِ سِکيا جِي سهائتا سان حاصل ڪري ٿو سگهي. سماجِي زندگيءَ جو مقصد آهي انساني ضرورتون وڌيڪ سهنج سان، وڌيڪ سُٺي طرح ۽ وڌيڪ تڪڙيءَ طرح پُوريون ڪرڻ. اهي انساني ضرورتون ڪهڙيون آهن ۽ سماج جا ڪهڙا ڪهڙا حصا اِهي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪمائتا ٿين ٿا تنهن جو بيان ٻئي باب ۾ ڪيو ويندو.

انساني ضرورتُون ۽ سماجي انتظام

- **ماڻهن جا ميڙ**

سماجي جيون کي سمجهڻ جو سولو رستو ڪهڙو آهي؟ اڪيلو ته انسان حيوانن وانگر مس تو رهي سگهي تنهن ڪري ماڻهو هيمشه ڳوٺن يا شهرن ۾ هڪ ٻئي جي پرسان گهر ٺاهي تا رهن ۽ پورهئي جي ورڇ سان هڪٻئي جي سهائتا ڪري انساني سکيا، هنر ۽ سهوليتون حاصل ڪن ٿا. مجموعي زندگيءَ جي عام صورت ڳوٺ ۽ شهر آهن. شهرن کي جاچي ٿو ڏسجي ته وري پاڙي پاڙي، يا محلي محلي ۾ ورڇيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي محلا يا پاڙا ڄڻ ڳوٺن جي مثال آهن. وري انهن محلن، پاڙن، ڳوٺن کي جاچي ٿو ڏسجي ته انهن ۾ جدا جدا گهر ۽ ڪٽنب ڏسڻ ۾ ٿا اچن، جي هڪ جهڙن يا جدا جدا ڪمن ۾ لڳل آهن ۽ هڪ جهڙا يا جدا جدا عقيدو رکندڙ آهن. وري گهرن کي جاچي ٿو ڏسجي ته منجهن زالون مڙس، ٻار ٻچا، ۽ ٻڍا جوان، ڏسڻ ۾ پيا اچن. وري انهن کي جاچي ٿو ڏسجي ته اُهي سڀ پنهنجون ۽ هڪٻئي جون ضرورتون پوري ڪرڻ ۾ رڌل ڏسڻ ۾ اچن. ثابت ٿيو ته ماڻهو ڪٺا ٿين ٿا پنهنجون ۽ هڪٻئي جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ. تنهنڪري جيڪڏهن اسان کي ماڻهن جا ٿوري يا گهڻي وقت تائين هلندڙ ميڙ سمجهڻا هجن، ته اسين انهن ضرورتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون، جن جي پوري ڪرڻ لاءِ اهي ميڙ برپا ٿيا آهن ۽ قائم رهن ٿا.

- **انساني ضرورتون**

ساٺ جي سکيا ڏيندڙن سمجهايو آهي ته ڇهن قسمن جون ضرورتون انسان کي آهن، انهن جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪٽنب ۽ قبيلا، اسڪول ۽ اسپتال، ٻنيون ۽ ٻارا، ڪارخانا ۽ دُڪان مسجدون ۽ مندر عدالتون ۽ ٿاڻا، رانديون، راڳ روپ، ۽ ناٽڪ وغيره سڀ هن دنيا ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اُهي ڇهه ضرورتون ڪهڙيون آهن؟ انسان جون ڪهڙيون ضرورتون ڪهڙيون آهن؟ انسان جون ٻه مکيه ضرورتون سندن شخصي حياتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ آهن، تندرستي ۽ مندَرستي. گهر گهر

سکيا ۽ گهر گهر صحت جون ضرورتون آهي. تعليم ۽ تندرستي هر جاءِ ماڻهن کي گهرجن ٿي گهرجن. ٻہ ٻيون ضرورتون آهن، خوشي ۽ خوراڪ، جيڪي هنر ۽ ونڊر جي وسيلي پوريون ڪري ٿيون سگهجن. گهر گهر هنر ۽ گهر گهر ونڊر، گهر گهر خوشي ۽ گهر گهر خوراڪ جي ضرورت آهي. ٻہ ٻيون ضرورتون سماجي زندگي سان خاص لاڳاپو رکندڙ آهن ۽ اُهي آهن اخلاق، چڱي چال، خود ضابطو اندر جو آرام ۽ ٻيو انصاف، حق ڏيڻ حق وٺڻ، زبردستي کان بچاءُ، ٻاهريون بچاءُ، انتظام حڪومت وغيره. هڪڙي ڌرمي / مذهبي ضرورت ۽ ٻي سياسي ضرورت. انسان جي آتمڪ/ روحاني ۽ شاريرڪ: اُنتي/ جسماني ترقي روحاني ۽ جسماني ترقي لاءِ اهي ڇهہ ضرورتون پوريون ٿيڻ گهرجن. جنهن شخصي ۾ شخصي طرح ۽ جنهن مجموعي طرح اهي ضرورتون پوريون ٿيل هونديون، انهيءَ شخص مجموعي ۽ مجموعي جي حياتي اعليٰ چئبي.

جيئن ڇهن قسمن جون انساني ضرورتون آهن تيئن ئي انهن ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڇهن قسمن جا جُزا سماج ۾ مُوجود آهن. ڪو بہ وڏو مجموعو جاچي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ منجهس مرد ۽ زالون تہ آهن ئي آهن. ساٺ سکيا جي پائي وجهندڙ ڪونٽ صاحب جو رايو آهي تہ اخلاقي بهبوديءَ جو ڪم عورتن ۽ نيڪ ماڻهن جي سُپرد آهي، جيئن تہ مائُرن جو مکيہ ڪم آهي ٻارن کي گڏوان ڪرڻ وغيره. ماءُ ئي ٻارن ۾ چڱن لڇڻن جو بنياد وجهي ٿي سگهي. ماءُ، ڀيڻ، زال ۽ ڌيءَ اهي هر هڪ گهر ۾ چڱيءَ چال جون حفاظت ڪندڙ عورتون آهن. محبت سان هو انساني دلين کي درست ڪرڻ جو باعث آهن. ٻيو مجموعي اخلاقي بهبودي ۽ ڌرم ۽ مذهب اخلاقيات قائم ڪرڻ لاءِ آهن. بااخلاق ۽ مذهبي نيڪ ماڻهو جي سچي ٻين جي ڀلائي جي ڪمن ۾ لڳل آهن. مجموعن کي وڏيڪ جاچي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ انهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. هڪڙا اندروني طاقت رکندڙ انسانن جا ٻہ قسم ملندا. هڪڙا سائنسي آڌار تي سچ ڪيندڙ جاڻندڙ ۽ سيکاريندڙ استاد ۽ ٻيا شاعر، چترڪار ، خوشي پيدا ڪندڙ ۽ ڏيندڙ انسان. انهن ٻن قسمن جا انسان تعليم ۽ ونڊر جي ڪني ڪرڻ، پيدا ڪرڻ ۽ ورهائڻ ۾ لڳا رهن ٿا ۽ ڪم اچن ٿا. جيڪي ٻاهرين ۽ عملي طاقت رکندڙ انسان آهن. تن جا ٻہ قسم ڏسڻ ۾ پيا اچن. هڪڙا ٻي انصافيءَ کان بچاءُ ڪندڙ منتظم ۽ حاڪم ۽ ٻيا مال ۽ ملڪيت پيدا ڪندڙ ڪارخانا هلائيندڙ ، روزگار جو بندوبست ڪندڙ هوشيار ۽ شاهوڪار. انهن کان سواءِ ڇهون قسم آهي پورهيتن جو جيڪي انهن سيني قسمن کي مدد ڏين ٿا ۽ انهن کان مدد وٺن ٿا، اهي ڪم ڪري پيدا ٿا ڪن. ڪم ڪري سپاهي ٿي عملدارن جي

حڪم هيٺ بچاءُ ۽ پهري جو ڪم تا ڪن، هر قسم جي اخلاق، تعليم ۽ وندر جي ڪم ۾ مدد تا ڏين. يعني ڇهن قسمن جا انسان ٿيا: هڪڙا ڌرم مُحافظ يا مذهبي مُحافظ عورتون استريون، ۽ نيڪ انسان اخلاقي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ، ٻيا مُلڪي مُحافظ ٻاهرين جي حملن ۽ اندروني بي انصافيءَ کان بچائيندڙ حاڪم، ٽيان سچ سيڪاريندڙ گيان وان ڏاها سکيا جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ، چوٿان تندرستي ۽ روزگار جي رستي لائڻ وارا ڊاڪٽر ۽ هُنرمند، واپاري شاهوڪار پنجان خوشي پهچائيندڙ شاعر، مصور، گويا ۽ رانديگر ۽ ڇهان ڪمِي يعني ڪم ڪندڙ ۽ مٿين پنجني کي پنهنجي ڪم ۾ مدد ڪندڙ انسان، پورهيت، محنتي، شخص، شيون پيدا ڪرڻ ۽ ان جي حفاظت ۾ مدد ڏيندڙ ماڻهو جيئن هيٺئين نقشي مان ظاهر آهي.

ضرورتن جو نقشو



- **ڇهن قسمن جا سماجِي جُزا**

جيئن ڇهن قسمن جون انساني ضرورتون آهن تيئن ئي انهن ضرورتن کي پُوري ڪرڻ لاءِ ڇهن قسمن جا جزا سماج ۾ موجود آهن. ڪو بہ وڏو

مجموعو جاچي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ منجهس مرد ۽ زالون تہ آهن ئي آهن. ساڻ سکيا جي پائي وجهندڙ ڪونٽ صاحب جو رايو آهي تہ اخلاقي بهبوديءَ جو ڪم زالن ۽ سنتن جي سپرد آهي، جيئن تہ مائرن جو مکيہ ڪم آهي ٻارن کي گٽواڻ ڪرڻ وغيره. ماءُ ئي ٻارن ۾ چڱن لڇڻن جو بنياد وجهي ٿي سگهي. ماءُ، ڀيڻ، زال ۽ ڌيءُ اهي هر هڪ گهر ۾ چڱيءَ چال جون حفاظت ڪندڙ عورتون آهن پوتر پريم سان هو انساني دلين کي درست ڪرڻ جو باعث آهن. ٻيو مجموعي اخلاقي بهبودي، دين ڌرم ۽ اخلاقيات قائم ڪرڻ لاءِ آهن. با اخلاق ۽ مذهبي نيڪ عمل ڪندڙ ماڻهو ٻين جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ لڳل آهن. مجموعن کي وڏيڪ جاچي ڏسبو تہ تہ خبرپوندي تہ انهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن هڪڙا اندروني طاقت رکندڙ ۽ علم ۾اڪابر انسان. علمي ۽ اندروني طاقت رکندڙ انسان جا بہ قسم ملندا. هڪڙا سائنسي آڌارتي سچ ڳولي ڪيندڙ جاڻندڙ ۽ سيکاريندڙ استاد ۽ ٻيا شاعر، فنڪار ، خوشي پيدا ڪندڙ ۽ ڏيندڙ انسان. انهن ٻن قسمن جا انسان تعليم ۽ وندر جي ڪني ڪرڻ، پيدا ڪرڻ ۽ ورهائڻ ۾ لڳا رهن ٿا ۽ ڪم اچن ٿا. جيڪي ٻاهرين ۽ عملي طاقت رکندڙ انسان آهن تن جا بہ قسم ڏسڻ ۾ پيا اچن. هڪڙا بي انصافيءَ کان بچاءُ ڪندڙ منتظم ۽ حاڪم ۽ ٻيو مال ۽ ملڪيت پيدا ڪندڙ ڪارخانا هلائيندڙ روزگار جو بندوبست ڪندڙ هوشيار ۽ شاهوڪار. انهن کانسواءِ ڇهون قسم آهي. پورهيتن جو جيڪي انهن سڀني قسمن کي مدد ڏين ٿا ۽ انهن کان مدد وٺن ٿا، اهي ڪم ڪري دولت پيدا ٿا ڪن، ڪم ڪري سپاهي ٿي عملدارن جي حڪم هيٺ بچاءُ ۽ پهري جو ڪم ٿا ڪن، هر قسم جي اخلاق ، تعليم ۽ وندر جي ڪم ۾ مدد ٿا ڏين، اهي ڪم ڪري دولت يا ناڻو پيدا ٿا ڪن، ڪم ڪري سپاهي ٿي عملدارن جي حڪم هيٺ بچاءُ ۽ پهري جو ڪم ٿا ڪن. هر قسم جي اخلاق، تعليم ۽ وندر جي ڪم ۾ مدد ٿا ڏين. يعني ڇهن قسمن جا انسان ٿيا: هڪڙا مذهبي مُحافظ رکيڪ عورتُون ۽ نيڪ ماڻهو اخلاقي ضرورت پُوري ڪرڻ لاءِ، ٻيا مُلڪ جا مُحافظ ٻاهرين جي حملن ۽ اندروني بي انصافي کان بچائيندڙ حاڪم. ٽيان سچ سيکاريندڙ گيان وان سکيا جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ، چوٿان تندرستي ۽ روزگار جي رستي لائڻ وارا ڊاڪٽر ۽ هُنر مند، واپاري، شاهوڪار پنجان خوشي پهچائيندڙ شاعر، مصور، گويا ۽ رانديگر ۽ ڇهان پورهيت ڪم ڪندڙ ۽ مٿين پنجني کي پنهنجي ڪم ۾ مدد ڪندڙ انسان، پورهيت، محنتي شخص، شيون پيدا ڪندڙ ۽ ان جي حفاظت ۾ مدد ڏيندڙ ماڻهو جيئن هيٺين نقشي مان ظاهر آهي:

زالون ۽ يا نيڪ شخص
(اخلاقي ضرورت لاءِ)

حاڪم ۽ سرڪاري عملدار
(بچاءُ ۽ انصاف لاءِ)

سائنس جا اُستاد
(سِکيا لاءِ)

مجموعي زندگيءَ
جا جُزا

ڊاڪٽر ۽ روزگار
لڳائيندڙ هنر وارا
(صحت ۽ روزگار لاءِ)

شاعر، مصور
راڳيندڙ ۽ رانديگر
(خوشي ۽ وندر لاءِ)

ڪمي، پورهيت،
محنت ڪش سيني جا مددگار
پدارٿ (شيُون) پيدا ڪندڙ
(خوراڪ لاءِ)

سماجي روڳ (سماجي بيماريُون) ۽ انهن جو علاج

ڪنهن به پاڙي يا ڳوٺ ۾ جيڪڏهن اهي سيئي سماج جا پاڳا موجود نه هوندا يا پنهنجو پنهنجو ڪم نه ڪندا رهندا ته انهي پاڙي يا ڳوٺ ۾ سماجي روڳ يعني سماجي بيماريون پيدا ٿينديون. جيئن ته جيڪڏهن مرد ن جي مقابلي ۾ عورتن جو تعداد پورو نه هوندو ته جوڙا جوڙا ڪري ڪٽنب نهي ڪين سگهندا ۽ چڱيءَ چال تي رهڻ مشڪل ٿي پوندو. جتي جتي ۽ جڏهن به ڪنهن هنڌ فقط مردن کي ڪنو ڪري رکيو ويو آهي ۽ کين يا ته پرٽجڻ کان منع ٿيل آهي يا اُنهن جون زالون انهن سان گڏ ڪين آنديون ويون آهن، ته خرابي ٿيڻ جو امڪان پيدا ڪيو ويو آهي. جيئن ته مشهور آهي ته لشڪري بينڪن سان گڏ بيسوائن جا ٽاڪ برپا ٿي تا وين ۽ بدپيشي واريون به اچي ٿيون ڪنيون ٿين، تيئن ئي جتي پورهيتن جو لشڪر به بنا پنهنجي گهرُو زالن جي ڪنو ٿو ڪيو وڃي ته اتي به بدپيشو جاري ٿئي ٿو وڃي. تنهنڪري مردن ۽ عورتن جو تعداد هڪ جهڙو رکڻ ۽ هڪ هڪ عورت کي مرد جي سنيال ۽ صحبت ۾ شادي ڪيل يا گهرو

حالتن ۾ رکڻ ۽ هڪ هڪ مرد کي عورت جي سنڀال ۾ صحبت ۾ شادي ڪيل يا گهرو حالتن ۾ رکڻ ڪري سماجي حالتن جي سالم رهڻ جو وڌيڪ امڪان ٿي ٿو سگهي. جتي گهر گهر ۾ عورتون ڪافي تعداد ۾ چڱيءَ چال جي سنڀال نہ ٿيون ڪن اتي چڱي چال مشڪل سان ٿي رهي سگهي.

جيڪڏهن وري ڪنهن مجموعي ۾ بچاءُ ڪندڙ ۽ انصاف ڪندڙ انتظام رکندر حاڪم ۽ انهن جي حڪومت نہ هجي تہ اهو پاڙو ، ڳوٺ يا مجموعو بي سلامتيءَ جي بيماريءَ جو شڪار ٿيندو. اتي رهندي خوف پيو ٿيندو ۽ هر هڪ هراس ۾ مبتلا هوندو. جنهن ڪري ماڻهن جي طاقت ۽ وقت جو گهڻو حصو فقط ڌپ ۽ پاڻ بچائڻ جي ڪم ۾ ئي خرچ ٿي ويندو. بنا بچاءُ ڪندڙن جي سلامتي ۽ صلح ۾ وڳوڙ ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ امن امان ڪين رهندو. وري ڏسجي ڪٿي تہ ڪٿي خيال ڪندڙ، سچ ڳوليندڙ ۽ سکيا ڏيندڙن جي ڪوتاهي آهي تہ اهو ساٿ، پاڙو ڳوٺ اڻ سکيل رهجي ويندو ۽ جهالت جي روڳ يا بيماريءَ جو شڪار ٿيندو. تيئن ئي جيڪڏهن تندرستي وڌائڻ ۽ تندرستي بچائڻ ۽ علاج ڪندڙن جو ڪافي تعداد نہ هوندو تہ اهو مجموعو بيماريءَ جو بک ٿيندو. جيڪڏهن روزگار لڳائيندڙ پورا نہ هوندا تہ بک ماڻهن کي گهيري ويندي. جيڪڏهن شاعر ۽ خوشي پيدا ڪرڻ وارن جي گهٽتائي هوندي تہ اهو پاڙو مايوسيءَ ۾ مبتلا رهندو. جيڪڏهن ڪٿي ڪمي ۽ پورهيت ، محنتي شخص ڪافي تعداد ۾ نہ هوندا تہ ڏڪار پيدا ٿيندو ۽ حياتي لاءِ حالتون سنيون نہ موجود ٿينديون. ٿهڙيءَ ريت جي انتظام رکندڙ نہ هوندا تہ چوراڪاري شروع ٿيندي ۽ غريبن وانگر ظاهري کس کوس ٿيندي، يا ڳجهي رستي شاهوڪارن وانگر هڪڙا ماڻهو ٻين جي پورهئي جي ڦل کي پيا تڪيندا ۽ ڪنهن رستي ٻين کي پيا لُٽيندا.

اهڙيءَ طرح سماجي روڳ يعني سماجي بيماريون مکيہ طرح ڇهن قسمن جون آهن. بدچاليءَ جي بيماريءَ، امن امان جي ڪوتاهي ۽ بي انصافي، بي علمي ۽ بيماري، مايوسي ۽ بک ۽ چوريون. انهن کي دور ڪرڻ جو رستو اهو آهي تہ جنهن جزي يا سماجي حصي جي گهٽائي هجي انهيءَ حصي يا قسم جي ماڻهن کي وڌائڻ يا ٻاهران آڻڻ يا انهن کان وڌيڪ ڪم وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هر هڪ پاڙي ۽ ڳوٺ کي جاچي ڏسجي تہ ڪهڙي روڳ يا بيماريءَ ۾ مبتلا آهي، بي علمي ۽ بيماريءَ ۾ بدچال ۽ بي انصاف ۾ مايوسي يا بُکِ ۽ چوريءَ ۾ پوءِ انهيءَ موجب انهيءَ سماجي بيماريءَ جو علاج ڪرڻ گهرجي.

- **سماجِي سُڌارو**

سماجي سڌاري جو سچو بُنياد آهي پهريائين سماجي روڳ جو جاچي مقرر ڪرڻ، رانجي تشخيص ڪرڻ يعني خاص سماجي بيماريءَ کي سمجهڻ، پوءِ جنهن جزي جي گهٽائي ڪري اها سماجي بيماري پيدا ٿي آهي. انهيءَ جُزي کي جاڳائڻ ۽ انهيءَ جزي جو تعداد وڌائڻ. جيڪي سُڌارڪ پاڙو پاڙو جاچي اهڙيءَ طرح مجموعي بيمارين کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن، يا سمجهي انهي بيماريءَ کي ڇُٽائڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن تہ اهي سچو سماجي سُڌارو ڪري ڪين سگهندا. سچي سُڌاري جو بُنياد آهي گهٽتائي پوري ڪرڻ گهر گهر اخلاق، گهر گهر انصاف، گهر گهر سِکيا، گهر گهر صحت، گهر گهر خوشي، گهر گهر خوراڪ، گهر گهر وندر ۽ گهر گهر هنر جي پيدا ڪرڻ لاءِ جيڪو بہ مجموعو اهڙيءَ ڪوشش ۾ لڳو رهندو اهو زياده زياده رهندو ۽ ٻين جي مثال فتح پائيندو.

- **سماجي انتظام**

اهڙيءَ طرح سماجي انتظام نيڪ رکڻ سان انساني ضرورتون وڌيڪ سهوليت سان پوريون ٿي سگهن ٿيون ۽ گهر گهر سُکِ پيدا ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هر هڪ گهر پنهنجي ڪوشش ڇڏي ڏئي ۽ ڪن جي ورچ موجب جدا جدا جزا ڪم نہ ڪن تہ گهٽتايون گهٽيون رهجي وينديون ۽ انساني ضرورتون پوريون ڪين ٿي سگهنديون. اهي سڀ ضرورتون سهوليت سان پوريون ڪرڻ لاءِ پورهئي جي ورچ ۽ مقصدن ۾ ٻڌي رکي گڏيل ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي. انهن ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ جيڪا جيڪا ضرورت جيڪي جيڪي ماڻهو چڱيءَ طرح پوري ڪري سگهن انهن کي همٿائي ۽ انهن سان انصاف ڪري انهن کان اهو ڪم وٺندو رهجي تہ سيني جو ڀلو ٿيندو. تمام چڱا ماڻهو ۽ عورتون چڱائي سيکارين، مضبوط ۽ مصنف مزاج بچاءَ ۽ انصاف جو ڪم ڪن ، عالم علم جو انتظام ڪن ، هنر وارا هنر سيکارين ۽ هلائين، شاعر ۽ مُصور خوشي ڏين ۽ پورهيت پورهيو ڪن تہ بيشڪ انساني ضرورتون پوريون ٿينديون. پر جيڪڏهن ڪو حصو گهٽ تعداد ۾ هجي يا خاصيت ۾ گهٽ هجي يا ڪم پنهنجو نہ ڪري يا انهيءَ جي ڪم ۾ رَنڊڪُون وڌيُون وڃن، تہ سماجِي سُک حاصل نہ ٿيندو ۽ سماجي حياتي نيڪ حالت ۾ رهي ڪِين سگهندي.

باب ٽيون

ڪٽنب جو مقصد ۽ سڏارو

- **سماجي جيون سمجهڻ جو رستو**

ننڍي کان ننڍو انساني مجموعو آهي ڪٽنب ۽ وڏي کان وڏو ڪٽنب جو تصور ڪري سگهجي ٿو سو آهي ساري انساني ذات جو. انهن ٻن حدن جي وچ ۾ سڀ انساني مجموعا اچي ٿا وڃن. ماڻهن جا ميڙ ڇا بازار ۾ ڪارخانن ۾، ڇا ناٽڪن ۾، ڇا ٻنين تي، ڇا راند جي ميدانن ۾، ڇا اسپتال ۾، ڇا اسڪولن ۾، ڇا ڪورٽن ۾، ڇا مندرن ۾، سڀ هڪ نه ٻي انساني ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ آهن ۽ هر هڪ ميڙ ۾ سماجي جزا سمجهڻ ۽ ميڙ جو مقصد سمجهڻ اهڙو ئي ضروري آهي جهڙو ميڙ جو مڪان سمجهڻ ۽ عرصو سمجهڻ. انهن سيني ڳالهين ۾ سڀ کان پهريائين ته هر هڪ ميڙ يا مجموعي جو مقصد سمجهڻ تمام ضروي آهي. مجموعي جو مقصد سمجهڻ ۾ آيو ته سندس سڏارو سولو ٿيندو.

- **ڪٽنب جو پهريون مقصد سات کي قائم رکڻ ۽ حياتي جو بچاءُ**

ننهنڪري ڪٽنبن جي حياتي سڌارڻ لاءِ ڪٽنبن جو مقصد ڪهڙو آهي. اُهو سمجهڻ ضروري آهي. ماڻهو ڪٽنبن ۾ جو رهن ٿا تن مان انساني

حياتيءَ جا ڪيترا مقصد حاصل ٿين ٿا. ڪٽنبن جي حياتيءَ ڪي سڌارڻ جو مطلب آهي تہ اُهي مقصد چٽي طرح سمجهيا وڃن ۽ جيتري قدر ڪو بہ ڪٽنب يا گهٽي ڪان گهٽا ڪٽنب اُهي مقصد پورا ڪندا، اوتري قدر ڪٽنبن جي حالت سڌرندي. هاڻي ڪٽنبن جو پهريون مقصد ڇا آهي؟ ڪٽنبن جو پهريون مقصد تہ ضرور اهو آهي تہ جيڪي ماڻهو مري ڪپي ٿا وڃن تن جي جاين پرڻ لاءِ ٻيا پيدا ٿيندا رهن ۽ حيات رهن تہ انساني مجموعا جاري رهي سگهن. ڪٽنب جو پهريون ڪم آهي انساني حياتي جي حفاظت، تندرستي وڌائڻ، بيماري گهٽائڻ ۽ ڄمار وڌائڻ ۽ موت گهٽائڻ ۽ موت ڪري جا مجموعن ۾ ڪوٽ تي ٿئي سا ڪوٽ پوري ڪرڻ، بلڪ انسان ۽ خصوصاً اعليٰ درجي جا انسان وڌائڻ.

سِاڻ سِکيا وارن ٻولي لڌو آهي تہ سڀ هنڌ ڪُٽنب اهو انسان ذات کي زندهہ رکڻ جو ڪم هڪجهڙيءَ چڱيءَ طرح ڪين ڪري رهيا آهن. ڪي ڪٽنب اهڙا آهن جتي ڄم بہ گهڻو، جواني بہ جلد ، شادي بہ ننڍيءَ عمر ۾، پوءِ عمر بہ ٿوري، قوم بہ ضعيف ، موت بہ گهڻو جنهن ڪري هر هڪ ڏهين ورهين جي عرصي اندر ڪٽي ليکجي تہ واڌ بہ تمام ٿوري. ٻين مجموعن ۾ ڄم بہ واجبي، تعليم جا وجهہ وڌائي ۽ ٻارن جو بچاءُ ڪري، ٻالپڻو ڊگهو ڪيو ٿو وڃي، جواني دير سان ٿي ظاهر ٿئي ۽ شادي بہ وڏيءَ عمر ۾، عمر بہ ڊگهي، قوم بہ مضبوط، موت بہ گهٽ جنهن ڪري هر هڪ ڏهين ورهين جي عرصي ۾ واڌ بہ چڱي، ٿن جي ٻدران چار ننڍي ڪند ۾ افسوس اهو آهي تہ ڄم گهڻو جواني ۽ شادي جلد، عمر ٿوري، موت گهڻو ۽ بچت گهٽ آهي. اهي حالتون اسان کي بدلائڻيون آهن. ڇوڪرن ۽ خاص ڪري ڇوڪرين کي گهڻو وقت بچايل رکي، تعليم جا وجهہ ڏيئي، جواني ۽ شادي دير سان ڪري، گهٽ ڄم هوندي موت انهيءَ ڪان بہ گهٽائي ، بچت وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. وري ڪٽنب ۽ سماج جي حالت هن مان بہ پروڙي ٿي سگهجي تہ ويم ۾ موت ڪيترو ٿو ٿئي. ٻارن ۾ موت ڪيترو ٿو ٿئي. سڌريل ملڪن ۾ ٿن سون ويمن تي هڪ موت مس ٿئي ۽ هزار ٻار ڄمن تہ پهرين ورهيہ اندر 40 مس مرن. هندوستان ۾ هزارين ٻارن پنيان چار سو تہ ورهيہ اندر ڇٽ ۽ 25 ڪان 50 ويمن پنيان هڪ ماتا جو موت. تنهنڪري قوم جي واڌاري جو ڪم هتي ٻارن ۽ مائرن جي بيحد گهڻي موت ۽ ڪشالي سان ٿو ٿئي. انهيءَ جا مکيہ سبب آهن مائرن جي اڻ ڄاڻپ ۽ ننڍي هوندي جي شادي، ۽ ويمن

ڪرائڻ لاءِ پورو بندوبست نہ هئڻ. تنهنڪري ڪٽنبن کي حياتيءَ جو بچاءُ ڪرڻ کپي. تعليم جا وجهہ وڌائي جوانيءَ ۽ شاديءَ کي پري ڌڪڻ کپي، شاديءَ جي ٻاهر ۽ شادي جي اندر پاڻ تي ضابطي جي پالنا ڪري تندرستيءَ جي حفاظت ڪرڻ کپي ۽ عمر جو واڌارو ڪرڻ کپي، ۽ ويم گهرن جو يا هوشيار دائين جو بندوبست ڪري عورتون بچائڻ کپن. انهي طرح هر هڪ ڪٽنب کي حياتي وڌائڻ جو مقصد ٻارن ۽ وڏن جي حياتيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ نقصان پهچائڻ سان ڪرڻ گهرجي. ڪٽنب سڌارٽا اتو تہ ڇوڪرين کي ٻال حفاظت ۽ ٻال سکيا ۽ تندرستي بچائڻ ۽ گهر هلائڻ جي سکيا پوري پوري ڏيو ۽ دير سان شاديون ڪرايو ۽ جسماني طور پاڻ تي ضابطي جو پرچار سيني شاگردن ۾ ۽ گهر گهر ڪريو.

* **ڪُٽنب جو ٻيو مقصد – تعليم جو واڌارو.**

جاچي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ جيئن ڪٽنب جو پهريون مقصد اهي حياتي بچائڻ ۽ وڌائڻ تيئن ٻيو مقصد آهي ماڻهپي ۽ انسانيت جي کهٽي ۽ رهڻي سکيارڻ يعني ڪجهہ قدر عام ۽ خاص انساني آزمائش ۽ سماجي ورثو ٻارن کي ڏيڻ. ٻار پيٽ ۾ ٿئي ٿو تنهن کانپوءِ سندس تعليم شروع آهي ۽ اها تہ سندس ماءُ ۽ گهر جي حالتن تي منحصر آهي. اسڪول وڃڻ کان اڳ ساري تعمليم گهر ئي آڌار تي رکي. اسڪول وڃڻ کان اڳ ساري تعليم گهر تي آڌار تي رکي. اسڪول وڃڻ کان پوءِ بہ گهڻو وقت تہ ٻار گهر جي اثرن هيٺ ٿا رهن. تنهن کان پوءِ بہ اُهو آزمودو جو عام طرح اسڪولن ۾ نہ ٿو ڏنو وڃي، پنهنجي ڏنڏي ڏاڙيءَ جو آزمودو تہ ڪٽنب ۾ پيءَ ۽ ماءُ ۽ ٻين وڏن کان ملي ٿو. رسمن ۽ رواجن جي خبر اُتان ئي پوي. ڪٽنب جو ٻيو مقصد تنهنڪري آهي تعليم ڏيڻ جو. جيتري قدر اِها گهرج ڪو بہ ڪٽنب چڱي طرح پوري ٿو ڪري اوتري قدر اوچي قسم جو ڪٽنب آهي ۽ مجموعي سڌاري ۾ مددگار آهي. هاڻي اِهو ظاهر ۽ ثابت ٿي چڪو آهي تہ ٻار جا پهريان پنج سال يعني گهرو سکيا جا سال سيني اسڪولي سکيا جي سالن کان وڌيڪ اثرائتا آهن. ماءُ جي سکيا جو پاسو بہ ماسترن جي سکيا جي مٽن جي برابر آهي. ساري حياتيءَ جي عادتن ۽ اندروني جذبن جو بنياد پهرين سالن ۾ ٿو پوي. ماءُ جي هٿ ۾ آهي تہ ٻار کي لوليءَ ۾ لعل ڪري چڙهي. هر هڪ ماءُ کي ٻارن جي سکيا جو هنر اچڻ گهرجي. انهيءَ لاءَ ٻاراڻي سياڻپڪ سکيا تي مون خاص ڪتاب لکيو آهي. جنهن ۾ ڪيترائي اشارا

ڏنا اٿم تہ ڪيئن هڪڙي ماءُ پنهنجي ڌيءُ کي تمام چڱيءَ طرح سيڪاري سرس ڪيو. ماءُ دعائن، ڪوتا،چتر ڪڍڻ، ٻولي، آکاڻيون، راڳ رانديون سڀ سيڪاري تي سگهي ٿي راند روند ۾ ٻار کي قابل ڪري تي سگهي ٿي ڪٽنب جا ڀاتي انهيءَ تعليم جي ڪم ۾ مدد ٿا ڪري سگهن. پيءُ بہ وڏي هوندي اولاد کي ڌنڌو ڌاڙي سيڪاري ٿو سگهي ۽ ٻارن کي سماج لاءِ ڪمائتو ٿو ڪري سگهي ۽ ائين ڪرڻ سان ڪٽنبن جو سچو سڌارو ٿيندو.

- **ڪُٽنب جو ٽيون مقصد – اخلاقي سڌارو**

ڪٽنب جو ٽيون مقصد آهي اخلاقي سڌارو ماڻهن جي همدردي جو دائرو وڌائڻ ۽ سندن خود غرضي گهٽائي ڪين ٻين لاءِ جيئڻ جي سکيا ڏيڻ يعني پاڙي لاءِ، شهر لاءِ، مُلڪ لاءِ، انسان ذات جي ڀلي لاءِ، جيئڻ سيکارڻ. اِهو دل جو سڌارو ڪٽنب ڪهڙيءَ طرح ٿو ڪري سگهي؟ ساٺ سکيا جي پائي وجهندڙ ڪونٽ صاحب چيو آهي تہ اڪيلي ۾ گڏيل دعا جي رستي ڪٽنب هر هڪ جي دل بهتر ڪري سگهي ٿو. ماءُ جي خيال ڪري سيني محافظن لاءِ عزت وڌائڻ، عورت جو خيال ڪري پريم وڌائڻ، ڌيءَ جو خيال ڪري رحم جو جذبو اُجاگر ڪرڻ ۽ ڀين جو خيال ڪري پاڪ محبت جاڳائڻ اِهو سارو ڪم ڪٽنب ۾ ٿي سگهي ٿو. هر هفتي ۽ هر مهيني جيڪي جيڪي مُلڪ ۽ دنيا جا وڏا ماڻهو ٿيا آهن تن جي ڳالهہ گهر گهر ۾ هلي ۽ انهن جي چڱن ڱُڻن ۽ ڪمن جو ويچار ڪرائي ڪٽنب جي ڀاتين جو اخلاقي سڌارو ڪري ٿو سگهجي. وري وقت وقت جيڪو گهرو ڳالهہ ٿئي ٿي جيئن تہ ڄمڻ، تعليم شروع ڪرڻ، شادي، ڪاروبار شروع ڪرڻ، وغيره تن جي وسيلي ڪٽنب هر هڪ ڀاتيءَ کي پنهنجي حياتي اوچ مقصد لاءِ ارپڻ ڪرڻ سيکاري ٿو سگهي. ڪٽنب جي ڀاتين سان محبت ۽ ميناج ۽ انصاف سان هلي ٻين سان ڪيئن هلڻ گهرجي اهو بہ ماڻهو سکي ٿو سگهي. ماءُ پيءَ جو خيال ڪري وڏن لاءِ عزت، ڀيڻ ۽ عورت جو خيال ڪري هڪجهڙن لاءِ پاڪ محبت، ڌيءَ ۽ ٻارن جو ويچار ڪري ننڍن تي شفقت، هيٺن جي حمايت اِهي گڻ سکي ٿا سگهجن.

- **ڪُٽنب جو چُوٿون مقصد- ماڻهن سان ميلاپ**

چوٿون مقصد ڪُٽنب جو ڇا آهي؟ يعني ٻڌي وڌائڻ، ڪٽنبن جو ميلاپ، مٿن ماڻن جي وسيلي ڪٽنبن جو هڪ ٻئي سان ميلاپ ٿئي ٿو ۽ سماجي حياتي

مضبوط ٿي ٿئي. سوچ ويچار سان چڱيءَ ۽ سڌريل جو خيال رکي، گڻ وان، عالمن، سگهارن ڪٽنبن ۾ شاديون ڪرڻ ۽ ڪرائڻ سان انسان ذات جو ۽ ڪٽنب جو گهڻو سڌارو ٿي تو سگهي. فقط گڻن، تعليم ۽ تندرستي ۽ ڏگهي عمر جي خيال سان شادين جي رٿڻ ڪري ذات پات جو پيد ڍلو ٿو ڪري سگهجي ۽ پريم پريو وهنوار ڦهيلائي تو سگهجي. پاڙيسرين سان پريم رهي ڪُٽنب جي حياتي سُڌاري ٿي سگهجي ۽ همدردي ۽ هيٺن سان حمايت جو ڪم وڌائي ٿو سگهجي. هڪ ٻئي سان ملاقاتي رستو رکي ڪُٽنب ماڻهن ۾ ميلاپ ۽ انساني ٻڌي وڌائي ٿا سگهن. پيءُ ماءُ ۽ وڏا بہ جن اسڪولن ۾ سندن بار ويندا آهن انهن ۾ گڏ ٿي ڪري هڪ ٻئي سان ميلاپ وڌائي ٿا سگهن ۽ سِکيا جو سُڌارو ڪري ٿا سگهن. عورتون پاڻ ۾ سبڻ جا ڪلاس يا سيبي ٽوپي ۽ پِرت جون منڊليون ناهي هڪ ٻئي ۾ ميلاپ وڌائي سگهن ٿيون. آزمودگار مائرون ننڍرين مائرن کي ٻارن جي سنڀال سيکارڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ٻارن جي حفاظت جون منڊليون ناهي ميلاپ جو رستو کولي ٿيون سگهن. گهر جا سڀ ڀاتي شهري سڌاري جي ڪمن ۾ حصو وٺي پنهنجو ۽ ٻين جو لاڀ ڪري ٿا سگهن.

- **اشارا ڪم آٽي ڪُٽنب سُڌاريو.**

ساٽ جي سکيا ڏيندڙن جا متيان اشارا ڪم آٽي ڪُٽنبن جو سڌارو ڪري ٿو سگهجي. حياتي ۽ تندرستي بچائڻ،تعليم ۽ سُٺي سِکيا جو واڌارو ڪرڻ، دل کي درست حالت ۾ رکڻ ۽ خود غرضي گهٽائي ٻين لاءِ جيئڻ جي عادت وجهڻ، سمجهہ سان شاديون ڪري ۽ محبت سان ميلاپ ۽ خدمت ڪري انساني ٻڌي وڌائڻ ۽ شهر جو ڀلو ڪرڻ، اهي مطلب آهن ڪٽنب جا، ۽ جيتري قدر ڪو بہ ڪٽنب اهي آدرش پُورا ڪندو اوتري قدر اوچو ٿيندو ويندو ۽ جيڪڏهن گهڻي کان گهڻا ڪُٽنب اهڙيءَ طرح سڌريل حالت ۾ اچن تہ سماجي زندگيءَ جو سڌارو ٿيندو. سماجي سُڌاري جو بُنياد آهي گهرُو سُڌارو.

باب چوٿون

پاڙا ڪيئن ٺهن ٿا

- **پاڙن جي جاچ**

ڪوئي بہ شهر يا ڳوٺ سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ انهيءَ کي پاڙو پاڙو ڪري جيستائين نہ جاچبو تيستائين پوري طرح ڪين سمجهي سگهبو. هڪ هڪ پاڙو جاچي ڏسبو تہ منجهس ڪجهہ آمهون سامهون بيٺل گهر آهن ۽ انهن گهرن ۾ جدا جدا ڪٽنب رهن ٿا جن مان ڪي عقيدن ۾ ڪمن ۾ بہ جدا آهن. جيئن هر هڪ ڪٽنب جا جزا آهن. زال مڙس، وڏا ننڍا، تيئن پاڙي جا جزا آهن جدا جدا قسمن جا ڪٽنب، انهن ڪٽنبن مان ڪي ڪٽنب زالن ۽ نيڪ ماڻهن وانگر مندرن ۽ مسجدن ۾ اخلاقي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ آهن. ڪي وري پٽيل يا مُکي يا ٽاٽيدار وانگي بچاءُ ۽ انصاف جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ آهن، ڪي اسڪولن ۾ يا اسڪولن ڪانسواءِ سکيا جو ڪم ڪري رهيا آهن، ڪي ڊاڪٽر ٿي صحت ۾ مدد ڪري رهيا آهن، ڪي راڳ ۽ راند جي ڪم ۾ رڌل آهن، ڪي شاهوڪار روزگارلائق، ڪي

واپاري شيون پهچائڻ ۽ خدمت ڪرڻ ۾ لڳل آهن. مطلب ته پاڙو ته سماجي انتظام جو نمونو آهي، مجموعي طرح ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪڙو جزوي بندوبست آهي.

- **پاڙي ۾ گهٽتايون**

هڪ هڪ پاڙي ۾ سيئي سماجي جُزا ڪڏهن ڪڏهن موجُود نه به هوندا آهن ۽ جي موجود هجن به ته به ڪڏهن ڪڏهن اهي پنهنجو ڪم پوريءَ طرح ڪين ڪندا رهندا آهن، جنهنڪري انهيءَ پاڙي جي سماجي حياتيءَ کي تڪليف پهچندي آهي. جيئن ته شهر شهر ۾ جاچي ڏسبو ته ڪي آڻ-سڌِريل بين لفظن ۾ ڪَرِيل پاڙا ليندا جتي جوڙا جوڙا ڪنا ٿي شادي ڪري گهر جوڙي وهڻ بدران بدپيشي واريون عورتون وينل هونديون. انهن پاڙن جو سبب جاچي ڏسبو ته خبر پوندي ته يا ته اصل عورتن جو تعداد مڙسن جي مقابلي ۾ گهٽ يا وڌ آهي يا ته انهيءَ شهر ۾ ڪمين ۽ لشڪري (پيشيوراڻه ڪِرتُون ڪندڙ ۽ تحفُظ فراهم ڪندڙ) ماڻهن کي پنهنجن ڪٽنبن آڻڻ لاءِ سهوليتون نه آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترا پاڙا سلامت نه آهن جتي چوراڪاري هر هر پيئي ٿئي يعني بچاءُ جو بندوبست پورو نه آهي. ڪي پاڙا يا ڳوٺ وري اهڙا آهن جتي تعليم جو نالو نشان ڪونهي. ڪي وري اهڙا آهن جتي بيماريون زور وٺي ويون آهن، صفائي آهيئي ڪانه ۽ صحت جو پورو بندوبست ڪونهي. ڪي پاڙا ۽ ڳوٺ وري مايوسيءَ ۾ مبتلا آهن، جيئڻ يو خوشي منجهن ڪونهي، ماڻهو موڳا ۽ مرده دل پيا ڏسڻ ۾ اچن ۽ ڪن پاڙن ۾ بک ۽ بيروزگاري ۽ شين ملڻ جي اٽاٽ آهي. اهي سڀ سماجي مرض ڏيکارين ٿا ته سماجِي جُزن مان هڪ نه ٻيو جزو موجود نه آهي يا ڪم نه ٿو ڪري.

- **سُڌارو يعني گهٽتايون پُوريُون ڪرڻ**

پاڙي پاڙي ۾ جيڪا گهٽتائي هُجي سا پُوري ڪيئن ڪجي؟ جاچي ڏسجي ته ڪهڙي جزي جي کوٽ آهي. زالن ۽ نيڪ ماڻهن جي؟ پهريدارن ۽ چڱن مڙسن جي؟ اُستادن ۽ جاڻن جي؟ صفائي ڪندڙ يا صحت سيکاريندڙن ۽ وڏائيندڙن ڊاڪٽرن جي؟ خوشي وڏائيندڙن رانديگرن ۽ شاعرن جي؟ ڪي روزگار لائيندڙن شاهوڪارن يا محنتي ڪمين جي؟ جنهن قسم جي ماڻهن يا ڪم جي ڪمي هجي! انهي قسم جا ماڻهو جاچي

ڏسجن تہ ويجهڙائيءَ ۾ آهن تہ انهن کي ڪم لائجي نہ تہ سڪيا سان اهڙي قسم جي ڪم لاءِ لايق ماڻهو انهيءَ پاڙي مان تيار ڪجن.

جوت مان جوت جاڳندي آهي ۽ هر هڪ علم ۽ هُنر وارو ماڻهو بين کي اهو علم ۽ هنر سيکاري ٿو سگهي. تنهنڪري جنهن قسم جي جُزن جي ضرورت هجي اهڙن قسمن جي علمن ۽ هنرن سيکارڻ جو بندوبست وڌائڻ گهرجي. سڌاري جو رستو آهي پهريائين جاچڻ ۽ گولي لهڻ تہ گهٽتائي ڪهڙي آهي ۽ پوءَ جاچي ڏسڻ تہ انهيءَ گهٽتائي پوري ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ماڻهو سيکاريندڙ يا سکندڙ موجود آهن يا ٻاهران آڻڻ گهرجن. پوءِ اهڙا ماڻهو جي موجود هجن يا ٻاهران آڻجن تن کي ڪم لڳائڻ. ٻيو رستو ڪونهي. انساني حالتون انساني ڪوشش سان سُڌرِي سگهنديون آهن. پر اها ڪوشش جاچ سان هئڻ گهرجي ۽ سچيءَ سڪ ۽ سمجھ سان ، پوءِ سُڌارو ضرور ٿيندو.

- **سُڌريلن مُلڪن ۾ پاڙن سُڌارڻ جو ڪم**

سُڌريلن ملڪن ۾ پاڙا ڪيئن سُڌاريندا آهن؟ جاچي ڏسندا آهن تہ ڪهڙا پاڙا بگڙيل آهن. ڪي رحمدل پڙهيل ماڻهو پاڻ ۾ پهہ پچائيندا آهن تہ هلي اتي گهر ٺاهي ويهون. پوءِ پاڙيسرين سان ميلاپ ۽ ملاقات جي رستي رلي ملي ويندا آهن. انهن کي پنهنجي گهر نينڊ ڏيندا آهن ۽ فرصت جي وقت ۾ انهن ۾جنهن علم ۽ هنر جي ضرورت هوندي آهي سا پُوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.اهڙن گهرن کي ڪوٺيندا آهن سماجي بينڪون يا سماجي مرڪز.

ڪڏهن ڪڏهن تہ جيڪو جيڪو پاڙي ۾ ٻارن لاءِ اسڪول هوندو آهي تنهن کي سماجي بينڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سانجهيءَ جو يا آچر جو جيئن اسڪول خالي هوندو آهي تہ ٻارن جا مٽ مائٽ اتي پاڻ ۾ ملڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پنهنجي پاڙي جا اهنج سهنج ويهي ويچاريندا آهن. اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ گڏجي ويچار ڪرڻ ۽ صلاح ڪرڻ سان هو پنهنجي پاڙي جي تعليم ، صفائي ۽ صحت، روزگار ۽ وندر بچاءُ، انصاف ۽ اخلاق جي سُڌاري جو خيال ۽ ڪوشش ڪندا آهن. اهو رستو بہ سُٺو آهي، جو گهٽو ڪري سُڌريل ملڪن ۾ زوريءَ سکيا جو قاعدو آهي. ۽ ٻن ٽن سؤن گهرن پنيان هڪڙو اسڪول تہ آهيئي آهي. تنهنڪري پاڙي پاڙي لاءِ

اسڪول هڪڙي عمدي ملڻ جي جاءِ آهي. پر هت بہ ڳوٺ ڳوٺ ۾ اسڪول يا مسجد يا مندر يا وري ڪميونٽيِ سينٽر ملڻ لاءِ ليي سگهندو نہ تہ بہ خدائي ميدان ۽ وڻن جي ڇانو تہ هوندي. مطلب تہ محبت سان ملي ماڻهو پنهنجي اهنجن ۽ سهنجن جو ويچار ڪن ۽ ڪني ڪوشش ڪن تہ سُڌارو ضرور ٿيندو.

اسان جا پڙهيل ماڻهو جيڪڏهن پنتي پيل ڳوٺن ۾ وڃي گهر ۾ وهن يا شهر شهر جا ماڻهو آچر ڏينهن يا موڪلن جيٰ ڏينهن تي ڳوٺن ۾ گُهمڻ وڃن ۽ اتي جي ماڻهن جا ڏک سُک ويچاري ڏسن ۽ انهن جون گهڻتايونيا ڪميُون پيشيُون دُور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن تہ بہ سُڌارو ضرور ٿيندو .ميلاپ مُحبت ۽ محنت سان سڌارو ٿيندو آهي. سڪ ۽ سمجهہ سان سيوا ڪبي تہ ميوا ضرور ملندا. شل پڙهيل ۽ رحمدل ماڻهو پنتي پيل پاڙن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي گهر ڪري وهن ۽ واندڪائيءَ جي وقت ۾ پنهجن پنتي پيل ڀائرن جي ضرورتن کي پُوري ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳي رهن تہ مُلڪ جي ترقي اوس ٿيندي. اهڙن سماجي بينڪن ۾ وندر جو بندوبست بہ هوندو آهي ۽ تعليم جو بہ، صحت جو ۽ صفائي جي سيکارڻ جو بہ. ۽ جن هٿ جي هنرن سيکارڻ جي ضرورت ڏسڻ ۾ ايندي آهي !نهن هنرن سيکارڻ جي بہ ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ۽ سڀ کا ن وڌيڪ تہ محبت سان ميلاپ ۽ سڪ صحبت جو واڌارو ۽ ڪني(گڏجي) رهڻي ۽ ڪوشش ڪرڻ جا سبق خود بہ خود سيکاريا ويندا آهن.

اسڪُولن ۾ وري سانجهين جو تعليمدانن کان ليڪچر ڪرايا ويندا آهن جيئن ماڻهن جا ويچار سُڌرن ۽ سمجهہ وڌين، اسڪول جي ڪم تي خيال ڪيو ويندو آهي ۽ ماسترن ۽ مائٽن جو ميلاپ ڪرايو ويندو آهي جنهن ڪري مائٽ ماسترن جي مدد سان ٻارن کي وڌيڪ سنئين رستي آڻين، اهڙين ڪوششن جي هن ملڪ ۾ ضرورت آهي.

باب پنجون

ڳوٺ ڪي سمجهڻ ۽ سڏارڻ

اسان پنهنجن پڪڙيلن ۽ ڪيترن حالتن ۾ مُرجهايلن ڳوٺن کي ڪيئن سڏاريُون؟ ڳوٺن کي سُڌارڻ کان اڳ ۾ هنن کي سمجهڻ ضروري آهي. ڳوٺن کي سمجهڻ جا ٽي رستا آهن. هڪڙو تہ فقط ٿلهي ليکي انگي طرح سمجهي وڃڻ تہ پنج سو ماڻهن وارا ڳوٺ هيترا، هزار ۽ ان کان گهٽ وارا هيترا وغيره. ٻيو تہ پيٽ ڪري نموني وار ڳوٺن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ٽيون تہ هڪ هڪ خاص ڳوٺ کي خاص طرح سمجهي انهيءَ جي خاص گهٽتاين کي دُور ڪرڻ، انهيءَ نموني جي ڳوٺن جي عام گهٽتاين کي دور ڪرڻ ۽ انگي حسابي خيال موجب سندس جوڙجڪ تي خيال ڪري سڏارڻ. اهڙي طرح ڪنهن بہ ڳوٺ کي سمجهڻو هجي تہ سندس خاص حالتون سمجهڻ بس نہ آهن پر پيٽ ڪري سندس نمونو مقرر ڪري سمجهڻ حسابي طور سندس جوڙجڪ سمجهڻ بہ ضروري آهي.

- **آدمشماريءَ موجب ڳوٺن جي جاچ**

سن 1921ع جي آدمشماريءَ موجب سڄي گڏيل مُلڪ ۾5,52,107 يعني گول انگن ۾ ساڍا پنج لک ڳوٺ اهڙا ڏٺا ويا جن مان هر هڪ ۾ پنجن سون کان گهٽ ماڻهو هوا (هُئا) ۽ جن ۾ ڪل ڏهہ ڪروڙ يعني سڄي گڏيل مُلڪ جي ٽين پتي ماڻهو رهن ٿا.1,07,545 يعني هڪ لک ساڍا ست هزار ڳوٺ اهڙا ڏٺا ويا، جن ۾ هزار يا هزار کان گهٽ آدم ۽ جن ۾

ڪل7,44,40748 ماڻهو هوا (هُئا). يعني ساري مُلڪ جو اٽڪل چوٿون حصو عالم هزار کان گهٽ آدمشماريءَ وارن ڳوٺن ۾ وسي ٿو. وري 45,843 ڳوٺ اهڙا هوا (هُئا)، جن ۾ 2000 کان گهٽ بستي (آبادِي) هئي ۽ جن ۾ ڪل6,22,62,892 يعني گڏيل مُلڪ جو جو اٽڪل پنجون حصو عالم رهندڙ آهي. اهڙي طرح ڪل 7,05,495 ست لک ساڍا پنج هزار ڳوٺ آهن، جن ۾ 23,89,33,838 اٽڪل ٽيويهه ڪروڙ نوي لک آدم ٿو رهي يعني سڄي مُلڪ جا پنجن پتين مان چار پتيون (حصا) ماڻهو ڳوٺن ۾ تا رهن.

- **نموني وار ڳوٺن جي جاچ**

پيٽ ڪري نموني وار جاچ اچا تائين برصغير جي گڏيل مُلڪ جي ڳوٺن جي ڪا نہ ٿيل آهي. پر مُلڪ جي ڳوٺن کي نموني وار سمجھڻ لاءِ گهڻي قدر خبر چار بيڊن پاويل جي ڪتاب (Indian Village Communities) (هندُوستانِي ڳوٺن جا سماجِي مجمُوعا) مان پئجي سگهندي. انهيءَ کان اڳ ۾ مين (Maine) صاحب جو انهي باري ۾ ڪتاب لکيو هو ۽ تازو پروفيسر مڪربي جو (Comparative Economies) ناٽي جي اُصولن جِي پيٽ تي جو ڪتاب لکيو آهي، تن ۾ تمام چڱا اِشارا آهن نموني وار ڳوٺن کي سمجھڻ لاءِ فقط هر هڪ ڳوٺ جو بيان ۽ خاصيتُون ڏيڻ ضروري آهن، پر اهي سڀ ملائي خاص جُدا جُدا نمونا مقرر ڪرڻا آهن.

- **ڳوٺن جا مُلڪِي نمونا**

ڳوٺن کي جاچي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ ڳوٺ جُدا جُدا مُلڪِي نمونن جا آهن، جدا جدا ڪمن لاءِ وسايل آهن ۽ جدا جدا نموني جي ذاتين جا نهيل آهن. مُلڪِي لحاظ ڪري ڳوٺ جي آبهوا خيال ۾ آڻڻي پوندي، سندس سنوت ۽ هيٺ مٿاهين، سندس مٽيءَ، آمدرفت جي رستن جي سهوليت جو خيال ڪرڻو پوندو ۽ آخر ۾ اهو بہ ڏيان ۾ رکڻو پوندو تہ اتي جي زمين محنت جو قل ڪيترو ٿي ڏئي يعني اُپجائو (وڏيڪ پيداوار ڏيندڙ) آهي يا اٽاني، ۽ ڳوٺ جي قدرتي پسگردائي ڳوناڻن جي ذهن تي ڪهڙو اثر پيدا ڪندڙ آهي. ڪي ڳوٺ خُشڪ آهن، ڪن کي ڪڙين ۽ نالن (واهن ۽ شاخن) جي پاڻيءَ جي سهوليت آهي ۽ ڪن کي باراني پاڻي ٿو ملي ۽ ڪن جي آب هوا وڻندڙ ۽ ڪن جي سخت ۽ ستائِيندڙ آهي. سنوت جي خيال ڪري ڪي ڳوٺ ڪڙيڙ هيٺ مٽي آهن، ڪي سَنوان سِڌا ميدانن ۾ آهن، ڪي مٿانهن دڙن

تي، ڪي هيئنا نئين ۾. وري زمين جي لحاظ ڪري ڪن ڳوٺن ۾ ڪاٽيون آهن تہ ڪن جي ويجهو ٻيلا. ڪن جي پرسان چراگاهہ. ڪن جي چوڌاري زمينون. پوک جي لحاظ ڪري ڪي ڪٽڪ جي پيدائش جا خشڪ ۽ پري پري ڳوٺ آهن ڪي چانورن جا سارياﻻ پاٽيانا ويجهو ويجهو ڪي ڪپهہ جي پوک جا، ڪي چانهہ يا سِٽي يا ٻئي ڪنهن خاص پوک جي نموني جا. فصل جي لحاظ ڪري ڪي اُپجائو ڪي محنت آهر ڦل ڏيندڙ، ڪي اٽانا، جي ڏاڍيءَ مُشڪلات ڪان پوءِ بہ مس ڪاڌو ڏيندڙ آهن. ڪن ڳوٺن جو نظارو دل کي وڻندڙ آهي ڪن جو دل کي ڏڪائيندڙ ڪن جي محنت ڏانهن لاڙو ڏياريندڙ تہ ڪن جو دل ۽ دماغ کي سست ڪندڙ.

ڳوٺن جي جمڻ، اسرڻ، وڌڻ ۽ ڪٽڻ يا ڦٽي چٽ ٿي وڃڻ جا سبب جاچبا تہ مٿيان بہ آهن ۽ ٻيا بہ آهن. جيئن ڏسجي تہ ڳوٺ ڪٿي بدل آهي، گهٽن ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جي وچ ۾ يا پاسيرو، جبل تي يا سمنڊ جي ڪناري تي، آمدورفت جي رستن جي پرسان يا پريرو. ملڪي لحاظ ڪري انهن سيني يعني پاڻي، هوا، سنوت، زمين، پوک جاءِ ۽ آمد و رفت جي رستن، پيدائش ۾ نظاري جي ڳالهين جو خيال ٿو ڪرڻو پوي.

- **ڪمن موجب ڳوٺن جا نمونا**

ڪمن موجب بہ ڳوٺن جا جُدا نمونا آهن. جيئن تہ ڪي ڳوٺ انتظام جي سهوليت ڪري برپا ٿيل آهن. اهي گهڻو ڪري وچان ڳوٺ ٿيدا آهن، ڪي وري بچاءَ جي لحاظ ڪري بدل ٿيندا آهن جي گهڻو ڪري سرحد تي ٿيندا آهن، ڪي وري پير فقير، ساڌو سنياسي، مندر مسجد يا علم يا زيارت گاهن هئڻ سبب وسيل آهن، ڪي وري پيدائش جي لحاظ ڪري بدل آهن جتي فصل سُٺا ٿيندا هجن يا خاص ڪاريگري جي يا ڪانين ڪوئلن يا پاڻي جي طاقت سستي هجي، ڪي وري آمدورفت جي لحاظ ڪري بدل آهن جتي واپار جي سهوليت آهي. جتي چوڌاري ڳوٺن جي بزار لڳندڙ هجي جتان جيڪي ڳوٺن کي گهرجي سو وٺن ۽ جيڪي وڪڻڻون هجين سو اچي ڪنو ڪن، ۽ وري ڪي انهيءَ لاءِ وسيلا آهن جو اتي رهڻ يا وندر جي سهوليت آهي. ڪمن جي لحاظ ڪري انهيءَ طرح ڳوٺ يا تہ سرحدي بچاو لاءِ يا تہ وچان سرڪاري انتظام لاءِ ، يا پيدائش، هنر يا واپار جي ڪم لاءِ بدل آهن، يا رهڻ يا تعليم يا عقيدي جي موزُونيت ڪري بدل آهن.

- **ذاتين موجب ڳوٺن جا نمونا**

ذاتين موجب بہ ڳوٺن جا جدا جدا نمونا آهن. جيئن تہ گڏيل هندوستان ۾ اتر ڏانهن ٽپيٽي ۽ برمي لوڪن جي منگول ذات جا خاص قسم جا ڳوٺ آهن، ڪي ڪوليرين ذاتين، وٽن جي پُوڄا ڪندڙن ماڻهن جا ڳوٺ آهن، ڪي دراوڙن جي ذاتين جا، پٿرن جي ديوين جي پوڄارين جا ڳوٺ، ڪي آريہ ذات جي ماڻهن جا، ڪي افغانن جا، ڪي وري مليل قسم جا ڳوٺ آهن. جُدا جُدا ڳوٺن ۾ ڪُٽنبن ۽ گڏجي گهرن ۾ رهڻ جو بہ جُدا جُدا نمونو آهي. ڪٿي تہ اهڙو رواج آهي تہ ٽي ٽي پيڙهيون گڏيل ڪٽنب جا ڀاتي ٿي رهن، ڪٿي تہ وري فقط هڪ پيڙهي زال مُڙس ۽ ٻار ٻچا ڪٺا رهن، ڪٿي تہ فقط زال مُڙس ڳڏا رهن ٻار ٻچا بہ ٻاهر موڪليل، ڪٿي تہ فقط لشڪري لانڍيون آهن يا ٺيڪيدارن جا پورهيت ، گهرن کان وڇڙيل، اڪيلا ٿا وسن.

- **مُلڪي نمُونن سان شامل اثر**

ڳوٺ جي ملڪي نموني سان شامل سندس نظاري جو اثر بہ هوندو، چٽسالي ۽ زيب سينگار جو نموني نظاري تي گهڻو منحصر آهي. راڳ ۽ ساز بہ جدا جدا قسمن جي جدا جدا ملڪي نموني تي آڌار ٿا رکن. ڪافيون، رانديون، ناچ ۽ وندر جو نمونو بہ ملڪي سببن تي گهڻو آڌار رکندڙ آهي.

- **ڪمن سان لاڳو اثر**

ڪمن موجب جُدا جُدا نمونن جا جي ڳوٺ آهن تن سان وري ڪمن سکڻ ۽ سيکارڻ جا رستا بہ جُدا جُدا آهن، ۽ قسم قسم جون ٻوليون ۽ اسڪول بہ ڪمن پٽاندر ملندا. ميلا، راڄ، پنچائتون ۽ جماعتون بہ ڪمن پٽاندڙ لڳنديون. تندرستي، تعليم، شاهوڪاري، غريبي بہ ڳوٺ جي ڪمن جي حالتن تي گهڻي قدر منحصر يا مَدار رکندڙ آهي.

- **ذاتين سان تعلق رکندڙ اثر**

جدا جدا ذاتين جي ڳوٺن ۾ جدا جدا قسمن جي شادين مرادين جا نمونا ڏسڻ ۾ ايندا، گهرو گڏ رهڻ جا رواج جُدا جُدا هُوندا، خوراڪ پوشاڪ ، ملڻ گڏجڻ، ڪيڪارڻ، آدرڀاءُ ڪرڻ جا بہ جُدا جُدا نمونا هوندا. مذهبي آستان، مڙهيون، مندر، شوالا، مسجدُون، مُقبرا بہ ذات ذات موجب جُدا جُدا

قسم جا هوندا. جتي گهڻين ذاتين جو گڏيل ڳوٺ هوندو تہ مندر، مسجد، شوالا، مڙهيون، ديوليون بہ جُدا جُدا هونديون ۽ ڏيکاريندديون تہ پهرياٿين ڪير اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ رهيا ، ۽ انهن کان پوءِ وري ڪهڙي ذات اچي ڳوٺ وسايو. ڳوٺ جي ماڻهن ۾ جدا جدا درجا، وڏا ننڍائي، حڪم حليمائي ، بہ ذات ، ڪم ۽ هلندڙ راڄ، موجب ڏسڻ ۾ ايندا. اهي سڀئي ذاتي تفاوتن سان لاڳو سبب ۽ نتيجا آهن.

- **نموني وار جاچ جي ضرورت**

منهنجي خيال ۾ اهڙيءَ طرح نموني وار جاچ جي ڏاڍي ضرورت آهي ، نہ تہ هندوستان جا ست لک ڳوٺ ڪين سمجهي سگهبا. فقط انگي جاچ، آدمشماري ۽ پڪيڙ موجب بہ ڪافي آهي، نڪي ڪي هڪ هڪ ڳوٺ جي جدا جدا مفصل جاچ، جهڙي ڊاڪٽر مئن ۽ هن سان گڏ ڪم ڪندڙ دکن جي ڪن ڳوٺن بابت ڪئي آهي. بيشڪ جنهن جنهن ڳوٺ کي خاص طرح سُڌاراڻو هجي انهيءَ جي مفصل جاچ ٿيڻ گهرجي پر اهڙين مفصل جاچن مان جيستائين پيٽ ڪري هن جا نمونا مقرر ڪين ڪبا، تيستائين ٻين ڳوٺن جي سڌاري لاءِ عام اصول نڪري ڪين سگهندا. پر جيڪڏهن هن ساڻ ساڻ نموني وار جاچ بہ هوندي تہ ڳوٺن جي سُڌاري جو پڪو بنياد ٻڌي سگهبو.

- **هڪ هڪ ڳوٺ جي مفصل جاچ**

ڪنهن بہ ڳوٺ جي مفصل جاچ ڪبي تہ خبر پوندي تہ ڳوٺ ۾ جدا جدا پاڙا آهن، پاڙن ۾ جدا جدا گهر ۽ انهن ۾ زالون ، مڙس، ٻار جوان ۽ ٻڍا آهن. ڳوٺن جو سڌارو ڳوٺ جي هر هڪ پاڙي جي سڌاري سان تعلق ٿو رکي ۽ پاڙن جو سڌارو تڏهن ٿي ٿو سگهي جڏهن ڪي سمجهو گهر وجي پوري پوري جاچ ڪن ۽ جيڪا گهٽتائي هجي سا پوري ڪن. پاڙن جي سڌاري جا اصول ڪم ۾ آڻڻا آهن ۽ پاڙي جي سڌاري جو ڪم وري گهرن جي سڌاري تي آڌار ٿو رکي. تنهنڪري گهرن جي سڌاري جا اصول جيڪي اسان ظاهر ڪري چڪا آهيون سي ڪم ۾ آڻڻ گهرجن. مطلب تہ ساري ڳوٺ جي عام سڌاري ڪري پاڙا ۽ گهر بہ سڌرندا ۽ گهرن ۽ پاڙن جي سڌارڻ ڪري ڳوٺ سڌرندو. ڳوٺن جي سڌاري جو مول متو ٿيندو تہ ڪيتي بهتر ٿئي جيئن پيدائش وڌيڪ ٿئي ۽ تنهن کان پوءِ اها پيدائش وڌيڪ فائدي سان نيڪال

ڪجي يعني ڏنڏي ڪرڻ جا بهتر اصول ڪم ۾ آڻجن ۽ ساڻ ساڻ ڳوٺاڻن جي حياتي بہ بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

- **آئرلنڊ ۽ ڊينمارڪ جا مثال**

آئرلنڊ ۾ سر هوريس پلئنڪيٽ ڳوٺن جو تمام گهڻو سُڌارو ڪيو آهي. مٿيان متا سندس متا آهن. **بهتر کيتي، بهتر واپاري ڊِنگ – بهتر حياتي.** هن سڄي آئرلنڊ ۾ پوک جي پربنڌ (بندوبست) جي جماعت برپا ڪري ڪڙمين کي سڀ کان سُٺو ٻج وٺي ڏيڻ ۽ تمام چڱن اگهن تي هنن کي اوزار ۽ ڀاڻ خريد ڪري ڏيڻ ۽ سندن پيدائش وڪڻڻ ۽ توري وياج تي ڪين پيسن جي مدد وٺي ڏيڻ جو سهڪاري نموني ۾ بندوبست ڪيو آهي، جنهنڪري ڳوٺاڻن جو بہ گويا شهرن سان ۽ سڄي مُلڪ سان جيئندو جاڳندو تعلق پيدا ٿيو آهي ۽ سائنس جي سُڌارن مان هو فائدو وٺي ٿا سگهن ۽ هنن کي وچ وارا دڪاندار يا دلال ۽ صراف نڳي ڪين ٿا سگهن، پر سندن مال سڌو ڪم آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي تي رهي ۽ جيڪي ڪنهن کي گُهرجي سو بہ سنئون سڌو خريد ڪري ٿا سگهن. ڊينمارڪ ۾ بہ کيتي سان کير جي ڌنڌن جو ڪم، آنن جو ڪم، ماکيءَ جي مکن پالڻ جو ڪم ۽ ٻيا ڪم کوليا ويا آهن جنهنڪري پوکيندڙ ساوا ٿي سگهن ۽ سندن واندي وقت لاءِ ڪم هُجي وري، انهن جي تعليم جو بہ جوڳو بندوبست ٿيل آهي. رعيتي اسڪُول ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪُجهہ مهينا ديرو ڄمائي کيتي ڪندڙن کي تعليمي ۽ سائنسِي سُڌارن مان واقف ڪندا ٽا رهن. اسان جي مُلڪ ۾ بہ سرڪاري هلچل ڳوٺن ۾ هلڻ کپي. سندن تعليم جو جوڳو بندوبست ٿيڻ گهرجي. ڪي چڱا ماڻهو گهر ڪري وڃي ڳوٺن ۾ ويهن ۽ انهن جي حالت سُڌارين تہ پوءِ ڳوٺاڻن کي بہ ڳوٺن ۾ رهڻ مان ايترو حياتيءَ جو لطف ۽ مزو ايندو جو انهن مان هوشيار ماڻهو ٻاهر شهرن ڏانهن نڪرڻ جي ڪِين ڪندا. نہ تہ سُٺي کان سُٺا ماڻهو ڳوٺ ڇڏي وڃي شهر ٿا وسائين ۽ پوءِ ڳوٺن ۾ ضرُورِي سماجِي جُزن جي کوٽ ٿي ٿئي.

- **پروفيسر گيڊز موجب جاچڻ جو رستو**

ڳوٺن، شهرن، مُلڪن کي جاچڻ لاءِ پروفيسر گيڊز جو رايو آهي تہ پهرياٿين سندن طبعي ۽ جاگرافي حالتن جي جاچ ٿئي، پوءِ وري ڏسجي تہ تواريخِي خيالن موجب ڳوٺ شهريا مُلڪ ڪهڙيءَ حالت مان لنگهي

کھڙيءَ تواريخي حالت تي ٻُڌل آهي، پوءِ وري آدمشُماري، زالن مڙسن جو تعداد، تندُرستي ۽ بيماريءَ وغيره، تعليم، هُنر ۽ ونڊر وغيره جي جاچ ڪجي، پوءِ آخر ۾ جاچ ڪجي تہ منجهس اخلاقي خرابيُون ۽ گهٽتائيُون ڪهڙيون آهن. سُڌاري جو ڪم وري پهريائين اخلاقي خرابين ۽ گهٽتاين کي دُور ڪرڻ سان شرُوع ٿيڻ گُهرجي، پوءِ تعليم ۽ تندُرستي سُڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گُهرجي، پوءِ تواريخي يا سياسي حالت ۽ آخر ۾ طبعي، زميني وِرچ سُڌاري جي رٿ ۾ ڪوشش ٿيڻ کپي.

- **ڳوٺن سُڌارڻ جو ڪم مکيہ آهي.**

اسان جو مُلڪ ڳوٺاڻو مُلڪ آهي. هر هڪ پنجن ماڻهن مان چار ماڻهو ڳوٺن ۾ رهن ٿا. ڳوٺن جو وسيع تعداد رکندڙ ڪنهن بہ مُلڪ جو سچو سُڌارو ڳوٺ جي سُڌاري تي آڌار (مدار) ٿو رکي. هر هڪ شهر جي ماڻهن کي گُهرجي تہ سندن چوڌاري جيڪي ڳوٺ هُجن تن جي خبرداري ڪن. جيئن انهن کي اَنُ، ڀاڄيُون ۽ کاڌو ڳوٺن مان ملي ٿو تيئن هو بہ تعليم ۽ تندُرستيءَ جي بهبوديءَ وارا ڪم ڳوٺن ۾ ڪندا رهن ۽ سائنس ۽ اوزارن جي سُڌارن جو فائدو ڳوٺاڻن تائين پهچائين. اُنهن جي بچاءَ ۽ اُنهن جي اخلاقي بهتريءَ ۽ وِندر جي ڪوشش ڪندا رهن. ڳوٺن مان ويچجن سندن پيدائش ۽ سُنا ماڻهو وَٺبا ۽ انهن کي بہ سُنا ماڻهو موٽائي نہ ڏجن ۽ تعليم جي سُڌاري جو فائدو نہ ڏجي اهو انصاف جي برخلاف آهي. انهيءَ ڪري اهڙا بي انصافي ڪندڙ شهر چٽڪي جَلِندر (برهال يا پيٽ جو ڦُونڊجڻ) جي بيماريءَ ۾ مُبتلا آهن، سُڃي ٽُرها ٿيا آهن ۽ سندن آس پاس جا ڳوٺ چٽڪ سِلهہ (ٽِي.بِي) جي بيماريءَ ۾ سُڪي چَٽ ٿيندا ٿا وڃن. شهر جي چڱن ماڻهن کي ڳوٺن ۾ وڃي ڳوٺاڻن جي خدمت ڪرڻ گُهرجي ۽ ڳوٺن جُون حالتُون اهڙيُون سُڌارڻ گُهرجن جو ڳوٺ جا سُنا علم، هُنر، هوش ۽ چڱائي وارا ماڻهوڳوٺ ڇڏي شهرن ڏانهن نہ ڊُڪن. شل ڳوٺن جي حالت ڏانهن سيني چڱن ماڻهن جو ڌيان وڃي نہ تہ ڳوٺ زبون ۽ بدحال تہ سڄو مُلڪ زبُون ۽ تباهہ. ڳوٺ سُڌِريل تہ سڄو ڏيهہ سُڌريل. سوامي وويڪانند سچ چيو آهي تہ، "سچو ديس ڳوٺن جي چونٽرن، لانڍين ۽ جُهوپڙين ۾ تو رهي. اُنهن جي خدمت ڪرڻ ئي آهي؛ پنهنجي مُلڪ، ڏيهہ ۽ پربُکي جي سچي خدمت."

باب ڇهون

شهر سمجهڻ ۽ سڌارڻ

- **شهر ڇو ٿا؟**

ڪمائيءَ پوئتان ماڻهون جهنگ به وڃي وسائين. جتي جتي ماڻهن کي ڪمائيءَ جو رستو سولو ٿو ملي اُتي گهڻا ماڻهو ٿا اچي ڪٺا ٿين. ڪيترائي شهر حاڪمن اچي وسايا آهن، تن مان ڪي سرحدي شهر آهن جي ڄڻڪ ڌارين ملڪن يا راڄن تي پهري رکڻ لاءِ ناڪا آهن ته ڌارين جو راڄ اندر دخل نه ٿئي، ۽ ڪيترائي وچان شهر آهن جتان گهڻن پاسن تي چوڌاري حڪومت هلائي ٿي سگهجي؛ جيئن ته مِيرن جي ڏينهن ۾ حڪومت جي سهوليت لاءِ وچون شهر حيدرآباد جو هو ۽ هاڻي جيڪب آباد ۽ ڪوئيٽا جهڙا سرحدي شهر انگريزن وسايا آهن. پر ڪيترا شهر واپار جي سهوليت ڪري ٿا وڌن جيئن ته هاڻي جڏهن دنيا جي مُلڪن جو هڪ ٻئي سان واپار سمنڊ رستي پيو هلي ۽ وڏا جهاز ڪم ٿا اچن تڏهن ڪراچي جهڙو بندر جتي اهڙا جهاز بيهي سگهن ايڏو وڏي ويو آهي. جڏهن واپار ننڍن ٻيڙين تي ايندو ويندو هو ته ٺٽو بندر وسيل هو پر وڏن سامونڊي جهازن آ ڳبوتن لاءِ اهو بندر ڪم نه ٿو اچي سگهي تنهنڪري ٺٽو ڪُننڊڙ شهر ٿي پيو. وڏا شهر ڪنهن هنر يا واپار جي سهوليت جي هنڌ تي يعني جتي ڪمائي سولي ٿئي

اُتي پيدا ٿا ٿين يا جتي حڪومت جو مرڪز پڌل هُجي اُتي، ڇاڪاڻ تہ اُتي بہ ڍلون خرچ پيون ٿين. شڪارپُور جو شهر واپار جي آڌار تي پڌل هو ۽ هاڻي سکر جو واڌارو بہ واپار ڪري بندر هئڻ سببان ۽ ضلع حڪومت جو مرڪز هئڻ سببان آهي پر صحت، تعليم ۽ وندر جي سهوليت ڪري بہ ننڍڙا شهر وسن ٿا ۽ اڳيئي وسيل شهر وڌيڪ زور وٺي سگهن ٿا. مطلب تہ جتي انسان جُون خوراڪ ۽ خوشِي، تَندرُستِي ۽ تعليم، بچاءُ، سُٺِي حڪومت، انصاف ۽ مذهبي عقِيدي جِي آزادِي ماڻڻ واريُون ضرُورتُون وڌيڪ سهوليت سان پُوريون ٿي سگهن ٿيون اُتي شهر ٿا بڌجن. جيستائين ڪي خاص يا عام گُهرجون اهي شهر بين هنڌن کان وڌيڪ چڱي طرح ٿا پُوريون ڪري سگهن تيستائين آباد ٿا رهن ۽ جڏهن اُهي انساني گُهرجون نہ ٿا پُوريون ڪري سگهن يا بين هنڌن تي وڌيڪ سهوليت سان پُوريون ٿيون ٿين تہ شهر ڪُٺڻ ۽ ڦٽڻ ٿا شروع ڪن.

- **شهر گويا ڳوٺن يا پاڙن جا مجمُوعا آهن**

ڪنهن بہ وڏي شهر کي جاچي ڏسبو تہ خبر پوندي تہ هر هڪ شهر جِھڪ ڳوٺن يا پاڙن جو مجموعو آهي ۽ تنهن ڪري جيڪي اسان ڳوٺن ۽ پاڙن جي سُڌاري لاءِ چيو آهي سو شهرن جي سُڌارڻ لاءِ ڪم اچي ٿو سگهي. پاڙا وري ڪٽنبن مان ٺهيل آهن ۽ تنهنڪري جيڪي ڪٽنبن جي سڌاري لاءِ چيل آهي سو شهرن جي سُڌاري لاءِ اوتري قدر ڪم ٿو اچي سگهي. پر انهن رستن کان سواءِ شهرن سمجهڻ ۽ سُڌارڻ جا ڪي وڌيڪ بيا بہ رستا آهن جي خيال ۾ رکڻ گهرجن.

- **ميونسپل معاملن جي سُڌاري لاءِ چڪاس**

شهرن جي سڌارڻ لاءِ هڪڙو نئون اوزار آهي شهري حڪومت يا ميونسپل معاملن کي سڌارڻ. جيئن پاڻ سڌاري ڪٽنب سڌارڻ سولا ٿا ٿين پر ڪٽنبن جا ڪي خاص ڪم آهن جن کي پوري ڪرڻ سان ڪٽنب ٿا سڌرن ۽ جيئن ڪٽنبن کي سڌارڻ سان پاڙا سڌارڻ ۾ سولائي ٿيندي پر پاڙن جا خاص ڪم آهن جيڪي ڪرڻ سان پاڙا سڌرندا، تيئن ئي پاڙي جي سڌارڻ سان شهر جو سڌارو سولو ٿيندو پر شهري حڪومت ڪي خاص ڪم سماجي زندگي جا ڪرڻا آهن، سي جيڪڏهن انهيءَ شهر جي

حڪومت يعني ميونسپالٽي چڱي طرح ڪندي رهندي تہ شهر جو سڌارو ٿيندو. تنهن کان سواءِ شهرن ۾ ڪيترين جماعتون خاص طرح پيدا ٿي وڃن ٿيون ۽ انهن جماعتن جي حالت سڌارڻ سان بہ شهر جي سڌاري ۾ مدد ٿي ملي سگهي.

- **شهر جي سُڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڇهہ عام ڇڪاسُون**

ڪنهن بہ شهر جي رهواسي يا ميونسپل ڪائونسلر کي اهو جاچڻو هجي تہ سندس ميونسپالٽيءَ جي حالت ڪيتري قدر سُڌريل آهي تہ هيٺين سوالن جي جوابن لهڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڪيس خبر پوندي، پهريائين خبر لهي تہ شهر جي حالتن گهرجن ۽ گهٽتاين جي پوري طرح جاچ ڪئي ويئي آهي يا نہ؟ گهڻو ڪري اجا تہ ڪيترين شهرن جي زمين ۽ مڪانن جي جاچ بہ پوريءَ طرح ٿيل ڪا نہ آهي، نڪي انهن جا نقشا پوريءَ طرح نڪتل آهن پر انهيءَ کان وڏيڪ سماجي زندگيءَ جي جاچ ڪرڻ جا ڪم تہ تمام سڌريل کان سڌريل دنيا جي شهرن ۾ مس ٿيل آهي. سُڌاري جو پهريون ڏاڪو آهي سچ لهڻ هلندڙ حالتن جي پوري پوري خبر ڪڍڻ. جيستائين شهر جي سماجي بيمارين جي خبر پوريءَ طرح نہ هوندي، شهر جي سچن اهنجن جي جاچ بہ ڪين ٿيل هوندي تہ اهنج دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪٿان ٿيندي.

- **ٻئي عام ڇڪاس آهي جاچ پٺاندڙ ڪم جي رٿ**

حالتن جاچڻ بعد ميونسپل کي پنهنجي ڪم جي رِٿ ناهڻ (رِٿابندِي ڪرڻ) گهرجي جيئن تہ عام سهوليتون جيڪي هر هڪ شهر ۾ موجوٗد ڪرڻ گهرجن اهي بہ موجود ڪيون وڃن ۽ هرهڪ شهر جا خاص اهنج خيال ۾ آڻي انهن کي بہ دُور ڪرڻ جي ڪوشش ريتائتي رستي هلندي اچي. شهر جي هر هڪ گهٽگهرو ۽ ميونسپل ڪائونسلر کي اهو سوال پاڻ کان پُڇڻ گهرجي تہ شهر جي ڪم جو سٽاءُ شهر واسين جي عام سهوليت جي بندوبست ڪرڻ لاءِ ۽ خاص اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ پُوريءَ طرح ٿيل آهي يا نہ؟

• اُتم انتظام جو سلسلو رڪيل آهي يا نہ؟

شهري حڪومت لاءِ ٽين عام ڇڪاس اها آهي تہ ڏسجي تہ انتظام جو سلسلو اعليٰ نموني جو آهي يا رواجي نموني جو؟ دنيا ۾ انتظام جا سلسلا گهٽ ۾ گهٽ ٽن قسمن جا آهن. هڪڙو آهي راجائي رستو يا سرڪاري يا حاڪمي رستو جنهن موجب ٽڪو خرچي پيسي جو ڪم مس ماڻهن کي پڙپيءَ يا پلئہ پوي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ اجائي ڏيگهہ ۽ فضول خرچي ڏٺي ويئي آهي. ٻيو آهي واپاري طريقو جنهن موجب نيت پرتيت (نيڪ نيتي ۽ ايمانداري) سان هلي، پيسي جي ڪم ڪڍڻ لاءِ پيسو ٿو خرچ ڪجي ۽ پوريءَ طرح جاچي ٿو ڏسجي تہ خرچ موجب ماڻهن جي پوري پوري خدمت ٿئي ٿي. ٽيون آهي خدمت جو سلسلو. سچن نيڪ ڪمن هلائڻ جو سلسلو جنهن موجب همدرديءَ سان پڙهيلن آزمودگار ۽ هوشيار ڪم ڪندڙن کان ميونسپالٽيءَ جا ڪم خيراتي ڪمن وانگر انهن کي عزت گهٽي ڏيئي پر هرو ڀرو پگهارون وڏيون ڪين ڏيئي ڪم جو بندوبست ڪرايو وڃي جيئن ڪيترن خيراتي سُوسائٽين جو سرشتو آهي جڳن تہ "ڀارتيہ شيوڪن جي منڊل" Servants of India Society پٽي هلي يا فرگوسن ڪاليج واري سوسائٽي پٽي ڪم ڪري يا ڪيترا آريا سماج يا ٻين سماجن جا ٻرپا ڪيل اسڪول ۽ ڪاليج پيا هلن. ٻيو وري انتظام جو سڀ کان اتم سائنسي طريقو آهي جنهن ۾ پگهار بہ عملي کي پُورو ملي پر هڪ ڪم لاءِ خرچ بہ وڃي گهٽبو ۽ سهولتيون وڃن وڌنديون جيئن تہ فورڊ موٽر ڪار وارو يا ڪئڊبري ڪوڪو وارو يا سنلائيٽ صابڻ وارو اهي پنهنجا ڪارخانا هلائي رهيا آهن جو روز (اُجورا) بہ وڌا ڏين پر اوزار اهڙا سُٺا ڪم آڻين ۽ بندوبست اهڙو سُنو رکن جو پنهنجون شيون بہ ڏينهون ڏينهن گهٽ ماڻهن کي ۽ سستي اگهہ تي پهچائي سگهن. تنهنڪري ڏسڻ گُهرجي تہ شهري ڪم شاهي اڄاڻ (ڏٻڏٻي) سان اوڦٽو (ڏٻڙ دونئس) طرح تہ نہ ٿيو هلي، سائنسي ڍنگ يا واپاري يا يعني خيراتي ڍنگ تي آڻڻ لاءِ ڪهڙي ڪوشش ٿي ڪئي وڃي.

• هر هڪ ڪم لاءِ سُٺا اوزار ۽ سُٺا طريقا مقرر ڪيل آهن يا نہ؟

هر هڪ ڪم ڪرڻ جا گهڻائي رستا آهن، پر انهن سڀني مان اسان کي ڳولي ڪڍڻو آهي اُهو رستو جيڪو سڀني کان سُٺو هجي، سولي کان

سولو هجي، سگهي کان سگهو هجي ۽ اهڙا اوزار جن سان سنيءَ، سوليءَ ۽ سگهيءَ طرح ڪم پورو ڪري سگهجي، اها هر هڪ ڪم لاءِ سٺن کان سٺن اوزارن ۽ سني کان سني طريقي جي ڳولا ڏسجي ته هر هڪ شهر ۾ تيل آهي يا نه. جي نه ته انهيءَ پاسي به قدم کڻڻ ضرور آهي.

- **ڪم ڪندڙ عملو پوريءَ طرح تعليم يافته آهي يا نه؟**

پنجين چڪاس آهي ته ڏسجي ته ڪم ڪندڙ عملو پوريءَ طرح هر هڪ ڪم لاءِ سني کان سني تعليم پرايل آهي يا نه. جيڪڏهن انجنيري ڪم ڪرائبا اهڙي کان جنهن انجنيري تعليم نه پاتي هوندي يا تعليم پرأيل هوندو پر عام خير جو خيال رکندڙ نه هوندو ته شهر جي خدمت پوريءَ طرح ڪين تي سگهندي. اهڙيءَ طرح هر هڪ ڪم لاءِ پورا پورا سِڪيل پر عام خير جي خيال سان پريل ماڻهو ڪم تي مقرر ڪرڻ گهرجن.

- **شهري ووٽر شهر جي بهتريءَ ڏانهن ڏيان ڏين ٿا؟**

شهر جي بهبودي شهري ماڻهن جي سمجهه ۽ چڱائيءَ ۽ چستيءَ تي آڌار تي رکي. جيڪڏهن ڪنهن شهر جا ماڻهو ووٽ کي شهر جي بهتريءَ لاءِ امانت ڪري ڪين سمجهندا، پر پنهنجن مطلبن ڪيڻ لاءِ هڪڙو ذريعو سمجهندا ۽ شهر لاءِ سني کان سٺا، وڏيڪ کان وڏيڪ خيرخواه ۽ لائق عيوضي ڪين چُونديندا، ته شهر جو ڪم چڱيءَ طرح نه هلندو. جيڪڏهن لِڱ لحاظ يا دِپ ڪري هو چڱن کان چڱن ماڻهن کي چوندڻ کان پاسو ڪندا ته شهر جو معاملو چڱيءَ طرح ڪين هلندو. جيڪڏهن جيڪي شهري ماڻهو ميمبريءَ لاءِ اُٿندا سي به هڪ ٻئي کي ورسائڻ تي سنيرندا ۽ عام خير کان وڏيڪ پنهنجي وڏ ماڻهپ يا خود عرضيءَ کي حاصل ڪرڻ جو خيال ڪندا ته به شهر جي حالت بگڙيل رهندي. ووٽرن کي عام خير جي لحاظ تي لائق کان لائق ماڻهو چُوندڻ گُهرجن ۽ پوءِ به هنن کي شهر جي بهبوديءَ ڏانهن ڏيان هلائڻ کپي، رُڳو تن چٹن ورهين ۾ فقط هڪ ڀيرو ووٽ ڏيئي چُپ ڪري وهندا ته بس نه آهي. هفتي هفتي يا مهيني ۾ هڪ ڀيرو ته پاڙي پاڙي جي اسڪولن ۾ گڏجي ووٽرن کي ويهي خيال ڪرڻ کپي ته شهر جا ڪهڙا اهنج ميونسپالٽي کي لاهڻ يا دُور ڪرڻ کپن ۽ پنهنجن عيوضين جي ڏيان تي اهي ڳالهيون آڻڻ گهرجن. ڪين اهو به ڏسڻ گهرجي ته سندن

عيوضي شهر جي بهبوديءَ لاءِ چُست آهن ڪين ڪرسي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو شهر جي لاءِ ڪو بہ ڪم نہ ٿا ڪن. پر پنهنجا ۽ پنهنجن مائٽن جا مطلب پيا فقط حاصل ڪن. چڱا ۽ چست ووٽر جيڪي ووٽ کي شهر جي ڀلي لاءِ امانت ٿا سمجهن سي چڱا، چُست، ۽ شهر جو ڀلو ڪندڙ ميمبر چونڊيندا. خود غرض يا ڊچندڙ ووٽر خود غرض، ڍُڄ لڳُو ميمبر چونڊيندا، تنهنڪري ووٽرن کي گُهرجي تہ شهر جي ڀلائيءَ جو خيال رکن ۽ شهر جي ڪمن ۾ ڌيان ڏيندا رهن. چڱي کان چڱا عيوضِي يا مقامِي نمائِندا چُونڊين تہ شهر جو ڀلو ٿيندو.

- **ڇهن عام ڇڪاسن کان سواءِ ٻارهن خاص ڇڪاسُون بہ آهن.**

شهرن جي سُڌاري لاءِ اسين ڇهہ عام ڇڪاسون ڏيکاري آيا آهيون. (1) شهري حالتن جي جاچ ٿيل آهي يا نہ؟ (2) جاچ موجب ڪم ٿيل آهي يا نہ؟ (3) بهتر نموني جو انتظام آهي يا نہ؟ (4) هر هڪ خذمت لاءِ سُنو رستو ۽ سنا اوزار ڪم ۾ آڻجن ٿا يا نہ؟ (5) ميونسپل جا ڪم ڪندڙ پنهنجي پنهنجي ڪم لاءِ پُوري تعليم پاتل آهن يا نہ؟ (6) شهري ووٽر ديانتداري ۽ شهر جي ڀلي لاءِ چست آهن يا نہ؟ انهن کان سواءِ ٻارهن خاص ڇڪاسون بہ آهي جن جو هاڻي اسين بيان ڪرڻ ٿا چاهيون. شهر جي سُڌاري لاءِ شهر جي صحت جي حالت هڪ وڏي ڇڪاس آهي، شهر جي تعليم جي حالت آهي ٻئي خاص ڇڪاس، ٽين ڇڪاس آهي شهر جي سلامتي ۽ چوٿين آهي شهر جي چڱي چال يا اخلاقي حالت، پنجين آهي زالن ۽ ٻارن جي حالت، ڇهين آهي ديني ۽ ڌرمِي ڪمن جي حالت ۽ خيرات جو رستو ستين خاص ڇڪاس آهي شهر جي خيال موجب عُمدِي رِٿ (يا رِٿابَندِي)، اٺين شهر جي آمدني ۽ خرچ جي رِٿ (يا رِٿابَندِي)، نائين آهي عام ڪم ڪهڙي رستي ٿا ٿين ۽ ڏهين عام سهولتيون ڪنهن جي هٿ ۾ آهن، يارهين شهر جي هٿ ۾ جايُون ڪيتريون آهن، ۽ ٻارهين تہ باغ ۽ راند جا ڪافي ميدان آهن يا نہ؟

- **صحت ۽ عُمر وڌايو، بيمارِي ۽ موت گهٽايو.**

صحت جي حالت شهر جي سُڌاري جي وڏي ڇڪاس آهي. ڏسجي هزار ماڻهن پٺيان سال ۾ ڪيترا ٿا مرن. سُڌريلن شهرن ۾ هزار پٺيان سال ۾ موت گهٽائي چوڏهن تائين آڻي سگهيا آهن. هتي تہ شهرن ۾ ڳوٺن کان بہ

موت گهٽو آهي. سڌريلن مُلڪن ۾ اهڙو بندوبست چڱي پاڻي جي ڏيڻ ۽ گندي پاڻيءَ وغيره جي نيڪال ۽ صفائي وغيره جو آهي جو شهرن ۾ ڪيترن ڳوٺن کان گهٽ موت آهي. اهو به ڏسڻو آهي ته بيماريءَ کي روڪڻ جو ۽ ان جي علاج ڪرڻ جو بندوبست ڪيتري قدر شهر ۾ ٿي رهيو آهي ۽ سڀ کان وڏيڪ ڏسڻو آهي ته تندرستيءَ جي واڌاري ۽ صفائيءَ جو بندوبست شهر ڪيترو ڪيو آهي. صفائي ۽ صحت وڌائڻ، بيمارين کي روڪڻ ۽ هر هڪ بيمار جو ترت علاج ڪرڻ، موت گهٽائڻ ۽ عمر وڌائڻ اهو شهري حڪومت جو خاص فرض آهي.

گهر گهر سِکيا موجُود ڪريو

- **هر هڪ کي سندس سمجهه ۽ گهرج آهر سِکيا ملي**

شهرن جي ٻئي خاص چڪاس آهي ته ڪيتري قدر هر هڪ شهريءَ کي ساري عمر سمجهه ۽ گهرج آهر بهتر سکيا جا وجهه يا موقعا ۽ سهولتيون ڏنيون ٿيون وڃن. سک جو ذريعو آهي سُٺي سِکيا ۽ ماڻهو ساري حياتيءَ تائين سکي سگهي ٿو. ٻهرين سٽن ورهين ۾ سکيا جو اثر تمام گهرو ٿو ٿئي تنهنڪري ڏسجي ته شهر ۾ گهر گهر سکيا جو بندوبست ڪيتري قدر ٿيل آهي. پوءِ ڏسجي ته ابتدائي تعليم جو بندوبست هر هڪ ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪر لاءِ ٿيل آهي يا نه. پوءِ ڏسجي ته اعليٰ سکيا لاءِ ۽ ڌنڌي ۾ گهڙڻ لاءِ سِکيا جُون سهوليتون آهن مذهبي، اخلاقي ۽ شهري فرض سمجهڻ ۽ ادا ڪرڻ لاءِ سکيا جا وجهه ۽ سهوليتون ڏنيون وڃن ٿيون يا نه. سکيا هر هڪ جي جنم جو حق آهي ۽ سکيا بنا ماڻهو جانور مثل آهي ۽ سندس طاقتن جي خبر نه ٿي پوي. نڪي اهي وڌائي سگهجن ٿيون. تنهنڪري هر هڪ جي سکيا جو بندوبست سندس سمجهه آهر ۽ سندس ۽ شهر جي گهرجن آهر ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ ڪيتري قدر اها ضرورت پوري ٿيل آهي تنهن مان سهي ڪري سگهجي ٿو ته شهر سُڌريل آهي يا نه.

- **سلامتي کان سواءِ شهر جو سُڌارو ڪونهي**

تندرستيءَ يا تعليم جي بندوبست جي خاص چڪاس بعد اهو به ڏسڻو آهي ته شهر جي سلامتي جي حالت ڪهڙي آهي. باهه روڪڻ ۽ وسائڻ

جو بندوبست پُورو آهي يا نہ؟ رستن تي روشنائي جو بندوبست آهي يا نہ؟ گاڏين هيئان ماڻهو چيپاڄي نہ وڃن انهيءَ جو بندوبست آهي يا نہ؟ پهري جو بندوبست پُورو آهي يا نہ؟ شهرن کي باهہ، ٻوڏ، دنگي فساد، چوراڪاريءَ کان بچائڻ، دڳن تان سلامتيءَ سان لنگهي سگهڻ جو بندوبست ڪرڻو آهي. جيتري قدر اهي بندوبست ڪو بہ شهر چڱيءَ طرح ٿي ڪري اوتري قدر اهو شهر سُڌريل آهي.

- **چڱي چال تہ چڱو شهر**

سُڌريل شهر اُهو جنهن ۾ ماڻهن جي هجي چڱي چال. تنهنڪري چوٿين خاص چڪاس آهي چڱيءَ چال جي. شهر ۾ شراب خوري ۽ بدمعاشي بند ڪرڻ لاءِ ڪهڙو بندوبست ٿيل آهي؟ ڪهڙو اپا ڪرڻ کپي؟ شهر ۾ سوڙهہ ۽ گهُٽ ڪري گهرن جي خِلوت (تنهائِي ۽ رازدارِي) ۾ خلل تہ نہ ٿو پوي؟ جاين ٿورين هئڻ ڪي ائين تہ نہ آهي تہ مرد گهڻا ۽ عورتون تمام ٿوريون هئڻ ڪري ائين تہ نہ آهي تہ مرد گهڻا ۽ زالون تمام ٿوريون اچي شهر ۾ رهيون آهن جنهن ڪري ڪيترن کي گهرو حالتون ميسر نہ هئڻ ڪري بدچالي ٿيڻ جو امڪان وڌيو تہ ڪو نہ ٿو وڃي؟ رستن تي گار گند جهيڙن جهڳڙن ۽ چيڙ چاڙ جو رواج گهٽائڻ جي ڪوشش آهي يا نہ؟ مطلب تہ گهر گهر، پاڙي پاڙي ۾ چڱيءَ چال وڌائڻ جي ڪوشش آهي يا نہ؟

- **عورتن ۽ ٻارن جو موت گهٽايو**

جيڪي شهر، ڳوٺ، پاڙا، ڪٽنب عورت ۽ ٻارن کي بچائڻ جي پوري ڪوشش نہ ٿا ڪن سي ضرور ڪٽندا ويندا ۽ آخر ختم ٿي ويندا. عورت ۽ ٻارن جي پُوري سنڀال شهر جي سُڌاري جي پڪي نشاني آهي. انساني ڪوشش سان ننڍپڻ جون شاديون گهٽائي ۽ ويم گهرن ۾ ويم ڪرائڻ لاءِ پورو بندوبست رکي عورت جو موت گهٽائي ٿو سگهجي، خاص ڪري ويم ۾ تہ 300 ويمن پٺيان هڪ عورت مري اهڙي ڪاميابي حاصل ڪري ٿي سگهجي. ٻارن جو موت بہ ايتري قدر گهٽائي ٿو سگهجي جو هڪ سال اندر هزار ڄاولن ٻارن مان فقط چاليهہ مس مرن، ٻيا سڀ صحيح سلامت رهن. اسان جي مُلڪ ۾ هزار پٺيان اڍائي سو پهرئين سال مريو وڃن يعني جيترو

ٻارن ۾ موت هيٺ گهرجي تنهن کان ڇهوٽي ڪان بہ وڌيڪ آهي. هر هڪ شهر جو اهو وڏو فرض آهي تہ صفائي ۽ صحت سکيا ۽ ٻئي طرح سان ويمر ۽ ٻارن جي سنڀال جو بندوبست رکي عورت ۽ ٻارن جو موت گهٽائي.

- **سچي سخاوت سا جا خُوديا وري (خُودداري) سيکاري**

سڏريلن شهرن ۾ اهو بہ بندوبست ٿيندو آهي تہ سخاوت جو اهڙو بندوبست رکيو وڃي جو سچ پچ جنهن سان بہ اتفاق يا اهنج هجي سو ترت دور ٿئي، پر اهڙي طرح سخاوت نہ هجي جو وٺندڙن جو يا عزت نفس گهٽجي يا سُستِ ٿين يا نِڪما رهن ۽ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جو خيال ئي ڇڏي ڏين. جرمنيءَ جي ايلبرفيلڊ شهر ۾ تمام سُٺو بندوبست ڪيل آهي. سڄو شهر پاڙن پاڙن ۾ وراهيل آهي ۽ پاڙي پاڙي مٿان چڱا ماڻهو مقرر ٿيل آهن جيڪي غريبن، بي روزگارن وغيره جي جاچ رکن ۽ انهن کي واجبي صلاح ۽ مدد ڏيئي انهن جا ڏک دور ڪن ۽ انهن کي روزگار لڳائين. اُتي بنا جاچ جي يعني خيرات ڪو نہ ڏيڻ ۾ اچي. هر هڪ چڱي هوشيار ماڻهوءَ جي ٻلي چار پنج گهُرجائو گهر ڏنل هوندا جن جي حالت جي بهتريءَ لاءِ هو خيال رکي مهيني سر واريءَ ڪاميٽيءَ ۾ پاس ڪرائي انهن کي مدد وٺي ڏيندو. اهڙن ملڪن ۾ پنڻ ڏوهہ آهي، پر مدد لاءِ ڪو بہ گهُر ڪري تہ جاچ بعد هن کي شهر مدد ڏيندو ۽ مٿانئس نگهباني رکندو. ڏناٺون تہ سمجهہ سان گهُرجائن جي مدد ڪرڻ ڪري گهرجائو سچ پچ گهٽايا ويا تہ بہ هر هڪ گهُرجائوءَ جي سچي گهُرج پُوري ڪرڻ لاءِ جوڳو بندوبست هو. جيڪو بہ چڱو ماڻهو پنهنجي پاڙي لاءِ انهيءَ امداد جي جاچ جي ڪم تي رکيو وڃي تنهن کي انهيءَ لاءِ وقت ڏيڻ ضروري ٿو ٿئي نہ تہ سندس ووٽ کسيو ٿو وڃي ۽ اهو ميمبر نہ ٿو ٿي سگهي. اسان وٽ اجائي امداد ڏاڍي آهي. ماڻهن کي پِن سيکاري پيئي وڃي. پِن کان پورهيو ڏيڻ ڀلو آهي ۽ امداد جو پيسو ڪيترين حالتن ۾ نالائق ماڻهن جي هٿ ۾ ٿو رهي ۽ خراب ڪمن ۾ ٿو برباد ٿئي. جيڪڏهن عقل سان امداد ڏني وڃي ۽ خيراتي پيسو سَڪيارِتو (سَجايو) ٿو ڪيو وڃي تہ غريبن جا آهنج بہ وڌيڪ چڱي طرح دُور ٿين ۽ گهُرج وارن جو تعداد بہ برابر گهٽائي سگهجي.

▪ شهر رٿيل تہ سڀ سُک حاصل

شهر جو سُڌارو ۽ حياتيءَ جي سهوليت شهر جي رِٿابنديءَ تي گهڻو ڪُجهہ مدار تي رکي. جيڪڏهن اسڪول، پوسٽ آفيس، اسپتال يا مارڪيٽون ۽ مُکيہ ڪاروبار جا مرڪز شهر جي هڪ پرين ڪنڊ تي هوندا تہ ماڻهن کي اجايو پنڌ ڪرڻو پوندو پر جي رٿ موجب عام ضرورتن جا هنڌ واٽڪا ۽ وچ تي رٿيل هوندا تہ سيڪو سهوليت سان وڃي سگهندو. وري رٿ بنا شهر ۾ ڳاهٽ ۽ سوڙهہ ٿيندي پر رٿيل شهر ۾ شهر جي واڌاري جو خيال ڪري زمينون ۽ رهڻ ۽ ڪارخانن ۽ راندين جون جايون اڳيئي مقرر هونديون تہ پوءِ شهر پل پيو وڌي تہ بہ تڪليف ڪا نہ ٿيندي. شهر رٿيل هوندو تہ پاڻيءَ جي پهچائڻ ۽ نيڪال جو بہ جوڳو بندوبست هوندو. رستا بہ ويڪرا ۽ ٿورا ڪڏڻا پوندا، هاڻي جيڪي نوان بوستاني شهر هائورڊ صاحب جي تحريڪ موجب پيا نهن تن ۾ شهر جي رٿ اڳواٽ ئي نهيل تي رهي ۽ سارو پٽ شهر جي ماڻهن يعني ميونسپالٽيءَ جي ملڪيت آهي. انهيءَ ساري ملڪيت جا حصا آهن جي شهري وٺي سگهن ٿا ۽ هنن کي گهرج آهر جايون شهر کان مسواڙ تي ملي سگهن ٿيون. جنهنڪري مشڪلات ۽ بيمارين ۽ موت بلڪل گهٽايو ٿو وڃي. ماڻهن کي جيڪا ڍل ڏيڻي تي پوي سا آهي فقط مسواڙ ۽ بين اڻ رٿيل شهرن کان هر طرح سهوليت وڌيڪ ۽ خرچ گهٽ ٿو اچي جيڪي بہ نئين طرح شهر بڌي نٿا سگهجن اتي بہ جي ميونسپل وارا شهر جي گهرجن ۽ واڌاري جو خيال ڪري پنجاهہ ورهين لاءِ اڳواٽ رٿي رکندا تہ آس پاس جون زمينون سستيون هٿ ڪري سگهندا ۽ ماڻهن کي سندن گهُرجن آهر ڏيئي سگهندا، جنهن ڪري جاين جو سٿو بند ٿي ويندو ۽ انهن جي قيمت اجائي ڪين وڌندي ۽ هر هڪ کي واٽکي جاءِ سستي پر فقط رهڻ يا ڪتب آڻڻ لاءِ ملي سگهندي. اڳواٽ جاچ ۽ خيال ڪرڻ سان سستو بندوبست ٿي ٿو سگهي نہ تہ اڻ رٿيل شهر خود عرضيءَ جي خيال ئي جيئن وٹندس تيئن وڌندو ويندو ۽ ڪٿي گهٽ تہ ڪٿي اجايا ميدان ڏسڻ ۾ ايندا. شهر جي سُڌاري لاءِ شهر کي چڱيءَ طرح رِٿڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي ۽ اها بہ سُڌاري جي خاص چڪاس آهي.

- **آمدنيءَ خرچ جي رِٿ- بجيٽ يعني تخميني جي چڪاس**

جن کي پنھنجو شھر سُڌارڻو ھجي سي شھر جي بجيٽ يعني آمدني ۽ خرچ جي رٿ تي تمام خيال ڏين. شھرن جي خرچ ٿيندو آھي وصوليءَ ۽ عملي تي، رستن ۽ وٽن تي، صحت ۽ سِکيا تي، سھوليتن ۽ عام فائدي جي ڪمن تي وغيره. جاچڻ کپي ته صفائي صحت ۽ سکيا تي جيترو خرچ ٿيڻ کپي اوترو ٿئي ٿو يا نه ۽ جيترو خرچ ڪيو ٿو وڃي ان موجب ماڻھن جي خذمت به ٿئي تي يا نه. پنھنجي شھر جي بجيٽ پاڻ جھڙن وڏن شھرن ۽ ساڳي ملڪ ۾ ٻين شھرن سان ڀيٽي ڏسڻ کپي. ڪيترن ھنڌ رستن ۽ روشنائي تي ڪيترو خرچ پيو ٿئي پر صفائي ۽ صحت ليئي ڪا نه ۽ تعليم جو پورو بندوبست ڪونھي.سو شھر جي آمدني ۽ خرچ جي رٿ يعني تخميني ۾ شھر جي پنچاتن محصول پريندڙن جي جماعتن، صحت ۽ سکيا جماعتن ۽ ٻين مجموعن جي به صلاح وٺڻ گھرجي ۽ بجيٽ جي پڌرائي ۽ ن تي بحث چڱيءَ طرح ٿيڻ گھرجي.

- **شھري سامان سُنو ۽ سستو خريد ٿو ٿئي ۽ ڪم سُٺا ۽ سستا ڪرايا ٿا وڃن يا نه؟**

شھر جي سڌاري جي ھڪ وڏي چڪاس آھي ته ڏسجي شھر لاءِ سامان جتادار ۽ سستو خريد ٿو ڪيو وڃي يا خريد ۾ نيڪن ۾ ڪنھن کي ورسائڻ يا نوازڻ جي ڪوشش پئي ٿئي ۽ شھر پيو ڦُرجي. اھو به ڏسڻو آھي ته جيڪي شيون خريد ڪجن ٿيون تن جي سُنائپ جاچڻ لاءِ چڪاسُون يا ڪي ماڻ ماپا مقرر آھن يا نه ۽ انھن موجب خريد ٿيون ٿين ڪين نه، ھر ھڪ ڪم لاءِ بھتر رستو جاچيل آھي يا نه ۽ نيڪن وغيره جو اگھه جاچ سان ۽ ٺھرايلن نرخن موجب آھي يا نه. ڏسڻو آھي ته شھر جا رستا ۽ ميونسپل جي ڪمن ڪرڻ ۽ اسڪولن جون جايُون پُورن رستن تي ۽ پڪيون ٺھرايون ٿيون وڃن ڪين نه. اھڙيءَ طرح سامان ۽ ڪمن تي ڌيان ڏيڻ سان شھر جو ڀلو ۽ سُڌارو ڪري ٿو سگھجي.

- **بجلي، ٽرام ٽرانسپورٽ، ٽيليفون جهڙيون عام سهوليتون شهر جي هٿ هيٺ آهن ڪين خود غرضين جي؟**

جيڪي سُڌريل شهر آهن سي دُورانديشِي ڪري بجلي، ٽرام يعني ٽرانسپورٽ ۽ ٽيليفون جهڙا ڪم پنهنجي هٿن ۾ ٿا رکن، جيئن اهي عام سهوليتون عام ماڻهن کي سستيون ۽ سولائيءَ سان ملي سگهن. جي ڪنهن خانگي ڪمپنيءَ جي هٿ هيٺ اهي ڪم ٿا ڏجن، ته شهر جي وڌڻ ڪري يا انهن ضرورتن کي وڌيڪ ڪم آڻڻ جي رواج ڪري جيڪو فائدو ٿئي ٿو سو شهر کي نٿو ملي. بلڪ ڪيترن حالتن ۾ ميونسپالٽيءَ کي خود روشنائي لاءِ تمام ڳرا اگهه ٿا ڏيڻا پون. جنهنڪري جٽڪ شهر جي دل ڪنهن خاص ڪمپنيءَ جي ورسائڻ لاءِ ٿي وڃي. جرمنيءَ جي شهر ۾ بجليءَ ٽرام يعني ٽرانسپورٽ ۽ ٽيليفون جو ڪم ميونسپالٽيون گهڻو ڪري پاڻ هلائيندڙيون آهن ۽ ڏٺو ويو آهي ته آخر انهيءَ ڪري شهر وارن کي فائدو آهي جو يا ته انهن سهولتين جا اگهه گهٽائي ٿا سگهجن يا انهن مان جيڪو فائدو ٿئي ٿو سو شهر جي ٻين ڏلن گهٽائڻ جي ڪم ٿو اچي.

ميونسپل آفيسون، اسڪول، اسپتال ۽ ٻيون رهڻ جون جايون ميونسپل جي ملڪيت هئڻ گهرجن.

سُڌاري جي هڪ خاص چڪاس اها ٻـ آهي تـ شهر جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ جيڪي جايُون گُهربل آهن سي ميونسپل جي پنهنجي ملڪيت هجن، نـ تـ ڀاڙي تي شهر جي واڌاري ڪري جيئن ڀاڙو وڌندو ويندو تيئن ميونسپل تي ويندي چٽي وڌيڪ پوندي. اڳ ۾ ٿي شهر جي اسڪولن اسپتالن ۽ ميونسپل ڪمن لاءِ جايُون ۽ عام راندين لاءِ ميدان، وندر لاءِ باغيچن جا ٽُڪر ميونسپل کي پنهنجي لاءِ بچائي رکڻ گُهرجن جيئن پٺي ڪنهن ڦورُوءَ جي پر نـ پوڻون پوي.

- **راند لاءِ ميدان ۽ وندر لاءِ باغيچا**

ڏِسڻ گهُرجي تـ شهر جي حڪومت زمين جو ڪيترو حصو راند لاءِ ميدانن ۽ وندر ۽ هوا جي صفائي لاءِ باغيچن واسطي ڇڏي ڏنو آهي. سُڌريل

شهر اهو بندوبست ٿا ڪن تہ هر هڪ شهري لاءِ پنجين منٽين جي پنڌ تي ڪو نہ ڪو باغيچو کُليل هوا کائڻ لاءِ ۽ ٻارن جي راندين لاءِ ڪو نہ ڪو ميدان ضروري هُجي تہ ننڍا ٻار راند ڪري وڏي سگهن ۽ بيمارين کان بچن ۽ زالون ۽ مُڙس کُليل هوا ۾ گلن ۽ وڻن ۽ گاهہ جي سُونهن ماڻي سگهن ۽ دل فرحت ۾ رکي سگهن.

- **ارڙهن چڪاسُون لائي ڏسو**

اهي ارڙهن چڪاسون جيڪڏهن شهري حڪومت هلائيندڙ يا شهري ماڻهو پنهنجي شهر سان لائي ڏسندا تہ کين خبر پوندي تہ سندن شهر جو بندوبست ڪيتري قدر سُٺو آهي ۽ ڪيتري قدر سُڌاري جي اجا ضرورت آهي. شل شهر شهر ۾ ڪي عام خير کي چاهيندڙ ائين شهر جي ڪمن کي بہ اهڙي نموني سان جاچي ڏسن ۽ تن من ۽ ڌن ڏيئي شهر جون گهُرجُون بہ اهڙيءَ طرح پوريون ڪن جيئن پنهنجن گهرن جُون. هِندُو عقِيدي ۾ وان پرست آشرم جو اهو ئي مطلب آهي تہ آزمودگار ماڻهو ائين شهرن جي عام خير ۾ پنهنجي عمر جو 50ورهين کان 75 تائين حصو ڪم ۾ آڻين. جيئن ٻهريان ويهہ پنجويهہ ورهيہ هر هڪ شهري شل علم پرائي، ۽ ٻيا ويهہ پنجويهہ ورهيہ محنت ڪري ڪُٽنب جُون گهُرجون پُوريون ڪري، تيئن ئي ٽيان ويهہ پنجويهہ ورهيہ واجب آهي تہ عام خير جو خيال ڪري ۽ شهر جي گُهرجن پُورين ڪرڻ ۾ محنت ڪري. انهيءَ ڪري ئي شهرن جو سُڌارو ٿيندو.[1]

---

[1] هندو ڌرم موجب ماڻهوءَ جي ڄمار سؤ ورهين جِي ڪٿِي ويئي آهي، جنهن کي چئن آشرمن يعني حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1) **برهم چريہ:** اهو ميعاد ڄمڻ کان 25 ورهين تي ٻڌل آهي، جنهن دوران ماڻهوءَ کي پنهنجو ننڍپڻ سِکڻ ۽ علم جي کوج ۾ گذارڻ گهرجي، (2) **گرهست:** اهو عرصو 50 ورهين جي ڄمار تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ماڻهو شادي ڪري ٻار ٻچا پيدا ڪري ٿو انهن جي پالنا ۽ سِکيا ۾ گُذاري ٿو ۽ روزگار ۾ وقت گُذاري ٿو. (3) **وان پرست:** 75 ورهين جي ڄمار تائين گهر ٻار ۽ دُنياداريءَ سان گڏ ماڻهو کي پاڻ سُڃاڻڻ ۽ رُوحاني طور اندر ۾ کوج ڪرڻي آهي ۽ پاڻ کي دُنياداريءَ کان پاسيرو رکڻو هوندو آهي، آخر ۾ (4) **آشرم سنياس** آهي، جيڪو 100 ورهين جي ڄمار تائين ماڻهو گهر ٻار ۽ دنياداريءَ کي ترڪ ڪري مالڪ حقيقيءَ سان لنوءَ لڳائي هن دنيا مان موڪلائي وڃڻو آهي.

مُلڪ مُلڪ جو سڏارو

- **مُلڪ ڇا ڪي چئجي**

شهر شهر جي پسگردائيءَ ۾ ڳوٺ آهن ۽ ڪيترائي شهر آهن جي هڪ مُلڪ ۾ اچي ٿا وڃن. سچو سُڏارو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن هر هڪ شهر پنهنجي، چوڌاري ڳوٺن ڪي سڏاريندو ۽ اهڙا سيئي لاڳاپو رکندڙ شهر ۽ ڳوٺ گڏجي ساري مُلڪ جو سڏارو ڪندا. ڏسجي ٿو ته هي دنيا ڪن قدرتي ٽُڪرن ۾ ورهايل آهي. جتي ڏسون تتي جبل جي چوٽيءَ کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين قدرتي ٽُڪر آهن. جبل، لاهيون، نديون، ميدان، ڪنارو ۽ منجهن هنڌ هنڌ تي ڳوٺ ۽ شهر، اهو نظارو ساري ڌرتي تي پيو نظر اچي. اهڙن جبل جي چوٽيءَ کان وٺي سمند جي ڪناري وارن قدرتي ٽُڪرن کي قدرتي مُلڪ ڪري ڪوٺي سگهجي ٿو. پر اهڙا ٽڪر ڪي وڏا ڪي ننڍا تصور ڪري سگهجن ٿا. جيئن ته سارو ننڍو کنڊ يا بَرصغير هڪڙو قدرتي ٽُڪر آهي جيڪو هماليہ جي برفي چوٽين ۽ پهاڙي ديوار ۽ عربي سمنڊ جي دريائي ديوار جي وچ ۾ هڪڙو نرالو مُلڪ پيو لڳي. انهيءَ ۾ وري بہ قُدرتي ٽُڪر پيا نظر اچن. هڪڙو هماليہ جبل کان ونڌيا جبل تائين پيو دکن. وري دکن ۾ بہ ٽڪر پيا ڏسڻ ۾ اچن. هڪڙو ايرندي گهاٽن وارو ليٽيل لاهہ، مدراس، ٻيو الهندي گهاٽ وارو اونهو لاهہ، بمبئي صوبي وارو. انهن وڏن قدرتي ٽُڪرن ۾ ٻئيا ننڍا قدرتي ٽڪر آهن جن کي پنهنجا ڌار ڌار جبل نديون ڪنارا آهن، ۽ منجهن ٻولي بہ نرالي آهي؛ جيئن تہ سنڌ جنهن جي هڪ پاسي ڪوهستان، ٻئي پاسي ريگستان ۽ وچان سنڌوندي وهي اچي

سمنڊ ۾ پوي ٿي. گجرات هڪڙو پنهنجي جبلن ۽ ندين ۽ ڪناري سان قُدرتي ٽُڪر آهي جنهن ڪي ٻولي ٻه نرالي، مهاراشٽر وري ٽيون اهڙو قدرتي ٽُڪر آهي جنهن ڪي ٻوليءَ ٻه نرالي. اهڙن ننڍڙن قدرتي ٽڪرن ڪي جن جي ٻولي ٻه نرالي هجي ڪٽي اسين مُلڪ چئون ته ٺهي اچي. هندُستان جهڙن وڏن قُدرتي ٽُڪرن ڪي ڪٽي گڏيل مُلڪ چئون. هاڻي مُلڪ مُلڪ جو ڪِيئن سُڌارو ٿئي اهو خيال ڪرڻو آهي.

- **مُلڪ جا جزا**

مُلڪ مُلڪ جاچي ڏسبا ته منجهن ڪيترا شهر ڏسڻ ۾ ايندا ۽ هر هڪ شهر جي چوڌاري سندن ڳوٺ ڏسڻ ۾ ايندا. هڪڙو سلسلو مُلڪ جي سڌاري جو آهي اهو ته هڪ هڪ شهر پنهنجي چوڌاري وارن ڳوٺن جي خدمت ڪري ۽ انهن ڪي علم ۽ هنر ۾ مدد ڪري، جيئن اهي هن ڪي اناج ۽ ڀاڄين ۽ گيهه ڪپهه وغيره جهڙن شين ۾ مدد ڏنا ڪن. اهڙيءَ طرح هر ڳوٺن ڪي مدد ڪن ۽ ڳوٺ شهرن ڪي. وري سڀ پنهنجن ڳوٺن سميت شهر، ساڳئي مُلڪ ۾ جيڪي شهر آهن تن سان گڏجي اهي سڌاري ۽ هڪ ٻئي ڪي مدد ڏيڻ جا ڪم ڪٽن، جيڪي هڪ هڪ شهر جدا طرح سولائيءَ سان پورو ڪري نه ٿو سگهي. مطلب ته سماجي سڌاري ۾ شخصي سڌارو پاڙن جو سڌارو شهرن جو سڌارو انجمنن يا جماعتن جو سُڌارو ۽ سماجي جوڙ جڪ وڏيڪ انصاف وارا نوان رستا ڪم آڻڻ، انهن سڀني ڳالهين جي ضرورت آهي.

- **مُلڪ سُڌاري جو مرڪز آهي: يونيورسٽي** (University)

مُلڪ مُلڪ جي سُڌاري جي چوٽي ۽ مرڪز آهي يونيورسٽي. اهڙيءَ طرح سنڌ مُلڪ جو سڌارو ڪرڻو هجي ته سنڌ لاءِ جدا يونيورسٽي هجي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي سوچڻ ۽ هلائڻ لاءِ مغز مليل آهي تيئن يونيورسٽي هر هڪ مُلڪ لاءِ انهيءَ مُلڪ بابت ويچار ڪرڻ ۽ انهيءَ مُلڪ کي چڱيءَ طرح هلائڻ لاءِ جڻڪ هڪ سماجي مغز آهي. مُلڪ جو پڪو پڪو سڌارو انهيءَ سماجي مغز جي سالم رهڻ تي تمام گهڻو ٿو آڌار ڪي.

- **سڌريل مُلڪ چئجي ڇا کي؟**

سڌريل مُلڪ جو نشانيون ڪهڙيون؟ پيون ڪهڙيون ٻه نشانيون هجنس هڪ پڪي نشاني سُڌاري جي هي ته ضرور آهي، ته انهيءَ مُلڪ جي

ماڻهن پنهنجو مُلڪ چڱي طرح جاچي ڏٺو آهي. مُلڪ جي آبهوا، زمين، کاڻين زراعت، جانورن ۽ پکين ۽ مُلڪ ۾ رهندڙ جدا جدا ذاتين جي پوري پوري خبر لهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائون. جاچ ڇا لاءِ ڪئي اٿائون؟ انهيءَ لاءِ تہ ڪيتُن جيڪي سندن مُلڪ ۾ موجود آهي. سو ماڻهن جي هلندڙ ۽ ايندڙ گهُرجن جي پوري ڪرڻ لاءِ چڱيءَ طرح ڪتب آڻجي، بچائي سگهجي، سڌاري سگهجي. مختصر طرح اهو چئي تو سگهجي تہ سڌريل مُلڪ اُهو جو مُلڪ جي موجود حالتن کي ۽ شين کي چڱيءَ طرح جاچڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. مُلڪ سڌاري جي ٻئي نشاني ڪهڙي؟ ٻئي اها تہ منجهس جيڪي ڪجهہ موجود آهي تنهن کي ڪتب آڻڻ، گهڻو وقت جهلائڻ، بچائڻ ۽ وڌيڪ سڌارڻ لاءِ سٺي کان سٺا اوزار ۽ رستا ڪم ۾ آڻڻ، انهيءَ لاءِ تہ سگهو (پائيدار نموني) ۽ سولائي سان مُلڪ جي رهاڪن جون گهُرجون پوريون ٿي سگهن، يعني سڌريل مُلڪ اهو چئجي جنهن ۾ ٿوري کان ٿوريءَ محنت سان هر هڪ مُلڪ واسيءَ کي پورو پورو کاڌو ڪپڙو ۽ رهڻ جي جاءِ ملي سگهي.

مُلڪ سڌاري جي ٽين نشاني اها آهي تہ منجهس انساني حياتيءَ جو گهٽي کان گهٽو بچاءُ ۽ تحفُظ هجي. ڪيترو بہ ڄمر هجي پر موت انهيءَ کان ايترو گهٽ جو ملڪ ۾ رهندڙ جو ٻچت ڪري سال بہ سال چڱو واڌارو ٿيندو هجي ۽ عمر بہ هر هڪ وڏي کان وڏي ماٺي سگهندو هجي. سڌريل مُلڪ اهو جتي صفائي طور بيمارين روڪڻ جو بندوبست پورو صحت وڌائڻ جا رستا سڀ اختيار ڪيل هجن ۽ موت تمام گهٽ ۾ گهٽ هجي.

مُلڪ سڌاري جي چوٿين نشاني ڪهڙي؟ اها تہ سٺي کان سٺي چونڊيل سماجي آزمائش تعليم جي رستي هر هڪ رهواسيءَ کي سندس جائي ڄمر جي طاقت آهر ۽ سندس ۽ مُلڪ جي گُهرجن آهر سولي کان سولي رستي ٿوري کان ٿوري وقت ۾ ملي سگهي. مطلب تہ هر هڪ ٻار زال ۽ مڙس کي جوڳي تعليم ساري عمر سولائي سان ملندي رهي.

مُلڪ سڌاري جي پنجين نشاني هيءَ تہ منجهس هر هڪ ماڻهوءَ کي دل، دماغ ۽ هٿن جي هاج سکڻ ۽ ڪرڻ جو رواج چڱي طرح پيل هجي، جيئن هر هڪ گهٽي کان گهٽي وقت تائين ٻئي ڪنهن جي ترقي جي آڏو اچڻ کان سواءِ ڪمائتي طرح جي سگهي. ۽ پڻ مُلڪ ۾ پورهئي جي ورڇ ۽ ڪمائي جي ڦلن جي ورڇ انصاف سان ٿيندي رهندي هجي.

ڇهين نشاني سُڌاري جي هيءَ ڏسڻ ۾ ايندي ته ماڻهن جي پاڻ ۾ محبت هوندي ۽ هو هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ منجهن مقدمي بازي يا جهيڙا جهڳڙا ڪين هوندا ۽ چوري، زوري ۽ بي انصاف روڪيل هوندو.

ستين نشاني سُڌريل مُلڪ جي اها آهي ته هو پاڻ کي ٻاهرين ۽ ڌارين جي ڪاهه کان بچائي سگهندا ۽ ايترو ضابطو هوندن جو سندن پورهئي جو ڦل ٻئيا ڪين کڻي ويندا. پر سُڌريل مُلڪ ٻين مُلڪن سان محبت سان ميل ميلاپ وڌائيندو رهندو ۽ دوستاڻي ۽ انصاف موجب سهڪاري سرشتو پکيڙيندو رهندوءَ انهي لاءِ ته ساري انسانيت جو ڀلو ٿئي.

- **مُلڪ جي سڌارڻ لاءِ عظيم انسان جي ڳولا ترقيءَ جي ضرورت.**

مٿين ستن قسمن جي سُڌاري آڻڻ لاءِ عظيم انسانن جي ضرورت آهي. مُلڪ جو سڌارو عظيم انسانن جي ذريعي ٿيندو آهي. قدرتي طرح جاچيو ويو آهي ته هر ملڪ، هر قوم ۽ هر ذات ۾ 500 مان هڪ ماڻهو خصوصي طاقتن سان جنم ٿو لهي. پر ڪا به طاقت ڪلندي ۽ ڪم تڏهن ڏيندي آهي جڏهن انهيءَ طاقت کي کولڻ ۽ هلائڻ جي وجهه ملندو آهي. تنهنڪري جن مُلڪ ۾ خصوصي طاقت وارن ماڻهن جي ڳولڻ ۽ ماڻهن جي طاقتن کي وڌڻ لاءِ وجهه ڏيڻ يا موقعا آڇڻجي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي سي مُلڪ وڏيڪ سڌريل ٿا ٿين.

- **عظيم انسانن جي لَيڻ ۽ اُسرڻ جا ڪارڻ**

هڪڙي وڏي سائنسدان ڊي ڪئنڊال جو لکڻ آهي ته ڳولا بعد معلوم ٿيو آهي ته ڪنهن به ملڪ ۾ وڏن سائنسدانن يا عظيم انسانن جي لپڻ ۽ اُسرڻ جا ايڪويهه ڪارڻ آهن، جن مان اهم خاندان ۾ جنم لهڻ فقط هڪڙو آهي. اهي سبب جن ڪري اهم طاقتن وارا ماڻهو پڌرا ٿي پون ۽ انهن جو طاقتون هن ريت آهن.

1. مُلڪ ۾ گهڻو تعداد اهڙن ماڻهن جو هئڻ جيڪي چڱا هوند وارا هجن ۽جن کي سارو وقت فقط پيٽ جي گُذر لاءِ ڪم نه ڪرڻو پوي.
2. انهن هونديءَ وارن ماڻهن ۾ به گهڻو حصو اهڙن ماڻهن جو هئڻ جيڪي پنهنجي آمدنيءَ تي راضي رهندا هجن ۽ جن کي پنهنجي

آمدني ڪمائڻ لاءِ گهڻي محنت نہ ڪرڻي پوي خاص ڪري هٿ جي سخت پورهئي جي ضرورت ڪا نہ هجين.

3. جنهن مُلڪ ۾ اصل شين ۽ غير اصل آدرشن ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو اييياس هلندڙ هجي ۽ نہ تصوارتي وهمن ۾ پلجڻ جو.

4. جنهن مُلڪ ۾ بين مُلڪن جا اهڙا ڪتنب اچي رهن جيڪي سچ ۽ سائنس جي ڳولا ۾ مشغول رهن ۽ نہ فقط واپار ۽ پيسن گڏ ڪرڻ ۾.

5. ڪيترن اهڙن ڪتنبن جو هئڻ جيڪي سائنسي ۽ خيالي ڪمن ۾ لڳڻ پسند ڪندا هجن.

6. جتي ابتدائي، اُوچ ۽ ڪاليجي تعليم جو پورو بندوبست هجي ۽ ڪنهن بہ سياسي فرقي يا خاص نظرين جو دٻاءُ انهن جي مٿان نہ هجي ۽ جتي جوانن کي کوجنا ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي ۽ ڪافي تعداد اهڙن پروفيسرن جي هجي، جي کوجنا ڪندا هجن.

7. جتي کوجنا جون سهوليتون جام هجن جيئن تہ لائبررين، عجائب گهر ۽ تجربيگاهہ (Laboratories) وغيرهہ.

8. جتي جا ماڻهو سچ ۽ حقيقت جي ڳولڻ لاءِ شوقين هجن ۽ نہ ڪي فقط خيالن ۾ رڌل يا وهمي ڳالهين ۾ قاتل.

9. جتي سائنسي ڳالهين تي ڪنهن بہ راءِ ظاهر ڪرڻ جي پُوري پُوري آزادي هجي ۽ سچ ظاهر ڪرڻ ڪري ڪنهن کي سزا نہ ملندي هجي.

10. سائنس ۽ سائنسدانن لاءِ عزت هجي.

11. جتي آزادي هجي تہ جيڪو ڌندو جنهن کي وڻي سو بيشڪ ڪري ۽ هُوندِ وارو وڻيس تہ ڪو بہ ڌنڌو نہ ڪري، ويهي سچ ڳولي ۽ خيال ڪري يا مُسافري ڪري ۽ پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ زوريءَ ڪو بہ ڪم نہ ڪرڻو پويس.

12. جتي مذهبي عقيدا اهڙا هجن جي دليلن سان ماڻهن کي سمجهائين نہ فقط ڪنهن ماڻهوءَ يا ڪتاب جي اختياري ڏيئي.

13. جتي جا مذهبي پيروڪار پنهنجي ۽ ٻين جي تعليم وٺڻ جي فائدي ۾ هُجن.

14. جتي مذهبي ماڻهو هرويرو پاڻ يا ٻين جي گهر بار هئڻ جي برخلاف نہ هجن.

15. جتي يورپ جي مُکيہ ٻولين يعني انگريزي، فرينچ ۽ جرمن ۽ ٻولين جو اييياس ماڻهن ۾ رائِج هُجي.

16. جيڪو مُلڪ ننڍڙو ۽ آزاد هجي يا ننڍڙن آزاد مُلڪن جو ميڙ هجي.

17. جتي جي آبهوا موافق ۽ تڏي اُتر جي مُلڪن جهڙي هجي.
18. جنهن مُلڪ جو سُڌريل ملڪن سان لاڳاپو هجي ۽ انهن جي ويجهو هجي.
19. جتي سائنسي سوسائيٽون گهڻيون هجن.
20. جتي ماڻهو سفر ڪرڻ جا شوقين هجن خاص ڪري ٻاهرين سڌريلن ملڪن ۾ سفر ڪرڻ جا.

- **وارڊ صاحب جو مختصر بيان**

وارڊ صاحب مٿين ڳالهين ۽ ٻين ڪي مختصر طرح ستن نمونن ۾ ورهايو آهي. يعني هڪڙو تہ موافق آبهوا هجي، ٻيو سُڌريلن ماڻهن جو سنگ هجي، ٽيون مذهبي خيال آزاد ۽ سچا هجن، چوٿون ڳوٺن ۽ شهرن ۾ خيالي ڪم ڪرڻ جي سهوليت هجي، پنجون ماڻهو آسُودا هجن جنهنڪري هنن کي فرصت هجي ۽ ڪوجنا جو سامان خريد ڪري سگهن، ڇهون جنهن مُلڪ ۾ سائنسدانن جو مان هُجي ۽ هو پنهنجو آتم سنمانِ رکي سگهن ۽ همٿ ڌڻين تہ وڏن سوالن تي خيال ڪري سگهن، ستون جتي ننڍ پڻ ۽ جوانيءَ ۾ هر قسم جي سکيا چڱيءَ طرح مليل ۽ پکڙيل هجي جو هر هڪ ماڻهو پنهنجي طاقتن ۽ سماجي حالتن موجب سٺي ڪان سٺو ڪم پنهنجي حياتيءَ لاءِ چُونڊي سگهي

- **مُلڪ جي سڌاري لاءِ جماعتن يا سُوسائٽين جي ضرورت**

سڌاري جي عملي سٽاءُ لاءِ اهو ضروري آهي تہ مُلڪ جا ماڻهو مٿين گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ قسم قسم جون جماعتون جوڙين، سنگ مان ئي رنگ لڳندو آهي. جاچ ڪرڻ بعد هڪ ٻئي سان خيال ونڊڻ ورهائڻ جي ۽ دليل پيش ڪرڻ سان سچ جي خبر وڌيڪ چڱيءَ طرح پئجي سگهي ٿي، جنهن موجب رٿ ڪرڻ سان سچو سڌارو اچي سگهي ٿو. تنهنڪري خاص طاقتن وارن ماڻهن کي لهڻ لاءِ ۽ انهن کي چڱيءَ طرح اسرائڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ جدا جدا قسم جون جماعتون هُجن جتي جدا جدا خيالن جا ماڻهو ملي آزمائش ڪري سگهن ۽ ڪنو تي پاڻ ۾ ڪم ورهائي پنهنجو ۽ ٻين جو ڀلو ڪري سگهن. مُلڪ مُلڪ ۾ هيٺين قسمن جون يڪ وجودگي آٽيندڙ جماعتون هُجن تہ سُڌارو چڱيءَ طرح ايندو.

1. **مذهبي جماعتون:** جنهنڪري فرقي پرستي جو جيڪو تعصب آهي سو دور ٿئي، جنهن ۾ هر هڪ مذهب جي خاصيتن تي خيال ڪيو وڃي ۽ انهن جون خاصيتون وڏائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ ماڻهن ۾ ڪشاده دلي پيدا ڪئي وڃي ته جُدا جُدا عقِيدن هوندي به انساني ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي چڱيءَ چال ۽ چڱن ڪمن ۾ سڀ شامل ٿي ٿا سگهن. مذهب جي اصليت آهي ماڻهن ۾ ايڪتا آڻڻ نه نفاق.
2. هڪڙي يونيورسٽي جي جماعت هجي جنهن جي مرڪزي هنڌ تي لائبرري، (Library) لئباريٽري (Laboratory) عجائب گهر، سماجي ميلاپ لاءِ هنڌ هجي، جتي جدا جدا قسمن جُون ڪاميٽين يا ڪاميٽيُون جماعتون بيشڪ اچي ڪنيون ٿين. جنهن ڪري ماڻهن ۾ جدا جدا خيالن جي پيٽ تي سگهي ۽ جدا جدا آمائشن جي خبر پئجي سگهي.
3. هڪڙي اقتصادي ڪاميٽي هُجي جنهن جو مطلب هجي ته ويهي خيال ۽ ڪوشش ڪري ته مُلڪ ۾ هر هڪ کي ڪاڏو ڪپڙا ۽ گهر ٿوري محنت سان حاصل ٿئي ته ۽ مُلڪ جي جيڪي شيون آهن تن جي خبرچار پوريءَ طرح ماڻهن کي ڏني وڃي ٿي جنهن ڪري هو چڱيءَ طرح محنت ڪري انهن شين کي پنهنجن گهُرجن پوري ڪرڻ ۾ ڪم آڻي سگهن ۽ انهن کي بچائي ۽ سُڌاري سگهن.
4. سماجي سُڌاري ڪرڻ جي جماعت يا ڪاميٽي جيڪا ماڻهن ۾ مُروتِ پيدا ڪري، هر هڪ لاءِ عزت پيدا ڪري توڙي هو ڪهڙي به مذهب، ذات، رنگ ۽ نسل جو هجي ۽ ماڻهن جون ريتيون رواج سڌاري.
5. هڪڙي صحت ڪاميٽي يا جماعت هئڻ گهرجي جنهن جو ڪم هجي ته بيماريون روڪي ۽ انهن جو علاج ڪري ۽ جيترو ٿي سگهيس اوترو مُلڪ ۾ پيدا ٿيندڙ دوائُون ڪم ۾ آڻي ۽ مُلڪ جي ماڻهن کان ٿي ڪم وٺي ۽ جتي مُلڪ جون دوائُون ۽ آزمائش پُوري نه پوي اوتري قدر ٻاهرين سٺي کان سٺي آزمائش ۽ دوائون ڪتب آڻي.
6. هڪڙي آرٽ، سنگيت ۽ فَنُونِ لطِيفه وڌائڻ جي جماعت جنهن جو مطلب هجي ته مُلڪ ۾ هر هنڌ سُونهن ۽ خوشي ۽ اعليٰ ونڊر جو پرچار ڪري جنهن ۾ سهڻا نظارا، سهڻا مجسما، سهڻيون ڪوتائون،

سهڻا راڳ وغيره ماڻهن لاءِ ڪنا ڪيا وڃن ۽ سنڀالي رکيا وڃن تہ سونهن جو آنند ماڻهن ۾ وڌي.

7. هڪڙي سياسي ڪاميٽي جنهن جو مطلب هجي تہ مُلڪ جي بچاءَ جو خيال ۾ ڪوشش ڪندي رهي، هر هڪ سان انصاف ٿئي اهڙي ڪوشش هلائيندي رهي. انهيءَ جماعت سان لاڳو امانت ڪندڙ پنچائتيون هجن جي ماڻهن جا معاملا توري خرچ تي نبيرين ۽ ماڻهن جي عام سهوليت جو بندوبست ڪن. انهن ڪاميٽين وسيلي ، ڳوٺن، شهرن، برادرين ۽ مُلڪ جي حڪومت کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

انهن ڪاميٽين يا جماعتن کي هنڌ هنڌ شاخون هئڻ گهرجي. انهن جماعتن يا ڪاميٽين جي وسيلي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ملڻ ۾ آزمودي ورهائڻ ۾ تعليم پرائڻ جو موقعو اهڙو ملندو جو جيڪي سچ پچ چڱين قوتن وارا ماڻهو هوندا سي ليبي پوندا ۽ پنهنجو طاقتون وڌائي سگهندا ۽ ڪم آڻي سگهندا. مُلڪ جو سڌارو انهيءَ ريت تمام چڱيءَ طرح ٿي تو سگهي شل پريوجن آهر ماڻهو مُلڪ مُلڪ ۾ اهڙيون جماعتن جوڙين. شل مذهب جو مقصد جنهن موجب پهريون حصو عمر جو تعليم جي ڪم لاءِ هر هڪ کي ڏيڻ گهرجي ۽ ٻيون حصو جيڪي شادي ڪن تن کي گهرو زندگيءَ ۾ ۽ ٽيون حصو مُلڪ خدمت ۾ ۽ چوٿون حصو انسانن جي خدمت ۾، اهو مقصد پورو ٿئي تہ هنڌ هنڌ آزمودگار چالهين، پنجيتاليهن پنجاهہ ورهين وارا ماڻهو گهر جي خدمت کي پورو ڪري انهيءَ کان مٿي ٻين جي خدمت ۽ مُلڪ جي خدمت جي ڪم کي اختيار ڪري سگهن ۽ پنهنجو حاصل ڪيل آزمودو ٻين جي ڀلي لاءِ، سماج جي بهتريءَ لاءِ ڪم ۾ آڻي سگهن ۽ انهن اجماعتن ۾ شامل ٿي انساني ضرورتون بهتر نموني ۾ آسانيءَ سان پوريون ڪري سگهن تہ:

گهر گهر اخلاق گهر گهر انصاف حاصل ٿئي،
گهر گهر سِکيا ۽ گهر گهر صحت حاصل ٿئي،
گهر گهر خوشي ۽ گهر گهر خوراڪ حاصل ٿئي،
گهر گهر وندر ۽ گهر گهر خُوشِي پڙ پئي.

باب اٺون

انجمنن (تنظيمن) کي سمجهڻ ۽ سڏاڻ

هميشہ هلندڙن ڪمن لاءِ سماج مان نہ فقط ڪاميٽيون شروع ٿينديون آهن پر قسم قسم جون انجمنون يا تنظيمون بہ. سماجي سڏاري لاءِ انهن انجمنن يا تنظيمن کي سمجهڻ ۽ سڏارڻ گهرجي.انجمنون جڏهن قائم ٿينديون آهن تہ گهڻو ڪري ڪنهن اُوچ مقصد پوري ڪرڻ لاءِ، آهستي آهستي انهن کان عام گُهرج پُوري ڪرڻ جو مقصد گهڻو ڪري ورتو ويندو آهي ۽ وڏو مقصد آهي ويندو وسرندو ۽ اُهي فقط رواجي طرح هلڻ لڳنديون آهن ۽ آخر تہ وڃي گهڻو ڪري خود مطلبيءَ لاءِ بيهنديون آهن. جيئن تہ ڪيترا خيراتي ادارا کولبا آهن ماڻهن جي سُک لاءِ ۽ آهستي آهستي انهيءَ ۾ ڪم ڪندڙ سمجهندا آهن تہ اُهي آهن فقط سندن سُک لاءِ، اهڙي طرح اسڪول شاگردن جي سُک لاءِ کولبا آهن پر آخر ۾ ڪي ماستر ائين سمجهڻ لڳندا آهن تہ اسڪول مکيہ طرح آهن سندن پگهار خاطر يا اسپتال آهن ڊاڪٽر جي پالڻ خاطر پهريائين ۽ پوءِ مريضن خاطر.انجمنون اهڙيءَ طرح آهستي آهستي بگڙنديون رهنديون آهن ۽ سندن اُوچ عام خير جا مقصد ڀُلايا ويندا آهن. تنهنڪري سماج کي هميشہ سُجاڳ رهڻ گهرجي تہ هر ڪا انجمن پنهنجو عام خير جو مطلب پورو ٿي ڪري ۽ اهڙا عام خير چاهيندڙ ماڻهو هر هڪ انجمن ۾ ڀرتي ڪرڻ گُهرجن جنهنڪري مقصد پورو ٿيندو رهي.

- **گھرو انجمنون**

انسانن کي جمڻ ۽ نپجڻ ۽ صحبت جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ مکيہ انجمن جيڪا قائم ڪرڻي پيئي سا هئي شاديءَ جي ۽ گھرو انجمن. گھرو انجمن جو مکيہ مطلب آهي ماڻهو وڌائڻ، سندن حياتي ۽ تندرستي بچائڻ، صحبت جو سُک ڏيڻ، خاص تجربو وڌن وسيلي ننڍن کي ڏيڻ، چڱي چال سيکارڻ، ڪٽنبن ۾ لاڳاپا ميل ميلاپ وڌائڻ. انهن جو سُڌارو اسين اڳيئي ٽئين باب ۾ لکي آيا آهيون.

- **تعليم ۽ تندرستيءَ جُون انجمنون.**

گھرو جماعتن مان ڦُٽي پيون سڀ انجمنون نڪتيون آهن. جيئن ماڻهن جو ميڙ ويو وڌو تيندو ۽ گھڻا ماڻهو هڪ هنڌ ڪٺا ٿيڻ لڳا تيئن خبر پيئي تہ تندرستيءَ جي ڪم جو ڪيترو حصو ڄاڻن وسيلي ۽ سماجي انتظام جي رستي ڪرائڻ ضرور آهي تنهنڪري اسپتالن، آکاڙن وغيره جهڙيون انجمنون برپا ٿيون ۽ ٿينديون ٿيون رهن. اهو بہ ضرور سمجهيو ويو تہ سماجي تجربو فقط گھرن مان پوريءَ طرح حاصل نہ ٿو ٿئي پر سماج خود ڄاڻن جي رستي هلندڙ ٻولي، ريتيون ۽ ڪم پنهنجن ٻارن کي سيکارڻ لاءِ ميلا، مندر مسجدون ۽ اسڪول برپا ڪيا. انهن جي وسيلي سماج بہ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ۽ هاڻي تہ وڌندي وڌندي سڌريلن ملڪن ۾ ارڙهن ورهين تائين زوريءَ تعليم جو طريقي اسڪولن جي معرفت جاري آهي. تندرستيءَ جي انجمنن جو مطلب آهي تہ ماڻهن کي اهڙي رهڻي سيکارجي جو هر هڪ جي بدن ۾ جيڪا روز پيچ ڊاهہ ٿئي ٿي تنهن کان جوڙ جڪ ۽ ٺاهہ نوهہ بدن جي وڌيڪ ٿئي ۽ ماڻهن جي صحت ۽ عمر وڌندي رهي، بيماري روڪبي رهي ۽ موت گھٽندو رهي. تعليم جي انجمن جو مطلب آهي تہ ماڻهو پنهنجي پاڻ کي ۽ پسگردائي ۽ سنسار کي سمجهي سگھن ۽ سکي سگھن تہ سٺي کان سٺو رستو هر هڪ حالت سمجهڻ جو ۽ ان ۾ هلڻ جو ڪهڙو آهي. مطلب تہ هر هڪ حالت کي ڪيئن سمجهجي ۽ ان ۾ پنهنجي بچاءُ ۽ عام فائدي لاءِ ڪيئن هلجي، اهڙي ڄاڻ، هنر ۽ عادتن جي هر هڪ ۾ ڪيئن هير وجهجي، هر هڪ ڄمار لاءِ ڪهڙي رستي هر هڪ کي سندس طاقتن ۽ سماجي گھرج آهر سيني کان سٺي تعليم سولي کان سوليءَ طرح ڪيئن ڏجي، اهو آهي مطلب سماجي تعليمي انجمن جو. پر اهي انجمنون سموريءَ سماج ۽ سيني ماڻهن جي عام خير جي بدران ڪڏهن ڪنهن خاص گِروهي

وابستگِي واري راڄ جي خير لاءِ ڪم ۾ آنديون ٿيون وڃن. انهن کي مخُصوص گِروهه جي قبضي هيٺ اچڻ کان بچائڻ گهرجي ته هو عام خير ۽ فائدي لاءِ ڪم ڪري سگهن ۽ هر هڪ حالت ۾ بنا خوف سچ ڳولي ۽ چئي ۽ سيکاري سگهن.

- **رسمون رواج ۽ صلاح مصلحت واريون انجمنون**

گهرو انجمنن مان ٻيون ٻه ٻن قسمن جون انجمنون ٿيّي نڪتيون جن جو مطلب آهي رسمون رواج قائم ڪرڻ ۽ خاص ڄاڻن کان صلاح مصلحت وٺڻ ۾ سولائي ڪرڻ. جدا جدا ڪٽنبن جا ماڻهو ڪيئَن هڪ ٻئي سان ملن، ڪيئن جمر شاديون وڏا ڏينهن ۽ سنسڪار ملهائين، ڪيئَن هڪ ٻئي سان پيار ڏيکارين يا وڏا ننڍائي ڏيکارين، رهڻ ۽ ملاقات ۽ هلت چلت جون رسمون رواج ڪيئن قائم ڪن تن لاءِ رسمون رواج ناهيندڙ ۽ قائم ڪرڻ جون انجمنون پيدا ٿينديون رهيون. جيئن گهر ۾ به آزمودگار کان اشاري وٺڻ جي ضرورت ٿي پئي. تيئن سماج ۾ خاص ماڻهو ڪيئن تيار ڪجن ۽ کهڙي رستي انهن کان صلاح مصلحت وٺجي ان لاءِ انجمنون پيدا ٿينديون آهن ۽ نهنديون ۽ ڍهنديون ٿيون رهن جئن ته جهيڙن ۾ وڪيلن کان صلاح، تندرستي بگڙي ته ڊاڪٽر کان، جاين رستن وغيره جي ڪمن ۾ انجنيرن کان صلاح مصلحت وٺڻ وغيره ۽ سلسليوار ماهرُ ڊاڪٽر، وڪيل انجنير وغيره خاص ڄاڻو ڪافي تعداد ۾ تيار ڪرڻ رسمن ۽ رواجن جي انجمنن جو مطلب آهي ته ماڻهو هڪ ٻئي سان ماڻهپي، مُروتِ ۽ انصاف سان هلن. پر ڪيترين حالتن ۾ انساني ورتاءُ بدران حيواني، بي رحميءَ ۽ بي انصافيءَ جون رسمون پيدا ۽ جاري ٿي ويئون آهن. جيئَن ته اوچ ذات ۽ نيچ ذات وغيره جو بي انصافي ٿي بَدّل فرق ۽ ورتاءُ. زالن جو مڙسن جي قبضي ۾ رهڻ ۽ گهٽ سمجهيو وڃڻ. انهيءَ بدران ته زالُون مڙسن سان دوستانه طرح مددگار ٿين ۽ سچيون ساٿيون سمجهيون وڃن. خاص ڄاڻن ۽ آزمودگارن کان صلاح مصلحت وٺندڙن انجمنون به ڪيتري قدر سني کان سني حالت ۾ نه آهن. رواجي رستي رُوحانِي پيشوا ۽ پرچارڪ پئسي جي لالچ ۾ اچي سچ ڳولڻ ۾ چوڻ کان پاسو ٿا ڪن. وڪيل پنهنجن جو پاسو ٿا وٺن نه سچ ۽ انصاف جو ڊاڪٽرجيڪو وڌيڪ پيسا ڏين تنهنجي خبرداري ڪن ۽ بيمارين روڪڻ جو خيال البت گهٽ وڌ ڪن. جتي تندرستي جي ويمي جو رستو ورتو ويو آهي انهي ڊاڪٽرن جي سنڀال ۾ ڪيترا ڪٽنب ڏٺا ٿا وڃن

۽ ڊاڪٽر جو خيال اهو ٿو ٿئي تہ سيني جون بيماريون روڪجن نہ اهو تہ جيڪو بيمار پيسا ڏي انهي ڏانهن فقط ڌيان ڏجي ۽ ٻين جي پرواهہ بہ نہ ڪجي. اهڙي طرح انهن ڄاڻن کي عام خير لاءِ وهائجي تہ سماجي سُڌارو ٿيندو. انهن کي خاص خير لاءِ وهائڻ يا انهن جو فقط پنهنجي فيءَ ڏانهن نظر رکڻ ڏيکاري ٿو تہ انهن جي سٺي سکيا ۽ انهن کان چڱيءَ طرح ڪم وٺڻ جو رستو اجا ماڻهن کي ڪو نہ آيو آهي.

- **هنر ۾ دولت سان لاڳاپيل ۽ وندر ۽ خُوشِي متعلق انجمنون**

صلاحڪارن جي انجمنن مان بہ شاخُون نڪتيون: هڪڙيون هُنر ۽ اقتصاديات متعلق انجمنون، ٻيون وندر ۽ خوشي متعلق انجمنون. کيتي ڪرڻ جا عمدا رستا جيڪي ڪنهن آزمودگار شروع ڪيا اُهي زميندارن هارين وغيره لڳائي جاري رکيا. ماهرن نوان اوزار ناهي شين ناهڻ جو نئون رستو جيڪو رٿيو سو ڪارخانن وارن هنڌ هنڌ جاري رکيو. گڏيل ملڪيت يا جدا ملڪيت جا جهڙا رستا معتبر ماڻهن شروع ڪيا اهڙا ٻين بہ نقل ڪيا، اهي رواجي ٿي ويا. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي سان ملڪيت متعلق يا ڪم ڪرڻ لاءِ انجامن اقرارن ڪرڻ جو رستا جاري ٿيندا ويا آهن ۽ رواج ۽ قاعدي موجب جاري ٿيندا ٿا رهن. کيتي، هنر، واپار، ملڪيت، انجامن يا واعِدن ڪرڻ پاڙڻ جو دستور، ورثي ورهائڻ جو نمونو. اهي سڀ اقتصادي انجمنون ماڻهن جي عام خيالن، خاص ماڻهن جي خيالن ۽ قاعدي موجب هڪ نہ ٻئي نموني ۾ ڦرنديون رهيون آهن. انهن سيني اقتصادي انجمنن جو مقصد ڇا آهي؟ جاچ ۽ خيال مان خبر ٿي پوي تہ انهن جو مطلب آهي تہ ماڻهن جون اقتصادي گُهرجُون ٿوريءَ محنت سان ۽ وڏيڪ راضپو ڏيندڙ طرح پوريون ٿينديون رهن. گهرج، محنت، راضپي سان پورائي، اُهو آهي اقتصادي حالت ۽ جو انجمنن جو دائرو. اقتصادي انجمنن جو سچو سڌارو ڪرڻون هجي تہ هر حالت ۾ ڪوشش ڪجي تہ ماڻهن جون گُهرجُون سُڌاريون ۽ اعليٰ قسم جون ڪيون وڃن يعني اهڙيون ڪيون وڃن ٿوريءَ محنت سان هر هڪ جون پوريون ڪري سگهجن. غير ضروري گهرجون گهٽائجن ۽ سُٺيون گُهرجُون وڌائجن. تہ اقتصادي انجمنون سڌرنديون. رهڻي ڪي سادو ڪرڻ ۽ خيالن کي اُوچو ڪرڻ ۽ سچو سُک وڌائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اقتصادي سُڌاري جو ٻيو سچو رستو آهي تہ هر هڪ ضروري

ڳُهرج ٿوريءَ کان ٿوريءَ محنت سان پُوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، مطلب ته اهڙا سُٺا اوزار ۽ رستا ڪم آڻجن جو گهٽ محنت سان گهڻو نتيجو حاصل ڪري سگهجي. ٽيون رستو اقتصادي انجمنن جي سُڌارڻ جو آهي. اُهو ته هر هڪ ڳُهرج جي پوري ٿيڻ ۽ پوري ڪرڻ ۾ راضپو ۽ خوشي وڌائي وڃي، ماڻهن جو سياءُ سُڌاريو وڃي جنهن ڪري ڪم ڪرڻ ۾ توڙي ڳُهرجن پوريون ٿيڻ تي سندن خوشي ۽ راضپو وڌندو رهي. يعني ڪوشش ڪريو ۽ ڳُهرجُون گهٽايو ۽ نفيس ڪريو هر هڪ ڪم ۾ محنت گهٽائڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ راضپو وڌائڻ جي. چڱن اوزارن ڪم آڻڻ سان ۽ چڱي کان چڱي طريقي سان ڪم ڪرڻ سان ۽ چڱو انتظام رکڻ سان، فورڊ صاحب جئين ڪمين (ڪم ڪندڙ پورهيتن ۽ مزدُورن) جي ڪم ڪرڻ جو وقت ويو آهي گهٽائيندو انهن جو روز (ڏهاڙي يا اُجورو) ويو آهي وڌائيندو ۽ موٽر ڪار جي قيمت ويو آهي گهٽائيندو ائين شل سيئي ڪن.

اقتصادي انجمنن سان ساڻ ساڻ پاڻ وندرائڻ خوشي حاصل ڪرڻ جا رستا به عام آزمودي تي ۽ خاص ماهر جي اشارن موجب انجمن جي شڪل وٺندا رهيا. جيئن ته سنگيت ۽ گيتن جو رواج ، راندين روندين جو رواج، تصويرن ڪڍڻ جو رواج، خوبصورت جاين جو رواج، ناچ، ناٽڪ، تاس، چوپڙ وغيره جو رواج، پاڻ ۾ ويهي ڳالهين ٻولهين ڪرڻ جو رواج، اهي سڀ وندرائڻ ۽ خوشي حاصل ڪرڻ جا رواج به انجمنن جي شڪل اختيار ٿا ڪن، جو ماڻهن ۾ راندين لاءِ ميدان، ناٽڪ شالائون، تصوير گهر، سنگيت گهر وغيره پيون ڏسڻ ۾ اچن. انهن سڀني جو مطلب آهي ته سونهن ۽ خوشي دنيا ۾ وڌي انهن جو سڌارو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن هر هڪ گهر پاڙي، ڳوٺ، شهر ۽ ڪم ۾ سونهن ۽ خوشي وڌائڻ جي ڪوشش ڪبي ۽ خوشدل ٿي آنند ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪبي. ساديون سستيون خوشيون، جيئن ته صبح ۽ شام جو آسماني نظارو ڏسي خُوشِي ٿيڻ، قُدرتِي نظارن ۾ خوشي، سُٺن ٻي زَرَرِ گيتن ڳائڻ ۾ خوشي، ٻي زَرَرِ راند روند مان خوشي حاصل ڪرڻ جو رواج ۽ وڌائيندو وڃبو ته اُهي رواج به پڪا ٿي ويندا.

- **سياسي ۽ مذهبي انجمنُون**

رسمن رواجن ۽ ڪريا ڪرم جي انجمنن مان به شاخون ٿي ٻن خاص قسمن جون يعني سياسي ۽ مذهبي انجمنون نڪرنديون ٿيون رهن. جيئن رسم رواج ماڻهن کي سيکارين ٿا ته هڪ ٻئي سان ڪيئن هلو ٿيئن هي به

انجمنون بہ ماڻهن کي هڪ ٻئي سان سڌو رهڻ ۽ رکڻ لاءِ ٻاهريون زوري سماجي ضابطو ۽ اندريون اخلاقي مذهبي ضابطو برپا ٿيون ڪن. سياسي انجمنن جو مطلب آهي ملڪ کان ٻاهر وارن ڌارين جي ڪاهہ کان ملڪ بچائڻ ۽ سماج جي اندر جيڪي بد چال يا بي انصاف ماڻهو آهي انهن جي آزارن کان ٻين کي بچائڻ يعني. ماڻهن جا گهرو ۽ پاڻ ۾ جهڳڙا روڪڻ ۽ نبيرڻ ۽ چوريءَ ۽ خونريزيءَ کان بچاءُ ۽ ٻاهرين جي ڪاهن کان ملڪ جي حفاظت. ٻاهرينءَ ڪاهہ کان بچائڻ لاءِ آهي سرڪاري جنگي کاتو چوريءَ، زوريءَ ۽ خونريزيءَ کان بچائڻ لاءِ پوليس کاتو ۽ جهڳڙا نبيرڻ لاءِ ڪورٽون ۽ عام بندوبست لاءِ مڪاني خود حڪومت ميونسپالٽيون ۽ لوڪل بورڊ ۽ مٿان انهن ڪمن تي جيڪي خرچ ايندو سو سڀ وصول ڪرڻ لاءِ ڪليڪٽر، ڪمشنر، گورنر وغيره. سياسي انجمنون آهن بچاءُ، انصاف ۽ عام سهوليت ڪرڻ لاءِ، پر انهن انجمنن جو بگاڙ گهڻو ڪري انهيءَ طرح ٿو ٿئي جو جيڪي هلندڙ حاڪم ٿا ٿين سي انهيءَ لاءِ نہ ٿا اچن يا رهن تہ ماڻهن کي بچاءُ، انصاف، عام سهوليتون سستي کان سستي خرچ ۽ ٿوري کان ٿوري محنت سان ملن پر انهيءَ لاءِ تہ ساري ٻاهرين طاقت پاڻ وٽ رکي اول گهٽي ۾ گهڻو پنهنجي فائدي جو خيال ڪن. عام خير جي ڪم کي وڌائڻ يا خرچ گهٽائڻ جو خيال منجهن ايترو زبردست نہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي. سرڪار آهي سنگَتِ (گڏيل يا مَخلُوط) طاقت. جن کي بچاءُ ۽ انصاف ۽ سهوليت گُهرجي اهي ئي پنهنجي پسندي موجب سرڪار چونڊي ۽ هلائي سگهن تہ سياسي انجمنون سُڌرنديون. جڏهن "راج مانِ نہ مانِ مئن تيرا مهمان" وانگر آهي، راج هلائيندڙ عام لاءِ ۽ ماڻهن جي راضپي ۽ ماڻهن جي بهبوديءَ جي خيال کي مقدم رکڻ بدران پنهنجو فائدو ۽ پنهنجي لاءِ ئي هلڻ ۽ ٻين کي زوريءَ هلائڻ پسند ٿا ڪن تہ ماڻهن کي ايترو بچاءُ، انصاف، سهوليت ۽ راضپو حاصل نہ ٿو ٿئي. سياسي انجمنون اُهي سٺيون جي ماڻهن جي راضپي تي ٻڌل هجن ۽ ماڻهن جي فائدي کي ئي خيال ۾ رکي هلندڙ هجن ۽ نہ اُهي. جنهن ۾ راضپي جو حصو گهٽ هجي ۽ زوريءَ زبردستيءَ جو حصو وڌيڪ، ۽ ماڻهن جي ڀلي جو حصو گهٽ هجي ۽ حاڪمن جي سهوليت جو حصو وڌيڪ ۽ جي حاڪم ائين سمجهن تہ راج سندن هڪ ورثو آهي ۽ حڪومت سندن سهوليت ۽ مطلبن کي پوري ڪرڻ لاءِ آهي ڀرياائين ۽ پوءِ ماڻهن جي سهوليت لاءِ.

مذهبي انجمنون آهن آندرُوني ضابطي لاءِ تہ هر هڪ پاڻ کي اهڙي طرح ڀلي جو ٻاهرين قاعدي قانون جي هلائڻ جي مٿس ضرورت نہ پوي، ۽ پنهنجو اندر بہ هميشہ آرام ۾ رکي سگهي ۽ ماڻهن سان بہ ايڪتا حاصل ڪري سگهي ۽ پنهنجي حياتيءَ جو مطلب بہ چڱيءَ طرح پوري ڪري سچو سک حاصل ڪري سگهي ۽ ٻين کي بہ سندن حياتيءَ جي مطلبن کي انصافِي طرح پُوري ڪرڻ ۾ جيڪڏهن مدد نہ ڏيئي سگهي تہ بہ رڪاوٽ تہ ڪا نہ وجهي. مذهب ماڻهوءَ ۾ اندرين ايڪتا ۽ ٻين سان ايڪتا آڻڻ لاءِ آهي ۽ جيتري قدر مذهب يا مذهبي انجمنون ماڻهن کي سندن اندرين دشمنن ڪام (نفسانِي خواهش)، ڪروڌ (غُصو يا ڪاوڙ)، لوڀ (حِرص يا لالچ)، موهہ (اڻ مٽِي چاهِنا)، اهنڪار (هَٺِ يا وڏائي) کان آجو نہ ٿيون ڪن ۽ ٻين سان مُحبت سان هلڻ جو رستو نہ ٿين سيکارين اوتري قدر انهن مذهبي انجمن کي سُڌارڻ جو ضرور آهي. مذهب جو مطلب آهي چڱي چال جو حاصل ڪرڻ، ٻين لاءِ محبت، عزت ۽ همدردي رکڻ ۽ عام خير لاءِ خاص خير کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ مذهب جو مطلب دلين کي ملائڻ جو آهي نہ دلين کي ڏار ڪرڻ جو. مذهب جو مطلب ڪُشاده دلي آهي نہ تنگ دلي. مذهب جو مطلب ايڪتا ۽ محبت آهي نہ دويش، وِڇوڙو ۽ نفرت. تنهنڪري هر هڪ مذهبي انجمن ۾ جتي پنهنجي مذهب جي سکيا ڏني وڃي اتي ٻين جي مذهب لاءِ نفرت پيدا نہ ڪئي وڃي، نڪي تعصب جي باهہ دکائي وڃي ٻين جي مذهب ۾ بہ جيڪي خاص خوبيون آهن يا عام چڱايون آهن تن کي بہ عزت سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ مذهب سيکارڻ جو ڪم سيٺني جي ڀلي چاهيندڙن ۽ ڪندڙن جي هٿ ۾ هجي نہ خود مطلبي پرچارڪن جي هٿ ۾. مذهب فقط ٻاهريون رسمُون نہ سمجهيو وڃي پر اندروني بهتر حالت ۽ چڱي چال ۽ اعليٰ جيون. شل سيئي مذهبِي جماعتُون ماڻهن ۾ چڱي چال پيدا ڪن، آندرُوني مُحبت، سُڪون، اطمينان، دُورانديشي پيدا ڪن ۽ ماڻهن کي سڀ جو سُکدائي(خير چاهيندڙ) ٿيڻ سيکارين ۽ آچاهہ ٿي ڪو ذاتي مفاد رکڻ بِنا ڀلائي ڪرڻ سيکارِين. اهو آهي مذهبي انجمنن جو سُڌارو. جڏهن اهڙيءَ طرح،نون ئي قسمن جي انجمنن جو سُڌارو ٿيندو تہ سماج جو سُڌارو تڪڙو ٿيندو رهندو ۽ ماڻهو ۽سندن ميڙ سُڌريل ۽ مضبوط ٿيندا.

باب نائون

پاڻ سڌارڻ ۽ ڀلائيءَ جا ڪم

انجمنون سڌرنديون تڏهن جڏهن انهن انجمنن ڪي هلائيندڙ ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو پاڻ تمام سڌريل هوندا ۽ ڀلائي ڏانهن مائل هوندا. سماجي سڌاري جو بنياد آهي پاڻ کي سڌارڻ. سچي آزادي جو بنياد آهي پاڻ تي راڄ. ڪٽنبن جو سڌارو چاهيون ٿا انهي لاءِ ته هر هڪ گهر جو ڀاتي سڌريل رهي، پاڙي جو سڌارو آهي انهيءَ لاءِ ته هرهڪ سماج جو هر هڪ انسان سڌريل رهي ۽ ڪيس پاڻ سڌارڻ ۾ سچي مدد ملي سگهي، سماجي سڌاري کان سواءِ پاڻ سڌارڻ مشڪل ۽ پاڻ سڌارڻ کان سواءِ سماج سڌارو مشڪل تنهنڪري سماجي زندگيءَ جا ليکڪ، پاڻ سڌاري لاءِ ٻه اشارا ڏيندا آهن.

- **سڌاري جا ٽي رستا**

ماڻهن کي سڌارڻ جا ٽي رستاآهن. جيئن ته چيل آهي تخم تاثير صحبت اثر. هڪڙو ته تخم جو تاثير ٿو ٿئي. شادي چڱي چال وارن، سمجهو نسلن ۾ ڪرڻ ڪري ۽ ماءُ جي حامله يا گرڀ وَتي هئڻ وقت خوش خورم رکڻ ڪري ٻارن جو سڌارو ٿي سگهي ٿو. ڄمڻ بعد ماڻهوءَ تي سنگ جو رنگ ۽ اپياس جو اثر چڙهندو ٿو رهي. تنهنڪري جيڪڏهن صحبت سڌاربي ۽ سٺيون عادتون پاڻ ۾ وجهبيون ته سڌارو ٿي سگهندو. شاديون دير سان ٿين، گُٽوان، پڙهيل، طاقتور نسلن جي وچ ۾ چڱيءَ چونڊ سان ٿين ۽ چڱيءَ ڄمڻ جي سِکيا موجب ماءُ خوش رهي ۽ ٻار تي چڱا اثر وجهي تنهن بعد جيڪڏهن ماءُ ڄائي ڄم کان چڱيون عادتون ٻار ۾ وجهي ۽ سندس حواس ۽ هوش کوليندي رهي ۽ اُتم تعليم هر هڪ کي ملي ته انساني سماج جو سڌارو جلد ٿيندو. هر هڪ ماءُ پيءُ جو فرض آهي ته تعليم جا عام اصول

سکن ۽ ٻارن کي پينگهي ۾ ۽ گهر ۾ ڪئڻ سکيا ڏجي ۽ سٺيون عادتون وجهجن، اُهي ڳالهيون سِکن ۽ انهن جو استعمال ڪن. انهيءَ بابت، سياويڪ ٻاراٽي سِکيا، تي مون ڪتاب لکيو آهي تنهن ۾ تفصيل ڏنو اٿم.

- **تعليم ۽ اپياس جو عجب اثر**

انسان جي اهڙي تہ عجب بناوت آهي جو سندس اندروني طاقتون ٻين لاءِ لاپداڻڪ رستو بہ اختيار ڪري سگهن ٿيون ۽ ساڳيون ئي طاقتون هاجيڪار ڪاڳر ڏگِيءَ ۾ پڻجي سگهن ٿيون. انگريزيءَ ۾ جيمس ائلن چيو آهي تہ وڏن وڏن پاپين ۽ ظالمن مان ڦري ماڻهو وڏا وڏا نيڪ ماڻهو ۽ سنت بہ ٿي پيا آهن. ڪنهن چڱي سنگ ۾ اچي سندن طاقتن جو لاڙو گناهہ کان ڦري ٿي ثواب جي طرف ٿي ويو آهي، ڪارلائيل جو چوڻ آهي تہ ڏڪار فقط ابتو پيار آهي ۽ ڏڪار کي بدلائي پيار جو رُوپ ۽ پيار مان بدلجي ڏڪار جو روپ ٿي سگهي ٿو.نفسياتي ڄاڻ وارا (Psycho-analysts) چون ٿا تہ اسان جون آندرُوني طاقتون بہ شاخيُون آهن يعين انهن جو لاڙو تعليم ۽ اپياس سان پيار ڏانهن بہ ٿي ٿو سگهي ۽ پاپ ڏانهن بہ. جيئن تہ ٻُک ۽ گهُرج دانا کي ديوانو ڪري سگهي ٿي پر ديوانن کي بہ دانا ڪري ٿي سگهي. مشڪلاتون ماڻهن کي گهرِي طرح ويچار ڪرڻ سيکاريندڙيون آهن. گهرج ڪري ماڻهوءَ کي هوش ۽ حواس وڌيڪ تيزيءَ سان هلائڻا ٿا پون، جنهنڪري مشڪلات وقت جيڪي ڪم هو ڪري ٿو سو ٻئي وقت انهيءَ کان شايد ٿي ڪين سگهن. اولاد پيدا ڪرڻ جي طاقت ماڻهوءَ کي ڪيرائي شهوتي بہ ٿي ڪري سگهي پر پنهنجي نفس کي قابو رکڻ سان ۽ پاڻ تي قابُو سان ساڳي طاقت ماڻهو پنهنجي اندر جي طاقت ۽ ويچار قوت وڌائڻ جي ڪم بہ ٿو آڻي سگهي. تعليم ۽ اپياس هڪڙي قسم جي ڪيميا آهن جن جي وسيلي انساني طاقتون پاڻ لاءِ ۽ ٻين لاءِ دکدائي رستو اختيار ڪرڻ بدران سيني لاءِ سکدائي رستو اختيار ڪري ٿيون سگهن ۽ اُهو آهي پاڻ سڌاري جو بنياد.

- **اندروني طاقتن جو سڌارو**

گهرن، پاڙن، ڳوٺن، شهرن ۾ جيڪي دک ۽ وڳوڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا تن جو هڪڙو وڏو سبب اهو آهي تہ ماڻهو پنهنجون رُوحاني طاقتون سُڌارڻ جي ڪوشش پوريءَ طرح نہ ٿا ڪن. هر هڪ انسان ۾ خود غرضيٰ آهي تہ ٻئي سان ڀلائي ڪرڻ بہ آهي، خود غرضي آهي تہ پريم جي طاقت بہ آهي. ساٿ

سِکيا جي مهندار ڪونٽ صاحب جو چوڻ آهي تہ ماڻهوءَ جو سُڌارو تڏهن ٿو ٿئي جڏهن هو سانت ۽ نويڪلائي ۾ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي عزت، پريم ۽ رحم جي جذبن جو اپياس ڪري زور ٿو وٺائي ۽ پوءِ گڻوانن جا گڻ پرائي، هڪ جهڙن سان دوستاڻي طريقي سان هلي ۽ دکين جا ڏک دور ڪري يعني ٻين سان ڀلائي جو اپياس ڪري انهن اوچ طاقتن کي وڌيڪ مضبوط ٿو ڪري جنهن ڪري هو پنهنجن سوارٿي (مطلبي) ۽ خود غرضي وارن گهٽ درجي جي طاقتن کي قابوءَ ۾ رکي ٿو سگهي.

- **آدرش رُوپ ٺاهڻ پرارٿنا ڪرڻ**

گهر پاڙي شهر ۾ چوڌاري جيڪي چڱي ڪان چڱا ماڻهوآهن، يا تاريخ ۽ مذهبي ڪتابن ۾ جن گڻوان ماڻهو جو بيان اچي ٿو، تن جي گڻن تي ويهي ويچار ڪرڻ ڪري انهن جو آدرش رُوپ من ۾ ٺاهڻ گهرجي. جهڙي قسم جو اُتم انسان ٿيڻ تي اسان جي دل هجي اهڙي قسم جي اُتم انسان جي حياتيءَ تي ويچار ڪجي ۽ انهيءَ قسم جي چڱن ماڻهن جا گڻ چُونڊي جُدا ڪجن ۽ انهن جا اوگڻ دل تان وساري ڇڏجن. انهن جي چڱن گُڻن جو آدرش روپ اهڙيءَ طرح ٺاهي انهن جي آدرش روپ جي ذهن ۾ شڪل ٻيهارجي. جيتري قدر چڱيءَ طرح انهن جي چڱائيءَ چت تي وهاربي اوتري قدر اها چڱائي اسان جي حياتيءَ ۾ بہ ظاهر ٿيندي. اهڙيءَ طرح گڻ گرهڻ ڪرڻ يا خُوبيُون اپنائڻ سان ماڻهو پريائين پنهنجن ڪٽنب جي ماڻهن لاءِ دل ۾ عزت، محبت ۽ رحم جو رستو قائم ڪري، پوءِ شهر ۽ مُلڪ سان، پوءِ ساري انسان ذات سان دلي لاڳاپو قائم ڪري جنهن ڪري انسان ذات لاءِ عزت، پيار ۽ رحم سندس دل ۾ پيدا ٿئي.

اندروني طاقتن کي زور وٺائڻ لاءِ هر روز دعا گهرڻ جي ڏاڍي ضرورت آهي. صبح جو اُٿندي شرط ۽ منجهند ۽ شام جو دُعا گُهرڻ گُهرجي. دُعا گهرڻ سان ماڻهوءَ جو اندر سيتل (ڪومل) ۽ سنگتِ (ميل جُول پسند) ٿئي ٿو. سندس سڀ طاقتُون هڪ تار ڳنڍ جي ۾ ٿيون پون. چاڪاڻ تہ دعا گهرڻ سان ماڻهو هڪ ئي وقت پيار ويچار ۽ ڪم ۽ ڀڳتي، ڄاڻ ۽ عمل، سِڪ، سچائي، خدمت، عشق ۽ عقل ۽ عمل کي تحرڪ ٿو ڏئي. ڪونٽ صاحب وڌيڪ چوي ٿو تہ دُعا جا بہ پاڱا آهن پهريائين جنتن يادگيري پيو پاوِ پرڪاش، اندر جا اُمنگ ظاهر ڪرڻ، آستُتِي يا آراڌنا يا دُعا جي رستي، پهريائين آدرشي انسان جي شڪل من ۾ چڱيءَ طرح جوڙڻ جي ڪوشش تي ڪجي، پوءِ قسم قسم جا

جي مُلڪ جا خدمتگار ٿيا آهن انهن جي شڪل من ۾ آڻجي، آهستي آهستي ساري انسان ذات جو ميتا تي ڪجي ۽ انهن لاءِ آراڌنا تي گُهرجي ۽ اُتساهه تو پيدا ڪجي شل اسين به انهن جهڙا ٿيون. اهڙيءَ طرح اندر جو طاقتون پنهنجيءَ بهتر سماجي خدمت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪتب ٿيون آڻجن.

- **انسان ذات جي خدمت ۽ عبادت**

پاڻ ۾ دُعا جو سچو اپياس وجهڻ لاءِ ,ڪونٽ موجب پهريائين پريم جي سَرُوپ عورت ذات جي ميتا جو اپياس ماڻهو کي ڪرڻ گهرجي. انسان ذات اسانجي گويا ماءُ آهي ۽ هر هڪ سچي ۽ چڱي عورت دل ۾ ماءُ جي شڪل رُوپ ڪري سمجهي سگهجي ٿي. انساني ايڪتا جو آڌار همدردي ۽ رحم تي آهي ۽ عورتن ۾ رحم جو جذبو ۽ همدردي تمام گهڻي تي ٿئي. ماءُ جي محبت مان مادر وطن جو پريم، ۽ ساري انسان ذات، جا ماءُ رُوپ جا اسانکي گود ۾ وٺي پالي سيکاري ۽ سُڌاري رهي آهي، تنهنجو به پريم دل ۾ وڌي سگهي ٿو. تنهنڪري پوڄا ۾ اوچو دَرجو مادِري عبادت جو آهي. ماءُ ئي اسانکي پالي ٿي، ماتا ئِي اسان جي حفاظت تي ڪري، ماتا ئِي اسان لاءِ پوتر پريم جو مثال آهي تنهنڪري ماتا جي شڪل ۽ سندس گڻ دل ۾ آڻي انسان ذات جو ماءُ جي رُوپ ۾ عبادت ڪرڻ گهرجي. انهيءَ جو ويچار ڪرڻ ڪري نه فقط مرتبي ۽ عِزت جو جذبو پيدا ٿو ٿئي ۽ پر انسان ذات جا اُتم انسان جيڪي گذري ويا آهن انهن سان گويا تعلق ٿو جوڙجي. پر هلندڙ زماني جي انسان سان ۽ ايندڙ زماني جي انسانن سان اندروني لاڳاپو نِجو ڪرڻ لاءِ ماءُ جي رُوپ سان ساڻ زال ۽ ڌيءَ جي رُوپ جي عبادت به شامل ڪرڻ ضروري آهي. زال جي رُوپ ۾ پُوڄن ڪرڻ سان گويا پريم کي ٿو جاڳائجي ۽ هلندڙ زماني جي انسان ذات سان پريم قائم ڪرڻ جو رستو ٿو وٺجي ۽ ڌيءَ جي رُوپ ديوي پوڄن ڪرڻ سان ديا، همدردي ۽ سيوا جو ڀاءُ ٿو جاڳرت ڪجي ۽ ايندڙ زماني جي انسانيت لاءِ چڱين حالتن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪجي.

هي فقط مثال طور ٿو ڏيکاري جي ته ساڌِ سِکيا جي پائي وجهندڙ جا پاڻ سُڌارڻ لاءِ ڪهڙا سُنا خيال هوا. پاڻ سُڌاري جو بُنياد آهي اندرين پريم ۽ عزت ۽ بين جِي ڀلائِيءَ جي سُتل طاقتن کي زور وٺائڻ. پاڻ سُڌارڻ لاءِ پهريائين جذبن کي پويتّر ڪرڻ جي تمام ضرورت آهي ۽ گڏوانن لاءِ عزت، هڪ جيڏن ۽ مُلڪ واسين لاءِ پريم ۽ هيٺن لاءِ همدردي، ڏکين لاءِ ديا پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ ضرور آهي.

- **دماغي طاقتن جو سڌارو**

پاڻ سُڌارڻ لاءِ اُهو ڪافي نہ آهي تہ دل جا سُڌارو ڪجي، جذبا پوتر ڪجن ۽ ٻين لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تڪليف ڏيندڙ ۽ وڌ ۾ وڌ شيوا ڪارِي ٿيڻ جي ڪوشش ڪجي پر اُها سڪ اندر ۾ رکي سمجهہ بہ وڌائڻ گهرجي تہ سچي شيوا ڪري سگهجي. همدردي سان ساڻ هوش جي ضرورت تہ سچ پچ ماڻهن جا ڏک دور ڪري سگهجن سڀ جو سڪدائي ٿي سگهجي. تنهنڪري ڪونٽ پاڻ سڌاريل جي ڳالهہ ۾ وديا ۽ سمجهہ جي واڌاري ۽ دماغي طاقت جي ترقيءَ تي بہ زور ڏنو آهي. انهيءَ لاءِ هن لکيو آهي ستن قسمن جُون سَچيُون وِدياٿُون ۽ گيان (عِلم) هر هڪ کي سِکڻ گهرجن ۽ سچي گيان جي واڌاري جي هميشہ ڪوشش ڪندو رهجي. ستن قسمن جا گيان جي ماڻهوءَ کي سلسلي وار سکڻ گهرجن ۽ سارِي عمر هئين سان هنداڻڻ ۽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪم ۾ آڻڻ گهرجن سي آهن هيئيان۔ (1) گڻت وديا (2) جوتش وديا يعني سج چنڊ تارن جي وديا (3) ڀوتڪي يا علم طبعِي (4) ڪيميا يا رسائن شاستر (5) جيون شاستر جنهن ۾ مَنو جيان اچي وڃي. (6) سِاڄ سِکيا جنهن ۾ اتهاس، ارٿ شاستر، سکيا شاستر اچي ويا. (7) نِيتِي شاستر علم اخلاق، جنهن ۾ سچِي مذهبي سکيا اچي ويئي. جيڪڏهن ساري عمر ئي تي مهينا انهن گيانن يا عِلمن مان هڪ هڪ علم واري وٺيءَ سکڻ، وري ياد ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي ڪوشش ڪجي تہ ماڻهوءَ جو سچو علم سالم ۽ وڌندڙ رهي. هيءَ جو ماڻهو اجايو سجايو جيڪي وٽين سو پيا پڙهن جنهن ۾ نہ ڪو جتاءُ ۽ نہ استعمال، تنهن بدران سچو ۽ ڪمائتو علم حاصل ڪرڻ گهرجي جو هر هڪ کي هر هنڌ هر وقت ڪم اچي، تنهن ڪان پوءِ اهڙو جو گهڻن کي گهڻن وقتن تي گهڻن هنڌ ڪم اچي ۽ اهڙيءَ طرح تنهنڪري صحت ۽ سکيا، تندرستيءَ ۽ تعليم. جي ڄاڻ سيني کي هجي تہ چڱي، هنر ۽ وندر، اخلاق ۽ انصاف، انهن سيني جي سِکيا تمام ضروري آهي.

- **خُودِ غرضِيءَ جا جذبو قابُو رکجن**

پاڻ سُڌارڻ جو پهريون ڏاڪو آهي آدرش ناهڻ ۽ دُعا گهُرڻ. انهيءَ طرح عزت، پريم ۽ همدردي وڌائڻ ڪري خود غرضيءَ جي جذبي کي قابو ڪرڻ سولو ٿيندو. جيئَن مهاتما گانڌيءَ ڏيکاريو آهي ’سواد اندريہ سنيم‘

پاڻ سُڌارڻ لاءِ ڏاڍو ضروري آهي. يعني ڪاڏي پيتي ۽ ويسن پهرڻ جو ماڻهو غلام نہ ٿئي پرحد اندر رهي خواهشون رکي. ماڻهو خيال ڪري تہ ڪاڏو پيتو جياپي ۽ تندرستيءَ لاءِ آهن, نہ ائين تہ جيئڻ ڪو فقط ڪاڏي پيتي جي لذتن ونڻ لاءِ آهي. تنهنڪري جيڀ جي سواد پوئتان هو تندرستي جو جتن ڪرڻ ڪين چاهيندو, نڪي فقط وات جي چشڪي لاءِ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ پيئڻ جا شوق ونندو. هن کي خيال ٿيندو تہ جيترو جياپي ۽ تندرستيءَ لاءِ ضرور آهي تنهن کان وڌيڪ نہ کان, نہ تہ ٻين لاءِ خوراڪ کٽي پوندي ۽ ٻيو کائڻ ۽ شيون اجايون نہ وڃايان ڇو تہ مونکي ٻين انسانن جي محنت جو قدر ڪرڻ گهرجي. ڌن ۽ دولت اسان وٽ هڪ قسم جي امانت آهن جي سيني جي ڀلي لاءِ ڪم آڻڻ گهرجن نہ فقط خود غرضي ۾ چَٽُ ڪجن. وري بي اعتدالي نہ فقط تندرستيءَ کي خراب ٿي ڪري, پر من جي طاقتن کي بہ ٿي مُنجهائي ۽ سُستي ٿي پيدا ڪري, گهڻي کائڻ ڪري اُوچ جذبا ۽ اوچ خيال گهٽ ٿا پيدا ٿين. تنهنڪري پاڻ سُڌارڻ لاءِ ڪاڏي پيتي ۾ پاڻ تي قابُو رهڻ گهرجي ۽ اعتدال سِکڻ گهرجي.

- **خُود ضابطگِي**

پاڻ سڌارڻ لاءِ خُود ضابطگِي جي تمام ضرورت آهي ماڻهوءَ ۾ جيڪو ويرج پيدا ٿئي ٿو تنهن سان بہ ڪم ٿي ٿا سگهن, پاڻ ۾ نئين حياتي آڻڻ يا ٻئي نئين حياتي يعني اولاد پيدا ڪرڻ. جيڪي ماڻهو ويرج جي حفاظت ڪن ٿا ۽ پاڪ خيال ۽ عادتون رکي ساري عُمر خُودضابطگِيءَ سان ۽ نفس تي قابُو پائي رهن ٿا تن جي بدن, دل ۽ دماغ جون طاقتون تمام اعليٰ ٿين ٿيون. انهيءَ کان سواءِ جيڪي گهر ۾ خود ضابطگِيءَ جو پالن ٿا ڪن ۽ اولاد پيدا ڪرڻ جي ڪم کان سواءِ فقط ٿوري وقت نفساني لذتن لاءِ ويرج نہ ٿا وڃائين, اهي بہ نئين ۽ اُتم حياتي حاصل ٿا ڪن. ٻين جي ڀلاءَ جي ڪم ۾ سواڏياءِ پاڻ ويچار ۽ پاڻ سُڌار جي ڪم ۾ ماڻهوءَ کي ايترو لڳڻ گُهرجي جو هو خودصابطگِي ڪري سگهي. هن موضوع تي مهاتما گانڌي, جو ڪتاب لکيو آهي تنهن ۾ ڏيکاريو اٿس تہ يوڳ جي حياتيءَ کان خود ضابطگِي جي حياتي صدبار سُٺي آهي. پاڻ کي نفساڻِي خواهش جي وهڪ ۾ وهڻ ڏيڻ بدران پاڻ پلڻ تمام اُتم آهي.

- **جوڙجڪ ۽ نماڻائي**

ماڻهو ۾ ڏاهپ ۽ ڏاهپ جا جذبا ٻئي موجود آهن. پاڻ سڌاري لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو ڏاهه نوهه ۽ جوڙجڪ جو جذبو مضبوط ڪري ۽ پيچ ڏاهه جو جذبو قابو ۾ رکي. پر پاڻ سڌاري جي رستي ۾ مشڪل کان مشڪل ڪم آهي مغرُوري ۽ وڏائي روڪڻ، ايمان، ۽ مَغرُوري روڪڻ. ماڻهوءَ ۾ ٻين جي مٿان زور جمائڻ جي خواهش موجُود آهي جنهنڪري هو ڪيترا دفعا ٻين تي ناجائز زور ٿو جمائي، ظلم ٿو ڪري. پاڻ سڌاري لاءِ انهيءَ غُرور ۽ وڏائِي کي قابُو ڪرڻو آهي. ماڻهوءَ ۾ اهو به خيال رهي ٿو ته سندس مان ٻين کان وڌيڪ ٿئي. ماڻهو واهه واهه ۽ ساراهه پسند آهي پر پاڻ سڌارڻ لاءِ انهيءَ خواهش کي به قبضي ۾ آڻڻ ضروري آهي. اهي خواهشون قبضي ۾ تڏهن اينديون جڏهن ماڻهو نوڙت جو جذبو وڌائيندو رهندو ۽ درگُذر جو جذبو پيدا ڪندو. سمجهي ڏسندو ته دولت، حڪومت، شان شوڪت کي ٿورو جٽاءُ آهي. اندر جي آرام، انساني ايڪتا ۽ سڀ جي سُکدائي ٿيڻ لاءِ غرور کي روڪي سيني جي سَهائِتا جو شُڪر گذاريءَ سان ذڪر ڪرڻ گهرجي. ٻين جي مدد کان سواءِ بلڪل سچ پچ ڪيتري ته طاقت آهي انسان کي، پاڻ پالڻ جي يا سُڌارڻ جي، اهو خيال اڳتون آڻي، نوڙت جو جذبو پيدا ڪرڻ گُهرجي.

- **خود غرضي تَرڪ ۽ ٻين جي ڀلائي**

انهيءَ لالچ ۽ خود غرضي متعلق جذبي کي قابُو ۾ رکڻ بس نه آهي پر عزت، پيار ۽ همدردي وڏائي ٻين لاءِ جيئڻ سڀ جو سُکدائي ٿيڻ جو ايياس پاڻ ۾ آڻڻ ضروري آهي. انسان جو سچو سُڌارو قربانيءَ سان حاصل ٿو ٿئي. گهر ۾ ٻين جي سک جو پنهنجي سک کان اڳ ۾ خيال ڪرڻ، پاڻ کي ڪُل تان قربان ڪرڻ سان ماڻهو اوچ ۽ مهان ٿئي ٿو. اعليٰ انسان شهر جي سُک ۽ خدمت کي گُهرجي سُک ۽ خدمت کان وڌيڪ اُتم ٿو سمجهي ۽ شهر جي سُک مٿان گهر جو سک قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿو رهي. ۽ مُلڪ جي سُک مٿان شهر جو سُک قربان ڪرڻ هن لاءِ آسان ٿو ٿئي. پاڻ سُڌارڻ لاءِ تنهنڪري ٻئي جي ڀلائي جو جذبو اختيار ڪرڻ تمام ضروري آهي. پر خير ته پنهنجو خير.

مرنا ڀلا هئي اُسڪا جو اپني ليئي جِيئي،
جيتا هئي وهه جو مرچُڪا انسان ڪي لئِي.

اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ کي پاڻ سُڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گُهرجي ته لالچ جي جذبي مان نڪري سُرتِ جي جذبي ۾ اچي، سيني جو سُک پنهنجو سُک ڪري سمجهي. انهيءَ طرح سمر درسي سيتل، سدائين سڀ جو سُک دائي ٿيڻ لاءِ رُوحاني شاعرن جا بيت پڙهڻ ۽ مذهبي ڪتابن جو دؤر ڪرڻ تمام ڪارائتو آهي. جيئن ته ساميءَ جا سلوڪ، ستگر اُپديش، سُکمنِي، جپ صاحب ۽ گيتا توڙي ٻِين مذهبن جي پاڪ ڪِتابن ۾ ڪيترا سُٺا خيال اهڙا ملندا. پاڻ سُڌاري شل هر هڪ اُوچو انسان ٿئي ۽ اعليٰ انسان جو نشانيون ساميءَ سچيءَ طرح ڏنيون آهن.

ڪيڏي وڏائي ڪريان ساڌِ پُرشن جي
سمر درسي، سِيتل سدا، سڀ جا سُکدائِي،
ممتا پيل اندر ۾ رکن نه رائِي،
سامي سدائي، ڪن اُپڪار اچاهه ٿي.

- **رُوحانِي ترقي ۽ پاڻ آرپڻ**

پاڻ سُڌارڻ جو رستو آهي هر روز پرارٿنا يا دُعا گهرڻ سان اندرين طاقتن کي زور وٺائڻ، پريم، عزت ۽ ديا وڏائي خُود غرضِي جي جذبن کي حد اندر رکڻ ۽ سمجهه وڏائي ۽ پاڻ پلي پنهنجي پاڻ کي ڪُل سيوا، ۽ انسان ذاتِ جي سيوا يا خِدمت لاءِ ارپڻ يا وَقف ڪرڻ.

- **سات جي سهائتا**

پاڻ سڌارڻ لاءِ چڱي ڪُٽنب ۾ جنم وٺڻ ۽ پاڻ ڪوشش ڪرڻ کان سواءِ سات جي سهائتا به گهڻو ڪجهه ڪري ٿي سگهي. جيئن ته جيڪڏهن ڪنهن شهر ۾ عام سلامتي، عام صحت، عام سکيا، عام راند رُوند جي ميدانن ۽ باغيچن ۾ عام آسُودگِي، عام اخلاق ۽ عام انصاف جو پُورو پُورو بندوبست هوندو ۽ انجمون يا تنظِيمُون سڀ انهن مقصدن تي هلنديون رهنديون، تڏهن هر هڪ کي پاڻ سُڌارڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملندي. جيئن سندس پاڻ سُڌارڻ ڪري انهن سات جي بندوبستن کي تمام گهڻي تقويت رسندي.

باب ڏھون

سماجِي طرِيقا

جُدائِي ۽ ميلاپ،ملڻ ۽ جدا ٿيڻ، گڏ رهڻ ۽ الڳ رهڻ، اهي طريقا ته سماج ۾ هميشه پيا ڏسجن. تيئن ئي ماڻهن ۾ چڙهت ۽ چتاپيٽي به هرهنڌ ڏسڻ ۾ تي اچي. ساڻ ساڻ چٽا پيٽيءَ سان جنگ تي ٿئي ته وري هر هنڌ وقتي ۽ دائمي ناهه به ڏسڻ ۾ بڻيا اچن. وڏي کان وڏا ضد به وقت جي گُذرڻ تي سانت ٿيو وجن ۽ هر هڪ پنهنجي درجي کي قبول ڪري پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندو ٿو رهي. ڪٿي ته وڏا وڏا مجموعا گڏجي محبت سان ملي ڪم پيا ڪن ۽ سهڪاري رستو هلندڙ آهي. سهڪار ساڻ هڪ جهڙائي ڪرڻ جي ڪوشش به مندرن مسجدن ۽ اسڪولن ۾ عادتون پيدا ڪرڻ جي وسيلي ٿيندي ٿي رهي. پر وري وقت جي ڦير ڪري انهن جي ذهنيت ڦري ٿي، جيئن جيئن اهي وڌندا وجن ٿا تيئن بدامني به پيدا ٿي ٿئي ۽ پوءِ ڪِٿي ڪهڙي هلچل ته ڪِٿي ڪهڙي پيدا ٿِي ٿي پوي. ڪي 'لڪير جا فقير' اڳين رسمن رواجن تي پيا هلن ته ڪي نون رستن کي پسند ٿا ڪن. پر گڏيل حياتيءَ جي ڪم هلائڻ لاءِ وري سماجي ضابطو به هر هنڌ ڏسڻ ۾ تو اچي. اهي سڀ آهن سماجِي حياتيءَ جا طريقا، جن تي اسين هن باب ۾ ڪجهه ڏيان ڏينداسون.

- **جُدائِي ۽ اڪيلائپ**

شاگرد عام ماڻهن کان جدا ٿِي وڃِي ڪنهن خاص اسڪول يا ڪاليج ۾ پڙهي ٿو ۽ انهيءَ جدائيءَ ڪري خاص علم پرائي ٿو. ساڌو ۽ سنت پِير ۽

فقير ايڪانت ۾ ويهي پنهنجو پاڻ سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪن، عبادت ۾ روحاني علم تا وڏائين يا ڇگن ڪمن جو سناءُ تا رتين. اهڙي قسم جي اڪيلائپ سان گڏ گڏ چوندبيل سنگ به رهي ٿو ۽ اڪيلائپ ۾ وقتي جدائيءَ ڪري ماڻهو پنهنجو اندريون طاقتون وڏائي سگهي ٿو. ماڻهو پنهنجي گهر حياتيءَ لاءِ خِلوت يا آڪيلائِي چاهين ٿا. ڪجهه وقت ٻين جي نظر کان بچيل تا رهڻ گهرن. شاهوڪار غريبن کان، پڙهيل اڻ پڙهيل کان وڇوتي تا رکن، اُهي سڀ جدائي جا قسم پنهنجي بچاءُ ۽ عزت جي بچاءُ لاءِ آهن. پر جيڪڏهن جدائي سان گڏ گڏ ميلاپ جا موقعا ماڻهوءَ کي نه هجن ته جيڪو جَڏو ٿي پوي. جيڪي ٻار نندي هوندي اتفاق سان جهنگن ۾ اڪيلا ڇڏجي ويا آهن ته اُهي ٻولي به ڪين سکي سگهيا آهن. جن کي سُڌريل صحبت نه ملي اهي پاڻ سُڌاري به ڪين سگهيا آهن. سندن طاقتون ئي گُم ٿي ويون آهن. تنهنڪري وقتائتي اڪيلائپ مان فائدو آهي، پر اصل جدائي مان سمجهه کي جوکو آهي ۽ ماڻهوءَ جو واڌارو ڪونهي. سماجي درجا، مذهب، فرقا جدائيءَ ڪري تا قائم رهي سگهن. خاص مذهب هم مذهبي پائرن يا ساڳي فرقي وارن سان وڌندڙ ميلاپ ۾ ٻين کان پاسو ڪرڻ ڪري ئي اُهي هلي تا سگهن پر تمام گهڻي جُدائي ڪري منجهن تعصب پيدا ٿئي ٿو. هن زماني ۾ جڏهن ذات پات جو پيد اسڪولي لاهي ڇڏيو آهي ته وري چڙهت ڪري ڪي شاهوڪاري ۽ عِلم ۾ ٻين کان اڳي تا وڌي وڃن ۽ نئين قسم جون جُدايون پيدا ٿيون ٿين. شاهوڪاري بنگلن جو محلو جدا ٿو ٿئي. غريبن جا گهر جُدا پاڙي ۾ تا هجن، پڙهيلن جو سماج اڻ پڙهيلن کان وڃي جدا ٿيندو. انهيءَ طرح پيو ڏسجي ته ايڪانت، خلوت، جتي چوندبيل ميلاپ ملي ٿو اُتي فائدو پهچائن ٿيون، پر جتي ڪن حالتن ڪري ماڻهن سان ميلاپ گهٽ ٿو ٿئي جيئن جهنگ ۾ رهجي وڃڻ ڪري يا ڪنهن پاسيري ڳوٺ ۾ رهڻ ڪري ته اُتي ماڻهو ٻين کان جدائي ڪري جهنگلي رهجو وڃن يا ڳوناٽن وانگر سادا. وري شهرن ۾ ڏسجي ٿو ته نفاق آڻيندڙ سماجي وڇوتي ۽ جُدائِي جا مثال تا ملن جن منجهان وڏي وڏي بي آرامي ۽ فساد به ٿيو پون جيئن هندو مسلم مذهبي فساد، ڇوت اڇوت جو ناراضپو ۽ شاهوڪاري غريبي جا تڪرار وغيره. ساڻ سِکيا جي سکندڙن کي انهيءَ طريقي تي ويچار ڪرڻ کپي ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ گُهرجن، جن ۾ هر هڪ کي ضروري ايڪانت ۽ ميلاپ ملي ۽ نفاق وجهندڙ وڇوتي ماڻهن ۾ گهٽندِي رهي.

- **ميلاپ ۽ لاڳاپو**

سماجي حياتي شروع ٿي ميلاپ ۽ لاڳاپي مان ٿي ٿئي تنهنڪري لاڳاپي ۽ ميلاپ جا قسم سمجهڻ ضروري آهن. لاڳاپو نہ فقط جدا جدا ماڻهن جي وچ ۾ آهي پر مجموعن جي وچ ۾ بہ. ويجهي کان ويجهو لاڳاپو اُهو جنهن ۾ من سان هڪ ٻئي کي ڇهي سگهجي، تنهن کان وڏيڪ پکڙيل لاڳاپو جتي ڏسي ٻڌي سگهجي. پرجن سان لکپڙهہ جو رستو آهي انهن سان بہ لاڳاپو ۽ ميلاپ آهي، جن بابت اخبارن ۾ پيا پڙهون تن سان بہ خيالي لاڳاپو ٿيو. انهيءَ کان بہ پکڙيل لاڳاپو آهي واپار جي رستي، جو ملڪ ملڪ جون شيون پيا ڪتب آڻيون ۽ انهيءَ طرح هڪ ٻئي کي پيا مدد پهچايون.

ساڳئي گهر، پاڙي، ڳوٺ، شهر ۾ رهڻ ڪري ويجهي کان ويجهو ميلاپ ۽ لاڳاپو ٿيندو ٿو رهي. جيتوڻيڪ ڪجهہ قدر اُهو سچ آهي تہ 'جيڪو چُلهہِ تي سو دِل تي' پر اُهو بہ سچ آهي تہ جيڪو دل تي سو وڌيڪ وينجهو. هڪ ٻئي جي ويجهو وينل بہ دل ۾ هڪ ٻئي کان دُور ٿي ٿا سگهن. شهرن ۾ پاڙيسرين کي هڪ ٻئي جي نالي جي خبر ڪا نہ نهي.

برادريءَ وارا، نيات ڀائي، ذات ڀائي ۽ مُلڪ ڀائي سڀ هڪڙي قسم جي لاڳاپي ۾ آهن. اٿين نہ سمجهڻ گُهرجي تي ويجهائي ڪري هرويرو هڪ ٻئي سان پيار ٿو وڌي. تمام گهرا ضد بہ ويجهائي ڪري ٿا ٿين. گهڻي ميلاپ مان گهڻو پيار ۽ گهڻو ضد ٻئي نتيجا ٿي ٿا سگهن. پر اهو سچ آهي تہ برادريءَ وارن، ڏنڌي ڀاين، ذات ڀاين، مُلڪ ڀاين کي هڪڙي پنهنجائي جي نظر سان ٿو ڏسجي جنهن نظر سان ڌارين کي ڏسڻ تمام مشڪل ٿو ٿئي. ڪن کي پنهنجو ڪري ٿا سمجهون ڪن کي پرائو ۽ پنهنجي مجموعي لاءِ الفت ۽ پرائي لاءِ شڪ ۽ ڪڏهن ڇرڪ ۽ نفرت ڏسڻ ۾ ٿي اچي.

ماڻهن جو لاڳاپو ۽ ميلاپ فقط هلندڙ زماني جي ماڻهن ۽ خيالن سان نہ آهي پر هرهڪ مجموعي کي پنهنجن اڳين سان اتهاسڪ يا تواريخي لاڳاپو بہ آهي، جيئن مُختلف مذهبن ۽ ڌرمن جي ماڻهن کي پنهنجي پيغمبرن، اوتارن، سيپتائن ۽ آدرشن سان خاص لڳاءُ هجي ٿو. جڏهن اُهو جاتيءَ آدرش مان لاڳاپو گهٽ يا گُمَ ٿي ٿو وڃي تہ بہ مجمُوعي کي نقصان ٿو پهچي. پر تواريخي گذريل زماني جي آدرشن ۽ ماڻهن سان بہ لاڳاپو رهي ٿو

جنهنڪري اڳين رهڻي به هلندي اچي پر ڦيرڦار وقت جي مناسبت سان به ٿيندي ٿي رهي.

ميلاپ ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا ويجها گهرا مُڪا ميلي وارا. ٻئيا پريان خيالي اُچاترا. ويجهن ۾ به عزيز خويشن جو ميلاپ تمام ويجهو پوءِ دوستن دڙن جو پوءِ فقط ڄاڻ سُڃاڻ وارن جو ۽ پوءِ شهر واسين يا هم پيشه وارن جو وغيره. اڄ ڪلهه شهرن ۾ ويجها ۽ گهرا ميلاپ وڃن گهٽ ٿيندا ۽ پريان خيالي اچاترا ڦيرو آٽيندڙ ميلاپ وڃن وڌندا. وڏن ڪارخانن ۾ مالڪن ۽ ڪمين يا پورهيتن جو ملڻ ٿي ڪو نه ٿئي. منڍلين وسيلي جيڪو خير خيرات ٿئي تنهن ۾ خيرات ڏيندڙ ۽ خيرات وٺندڙ پاڻ کي اکين سامهون ڏسڻ ٿي ڪونه. راڄ جي ڪمن ۾ به ڏِل پريندڙ جا عيوضي حاڪمن سان ملن پر خود ته ورلي، انهيءَ ڪرڻ ماڻهن ۾ بي چيني پيدا ٿئي ٿي ۽ ناٽڪن، سئنيمائن، ليڪچرن، ٻئنڍن ڪلبن ۽ لئبررين ۾ وڃي ڪجهه قدر دل ٿا نارين.

- **پُراڻيون رَسمُون ۽ نوان فئيشن**

ميلاپ ڪري ماڻهو سماج جي رهڻي ڪهڻيءَ جا رستا ٿو سِکي. سماج جا ڪي حصا پُراڻا رستا سيکاريندا ٿا رهن ۽ ڪي حصا نوان. اڳيان برادري خيال، نون اسڪولي ۽ شهري ۽ اخبارن ۽ ڪتابن مان حاصل ٿيل خيالن ۽ رسمن سان ٽڪر ٿا کائن ۽ انهيءَ طرح سماج جي رهڻي ڪُجهه قدر اڳين زمانن موجب ۽ ڪجهه قدر نئين فئشن تي هلندي ٿي رهي. ڪي وري اهڙا ٿا پيدا ٿين جي اڳين رسمن مان به چڱيون چُونڊي قائم رکڻ ۽ انهن کي زور وٺائڻ جي پيا ڪوشش ڪن ته ڪي نون خيالن ۽ رسمن مان به لايدائڪ خيال ۽ رسمون ماڻهن ۾ پرچار ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. اهڙا ماڻهو سماج جا سُڌارڪ چئي ٿا سگهجن. زماني جي ڦرندڙ حالتن ماڻهن جي ڦرندڙ گُهرجن آهر ۽ خيال موجب چڱي ڦيري آڻڻ جي ضرورت آهي پر قديم رواجن ۾ ڪيترا تمام چڱا رواج آهن، جيڪي سماج کي ڪڏهن وڃائڻ ڪن گُهرجن.

- **چڙهت ۽ چٽاڀيٽي**

کُوهه هڪ ۽ پياسِي گهڻا.هڪ ٻئي تي چڙهت ٿا ڪن ته ڪير پهرياڻين پاڻي پري. ڪا ننڍي وڏي نوڪري خالِي ٿي ٿئي ته گهڻائي انهيءَ لاءِ درخواستون ٿا ڪن ۽ هڪ ٻئي سان توٽي اُهي مليا نه به هجن ته به

چڙهت تہ هڪ ٻئي تي ڪري چُڪا. ہ سيڏي وارا هڪڙي گهر جي گراهڪي هٿ ڪرڻ ٿا چاهين. انهن جي پاڻ ۾ چڙهت لڳي ٿي، جنهنڪري هڪڙو ٻئي کان گهٽ اگهہ تي يا اوڌر تي ڏيڻ جي آڇ ٿو ڪري. جيتري قدر هر هڪ پنهنجو خاص سُک پهريائين ٿو چاهي، تيتري قدر جتي جتي سيني کي سُک هڪدم نٿو ملي سگهي يا هڪ جيترو نٿو ملي سگهي اوتري قدر چڙهت ٿئي ٿي. جيڪڏهن واپار مان چڙهت ڪيي ڇڏجي تہ هڪ هٿيءَ ڪري وڪڻندڙ خريدار کي ستائي سگهي. جي خريدار سڀ هڪ تي وجن تہ دُڪاندار کان مال پنهنجن اگهن تي وٺن يا سندس ڪم بيهاري ٿا سگهن. تنهنڪري ڪُجهہ قدر چڙهت مان فائدا آهن پر چڙهت وڌندي وڌندي چڙهت ۾ جا آزادي آهي سا ناس تي ڪري سگهي. چڙهت ۾ سوپارا ايترو طاقتوارا ٿي ٿا وڃن جو نون کي، پچڻ نہ ٿا ڏين تنهن ڪري وقت اچي ٿو جڏهن رسم رواج ۽ قاعدي موجب چڙهت گهٽائٽي ٿي پوي. هر هڪ آزاد آهي بيشڪ ڊاڪٽر ٿئي، پر سمجهو تہ شهر ۾ گهرجن ويهہ ڊاڪٽر ۽ اچي وينا پنجويهہ تہ ڪي تہ انهن مان چڙهت ۾ بيهي ڪين سگهندا ۽ ڪمائيءَ نہ هئڻ ڪري ڪم ڇڏي ڏيندا اڳتي ڊاڪٽريءَ ڏانهن تورا پڃندا. انهيءَ طرح چڙهت ڪري پورهئي جي ورڇ ٿئي ٿي. هڪ هڪ ڪم ۾ ڪيترا ماڻهو گهڙن تن جي خبر پوي ٿي. پر چڙهت هڪڙي بي خيالي ۽ انڌو رستو آهي ۽ ڪيترن حالتن ۾ چڙهت تي بندش بہ آهي.

جيئن واپار ۾ چڙهت جاري آهي تيئن راڄ نيتيءَ ياسياست ۾ چتا پيتي پيئي ڏسجي. چتا پيتي جو سخت کان سخت رُوپ آهي جنگ ۽ لڙائي، جنهن مان ڪيترو نُقصان ٿو ٿئي پر جتي ٻئي طرح جهيڙا نبري نٿا سگهن اُتيِ جنگ جو ئي رستوڪم ٿو اچي. ساڳئي مجموعي ۾ جنگ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ آهن چونڊون، جن موجب حڪومت انهن جي جن جا هم خيالي وڌيڪ. بحث سان دليون ملائي ناهي ڪرڻ بہ چتا پيتي دُور ڪرڻ جو رستو آهي. ماڻهن ۾ تڪرارڪورٽن ۾ فيصل ڪرائڻ جو طريقو انهيءَ لاءِ جاري ٿيو تہ هو جنگ نہ ڪن. ڪورٽن بدران جي امين وٽان فيصلو ٿي سگهي تہ بهتر. امينن کان هڪ ٻئي ساڻ ڳالهائي نهي وجڻ بهتر. پاڻ نياءُ موجب هلڻ تہ سڀ کان بهتر پر جي نہ ٿئي تہ ديواني فوجداري يا ڪليل لڙائي. سماجي رهڻي ۾ چڙهت ۽ چتا پيتي ٻئي ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ انهن مان گهٽي کان گهٽو فائدو وٺڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ عام خير کي نُقصان پُهچي اهڙو خيال اسان کي رکڻ گهرجي.

- **ٿهپ ۽ سهڪاري سرشتو**

پر سماج فقط ڇتا پيٽيءَ يا چڙهت تي ٻڌل نہ آهي. ڇتا پيٽي ۽ ضد آخر نبرجن بہ ٿا ۽ نبيري بعد يا ان کان اڳ ۾ سماج ۾ سهڻ جو طريقو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ماڻهو سانت سان گهٽ درجو قبول ڪري ڪم ڪندا رهن ٿا. ڪڏهن تہ چڙهت ۽ ڇتاپيٽي وساري پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ايڪتا وڏائي سهڪاري رستو اختيار ڪن ٿا ۽ محبت سان ملي وڏاوڏا ڪم ڪاريون پار ڪن ٿا. برداشت ۽ سهڪاري رستو بہ سماج ۾ هلندڙ آهي ۽ اهو بہ جاچڻ ۽ وڌائڻ گهرجي. انهيءَ رستي ڪري ڪيتري چڙهت ۽ ڇتاپيٽي دُور ڪري سگهجي ٿي، هيٺا پنهنجا حق حاصل ڪري ٿا سگهن، غريب پنهنجا مددگار پاڻ تي ٿا سگهن، سستي وياج تي اوڌر وٺي ٿا سگهن، هاري جيڪي ڪپين سو سستو خريد ڪري ٿا سگهن ۽ پنهنجي پيدائش سُٺن اگهن تي نيڪال ڪري ٿا سگهن. انهن رستن تي ڌيان ڪري سماج کي تمام فائدو پهچائي ٿو سگهجي. گهڻا آجايا دلال ۽ دُڪاندار نڪري ٿا وڃن گهٽي اجائي ڍوءَ بچي ٿي پوي ۽ گهرجون سستيءَ طرح پُوريون تي ٿيون سگهن.

- **سِڪيا منجهان برابري آڻڻ**

سماج ۾ برابري ۽ رهڻي ڪهڻي ۽ خيالن ۽ خواشن کي هڪ ڪرڻ جي ڪوشس بہ هلندي رهي ٿي. مذهبي ماڻهو چاهين ٿا تہ ٻين جا خيال پاڻ جهڙا ڪريون. اسڪولن ۾ زوري تعليم جي رستي ماڻهن جا هڪجهڙا خيال ڪرڻ ۾ اچن ٿا. اخبارُون بہ پنهنجن پڙهندڙن ۾ هڪجهڙا خيال پيدا ڪرڻ چاهين ٿيون. پر انهن طريقن سان گڏو گڏ وري جُدا جُدا مجموعن ۾ ضد بہ جاڳايا وڃن ٿا، جُدائِي بہ چڙهت ۽ ڇتا پيٽي پڻ. تنهنڪري سکيا جو طريقو اهڙو هجي جو سيني کي سچا خيال سيکاري ۽ سچي ايڪتا آڻي ڪُشاده دلي پيدا ڪري تہ سماج ۾ اندريان ضد ۽ ڇتاپيٽيون دُور ڪري سماج جي طاقت تمام وڌي وڃي ۽ سيئي گڏجي ٻُک بيماريءَ، بدچالِي ۽ بي انصافِي، بد زيب ۽ بي هُنرِي کي ترڙي ڪڍن.

- **سماجِي بي چئني ۽ تحريڪ**

جتي وقت ۽ ضرورت آهر ڦيرقار آڻڻ ۾ رڪاوٽ تي ٿئي اتي ڀهريائين بي چئني ۽ مايُوسِي تي پکڙجي، پوءِ تحريڪ شروع تي ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ضرورت آهر تحريڪ جي آجيان نٿي ڪئي وڃي تہ

آخر بغاوت ۽ انقلاب جي صُورت اختيار ڪري ٿي. انهيءَ طرح سماجي نوان طريقا اچن ٿا. نوان مذهب، نيون سِکياڻون، نوان راڄ ۽ نيون رَسمُون ائين قائم ٿينديون ٿيون رهن.

- **سماجي ضابطو**

پر ساڻ ساڻ سماجِي حياتِي هلائڻ لاءِ سماجِي ضابطو بہ هلندو ٿو رهي. سماجي ضابطو ريتن رواجن جي ذريعي ٿو هلي، عام راءِ موجب ٿو هلي، ۽ آخر ۾ مذهبي خيال ۽ قاعدا قانون ۽ انجمنُون (تنظِيمُون) ماڻهن جي خيالن، خواهشن ۽ ڪمن کي هڪڙي حدَ کان ٻاهر وڃڻ کان روڪين ٿيون. ٻين ماڻهن جي حاضري ۾ ماڻهو پنهنجا خيال ڇڏي عام خيالن تي هلڻ شروع ٿو ڪري. عام راءِ موجب هو رواجي هلت ڪري ٿو. قاعدا قانون هن کي تمام وڏيڪ بد چال يا نرالو ٿيڻ کان روڪين ٿا ۽ مذهب مان هو اَندرُوني ضابطو اختيار ٿو ڪري جنهن ڪري ڏُور رس سوچ رکندڙ ۽ ڪومل ويچارن وارو هر ماڻهو سدائين سڀ جو خير گهُرو ٿيڻ خود بہ خود پسند ٿو ڪري. تنهنڪري جڳت سُڌارڻ لاءِ عام کي سُڌارڻ ۽ ان جي طاقت وڌائڻ، قانون عام خير کي خيال ۾ رکي ناهڻ ۽ ماڻهن ۾ ايڪتا ۽ چڱائي آڻيندڙن مذهب کي زور وٺائڻ ضروري آهي. مٿين سيني طريقن تي ويچار ڪري سُٺي کان سُٺا طريقا اختيار ڪري سماج جو سُڌارو ڪري ٿو سگهجي. خاص ڪري سُٺِي سِکيا سڀ ڪنهن کي ڏيڻ، سهڪاري طريقو هر هُنر ۽ واپار ۾ پکيڙڻ، ۽ ماڻهن ۾ سَچا مذهبِي خيال ۽ سُڌريل عام راءِ آڻي منجهن سنو سنگتن (سُٺِي صُحبت) ۽ ايڪتا آڻي ٻُک بيمارِي، بي هُنرِي ۽ بدزيبِي ۽ بي علمِي ۽ بد چال دوُر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي سگهجي. سماج آهي انسانِي گهُرجُون پُوريون ڪرڻ لاءِ ۽ سُڌريل سماج هر گهر ۾ خوشي ۽ خوشحالِي آڻڻ لاءِ انهيءَ مٿي تحت پنهنجُون ڪوششون جاري رکندو ايندو آهي تہ:

گهر گهر سِکيا ۽ گهر گهر صحت
گهر گهر اخلاق ۽ گهر گهر انصاف
گهر گهر خُوشي ۽ گهر گهر خوراڪ
گهر گهر وِندر ۽ گهر گهر هُنر

✠ ✠✠

- ڳوٺن، شهرن، ملڪن کي جاچڻ لاءِ پروفيسر گيڊز جو رايو آهي ته پهريائين سندن طبعي ۽ جاگرافيائي حالتن جي جاچ ٿئي، پوءِ وري ڏسجي ته تواريخي خيالن موجب ڳوٺ شهريا مُلڪ ڪهڙيءَ حالت مان لنگهي ڪهڙيءَ تواريخي حالت تي پُهتل آهي، پوءِ وري آدمشُماري، زالن مڙسن جو تعداد، تندُرستي ۽ بيماريءَ وغيره، تعليم، هُنر ۽ وِندر وغيره جي جاچ ڪجي، پوءِ آخر ۾ جاچ ڪجي ته منجهس اخلاقي خرابيُون ۽ گهٽتائيُون ڪهڙيون آهن. سُڌاري جو ڪم وري پهريائين اخلاقي خرابين ۽ گهٽتاين کي دُور ڪرڻ سان شرُوع ٿيڻ گُهرجي، پوءِ تعليم ۽ تَندُرستِي سُڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پوءِ تواريخِي يا سياسِي حالت ۽ آخر ۾ طبعي، زمينِي وِرچ سُڌاري جي رٿ ۾ ڪوشش ٿيڻ کپي.

- اسان جو مُلڪ ڳوٺاڻو مُلڪ آهي. هر هڪ پنجن ماڻهن مان چار ماڻهو ڳوٺن ۾ رهن ٿا. ڳوٺن جو وسِيع تعداد رکندڙ ڪنهن بہ مُلڪ جو سَچو سُڌارو ڳوٺ جي سُڌاري تي آڌار (مدار) ٿو رکي. هر هڪ شهر جي ماڻهن کي گُهرجي ته سندن چوڌارِي جيڪي ڳوٺ هُجن تن جي خبردارِي ڪن. جيئن انهن کي اَنُ، ڀاڄِيُون ۽ کاڌو ڳوٺن مان ملي ٿو، تيئن هو بہ تعلِيم ۽ تَندُرستِيءَ جِي بهبوديءَ وارا ڪم ڳوٺن ۾ ڪندا رهن ۽ سائنس ۽ اوزارن جي سُڌارن جو فائدو ڳوٺاڻن تائين پهچائين. اُنهن جي بَچاءُ ۽ اُنهن جي اخلاقي بهتريءَ ۽ وِندر جي ڪوشش ڪندا رهن. ڳوٺن مان وڃجن سندن پئَدائش ۽ سُٺا ماڻهو وَٺبا ۽ انهن کي بہ سُٺا ماڻهو موٽائي نہ ڏِجن ۽ تعليم جي سُڌاري جو فائدو نہ ڏِجي اهو انصاف جي برخلاف آهي. انهيءَ ڪري اهڙا بي انصافِي ڪندڙ شهر جٽڪِ جَلِندر (يعنِي ٻَرهال يا پيٽ ۾ پاڻِي پَرجڻ ۽ ڦُوندجڻ) جِي بيماريءَ ۾ مُبتلا آهن. سُڃِي ٽُرها ٿيا آهن ۽ سندن آس پاس جا ڳوٺ جٽڪ سِلهہ (ٽِي.بِي) جي بيماريءَ ۾ سُڪِي چَٽ ٿيندا ٿا وڃن. شهر جي چڱن ماڻهن کي ڳوٺن ۾ وڃي ڳوٺاڻن جي خدمت ڪرڻ گُهرجي ۽ ڳوٺن جُون حالتُون اهڙيُون سُڌارڻ گُهرجن جو ڳوٺ جا سُٺا علم، هُنر، هوش ۽ چڱائِي وارا ماڻهوڳوٺ ڇڏي شهرن ڏانهن نہ ڀُڪِن. شل ڳوٺن جي حالت ڏانهن سيني چڱن ماڻهن جو ڌيان وڃي نہ تہ ڳوٺ زبون ۽ بدحال تہ سڄو مُلڪ زبُون ۽ تَباهہ. ڳوٺ سُڌِريل تہ سَڄو ڏيهہ سُڌريل. سوامي وويڪانند سچ چيو آهي تہ، ”سچو ديس ڳوٺن جي چونئرن، لانڍين ۽ جُهوپڙين ۾ ٿو رهي. اُنهن جي خدمت ڪرڻ ئِي آهي: پنهنجي مُلڪ، ڏيهہ ۽ پرڳٽي جِي سچِي خدمت.“

(هِن ڪتابِ مان چُونڊِيل ٽُڪرا)

THARDEEP RURAL DEVELOPMENT PROGRAMME
TRDP

پڙهندڙ نَسُل ۔ پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙهي ٿي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوء چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)